روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

5

# ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ

جامي چانڊيو

سي پي سي ايس
سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
B-98 قاسم نگر-قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
cpcs.sindh@hotmail.com

# ايم ڪيو ايم
# جي سياست
# ۽ سنڌ

ليکڪ: جامي چانڊيو

مرتب: منير چانڊيو

CPCS

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ |
| موضوع: | سياست ۽ ميڊيا |
| ليکڪ: | جامي چانڊيو |
| مرتب: | منير چانڊيو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | جون 2007ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | سٽ روپيا |

All Rights Reserved

| | |
|---|---|
| **Book Title**: | MQM Ji Siyasat Aen Sindh |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-5 |
| **Authored by:** | Jami Chandio |
| **Compiled by**: | Muneer Chandio |
| **Year**: | June 2007 |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# سٽاءُ


ٻه اکر 6

ايم ڪيو ايم: پس منظر ۽ پيش منظر 9

سنڌ جا مستقل قومي مفاد، اردو ڳالهائيندڙ آبادي ۽ ايم ڪيو ايم جو سوال 27

گم ٿي ويل "سنڌ ايجنڊا" ۽ نئين سنڌ حڪومت! 44

ڇا سنڌ ڪارڊ سنڌ خلاف استعمال ٿيڻ وڃي رهيو آهي؟ 49

متحده جو نئون موقف: ڪجهه بنيادي سوال 56

پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت، سنڌي قيادت ۽ دانشورن آڏو ڪجهه سوال 65

سنڌ ۽ سنڌين کي ديوار سان نه لڳايو! 72

ڇا سنڌي دانشورن کي سنڌ جو ڪيس نه وڙهڻ گهرجي؟ 81

پ پ – ايم ڪيو ايم ناهه جا نقطا پڌرا ڪيا وڃن! 89

حڪومت ـ ايم ڪيو ايم ڇڪتاڻ: سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ 92

سنڌ جا مفاد: ايم ڪيو ايم جو ڪردار (مذاڪرو) 98
(مهمان: آفتاب شيخ، رسول بخش پليجو ڊاڪٽر قادر مگسي، يوسف لغاري، ابرار قاضي، مولا بخش چانڊيو ۽ جي اين مغل.

# ارپنا

**شهيد محمد نواز ڪنراڻيءَ ۽**
**12 مئي جي اُنهن سمورن**
**شهيدن جي نالي جيڪي**
**“انصاف” جي آجيان جي ڏوهہ**
**۾ ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ جو**
**ڪاچ بڻيا.**

- جامي چانڊيو

# ڀ اکر

جون 2005ع جي ڀڄاڙڪن ڏينهن جي ڳالهه آهي، دوست ڊاڪٽر علي احمد رند فون ڪئي ته ايم ڪيو ايم بابت سنڌ ۾ مختلف سطحن تي انيڪ بحث هلندڙ آهن ۽ سنگت جو خيال آهي ته "افيئر" لاءِ ان موضوع تي مضمون لکي ڏيو. مان فيمليءَ سان ڪوهه مريءَ ۾ ترسيل هئس پر مون ڪيس ٻن سببن ڪري هائوڪار ڪئي. هڪ ته موضوع بيحد اهم هو خاص طور موجوده حالتن ۾ ۽ ٻيو ته مون ڪجهه سالن کان اخبار ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو هو سو اها آڇ ان خيال کان به قبول ڪيم ته لکڻ جي شروعات ڪجي. مضمون ڇپيو ۽ تمام گهڻي موٽ ملي پر اداري پنهنجين ڪجهه مجبورين سبب مضمون جو چڱو حصو ايڊٽ ڪيو. جيڪو سندن استحقاق هو. ليکڪ جي مجبوري وري اها ٿئي ٿي جو اهو چاهيندو ته سڄي ڳالهه سامهون اچي. دوستن جو خيال هو ته ان مضمون جو مڪمل متن ڪٿي ٻيهر شايع ڪجي. منهنجا سنڌ جي سياست جي پسمنظر ۾ ايم ڪيو ايم جي حوالي سان گذريل پندرهن سالن کان انيڪ مضمون شايع ٿيل هئا. سو منهنجي نوجوان دوست منير چانڊيي وڏيءَ محنت ۽ ڪوشش سان لائبريرين ۾ وڃي، اهي سمورا مضمون ۽ ڪالم هٿ ڪيا ۽ ڪين سهيڙي هيءَ ڪتابي شڪل ڏني.

سنڌ جون موجوده حالتون، سماجي، سياسي، معاشي، ذهني ۽ تاريخي حوالي سان ڪنهن کان به ڳجهيون نه آهن. هڪ طرف جيترو حالتون سنگين آهن، ٻئي طرف سنڌي عوام جي قومي ٻڌي، مزاحمت ۽ تاريخي ڪردار کي جڏو ۽ مُڏو ڪرڻ لاءِ انيڪ ذهني، فڪري ۽ نفسياتي ڪوڙڪيون ٺاهيون ويون آهن. عوام کي منجهائڻ، گمراهه

ڪرڻ ۽ دڳ تان لاهڻ لاءِ اوپساهيون، بدگمانيون، مايوسيون ۽ ڪوڙا مفروضا ٺاهڻ جي فيڪٽري چوويهہ ئي ڪلاڪ ڪم سان لڳل آهي. هيستائين سنڌي عوام ڪي ذهني طور شڪست خورده بنائڻ، مسلسل جدوجهد جي راهہ تان ٿيڙڻ، ڪين مايوسين ۽ اوپساهين جي کُنَ ۾ ڪيرائڻ لاءِ وَسان نہ گهٽايو ويو آهي پر سنڌي عوام جي گهٽائي هيستائين سڀ طرفين ڏکين حالتن ڪي منهن ڏيڻ سان گڏوگڏ اورچائيءَ سان اڳتي وڌندي رهي آهي. هاڻوڪين حالتن ۾ ان جي گهرج اڳ کان بہ وڌيڪ آهي.

سنڌ ۽ سنڌي عوام جن ڏکين تاريخي گهڙين مان گذري رهيا آهن، اُن جي سببن ۽ مختلف بنيادي پاسن تي گهرائيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ لکڻ هر هڪ باشعور، باضمير ۽ ذميوار سنڌي دانشور ۽ ليکڪ جو اولين فرض آهي. مون بہ هڪ سوچيندڙ ۽ محسوس ڪندڙ سنڌي ليکڪ جي حيثيت ۾ سنڌ جي قومي وجود ۽ بقا جي مختلف سوالن تي گذريل ارڙهن سالن کان پئي لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل سمورا مضمون ايم ڪيو ايم ۽ سنڌ جي سياست جي حوالي سان ڪجهہ بنيادي سوالن تي سوچڻ جي دعوت ڏين ٿا. جيئن تہ هر مضمون ۽ ڪالم گذريل ڏهاڪي جي ڪنهن نہ ڪنهن نازڪ موقعي تي لکيل آهي، ان ڪري هن ڪتاب جي هڪ تاريخي دستاويزي حيثيت بہ آهي، البت مختلف دؤرن ۽ حالتن ۾ لکيل مضمونن ۽ ڪالمن ڪي جڏهن هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ پڙهجي ٿو تہ ڪٿي ڪٿي ڪجهہ ڳالهين جي ورجاءَ جو بہ احساس ٿئي ٿو. اُميد تہ هيءَ ڪتاب موجوده حالتن ۾ سنڌ جي سجاڳ حلقن ۾ دلچسپيءَ جو باعث ۽ سنجيده بحث مباحثي جو سبب بڻبو.

مان انهن سمورن دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن ڪتاب جي تياريءَ ۾ هر قسم جو سهڪار ڪيو ۽ خاص طور تي ٿورائتو آهيان نوجوان ليکڪ ۽ دوست منير چانڊيي جو جنهن وڏيءَ محنت ۽ پورهيي سان هن ڪتاب کي سهيڙيو ۽ اشاعت جي مرحلي تائين رسايو.

جامي چانڊيو

# ايم ڪيو ايم:
# پس منظر ۽ پيش منظر

## ايم ڪيو ايم: ڪيئن ۽ ڇو وجود ۾ آئي؟

ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ اچڻ بابت مختلف سياسي ۽ دانشور حلقن ۾ مختلف ۽ اُبتڙ رايا موجود رهيا آهن. ايم ڪيو ايم پاڻ کي شروع کان وٺي حالتن جي جبر جي پيداوار ڪوٺيندي رهي آهي، جنهن جو الزام شروع ۾ سنڌين تي ۽ هاڻي بظاهر اسٽيبلشمينٽ تي هنيو ويجي ٿو. اردو ڳالهائيندڙ دانشورن جو وڏو حلقو بہ عملي طور اهڙو ئي موقف رکندو آيو آهي. پنجابي دانشورن جي وڏي حلقي وٽ اڃان تائين ان بابت ڪابہ چٽائي نہ آهي ۽ سواءِ ڪجهہ دانشورن جي اڪثريت موقعي پرستيءَ سبب پنهنجي واضح اظهار کان لنوائيندي رهي آهي. سنڌ اڃان سياسي دانشورن جو اهو نسل پيدا ئي نہ ڪيو آهي، جنهن کي حالتن جو گهرو سياسي ۽ سائنسي ادراڪ هجي. جڏهن تہ ڪجهہ ليکڪ ۽ سياسي ڌريون شروع کان ايم ڪيو ايم بابت پنهنجو واضح موقف رکنديون آيون آهن. مان پاڻ گذريل ارڙهن سالن کان ان بابت مختلف موقعن تي پاليسي ليول تي لکندو رهيو آهيان. مان ان ڊپ جو ڪڏهن بہ شڪار نہ رهيو آهيان تہ ان مان ڪهڙا نوان روين جا تڪرار جنم وٺي سگهن ٿا. سنڌ جي حوالي سان وڏن ۽ بنيادي پاليسي معاملن

بابت لکڻ کي سدائين مون پنهنجو بنيادي فرض پئي سمجهيو آهي ۽ ايم ڪيو ايم بہ سنڌ جي قومي وجود ۽ مفادن سان لاڳاپيل هڪ اهم موضوع آهي ۽ ان بابت هر حساس موقعي تي سنڌي عوام آڏو مؤقف رکڻ منهنجي اولين فڪري فرضن ۾ شمار رهيو آهي.

منهنجي نظر ۾ ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ اچڻ جا بہ واضح محرڪ هئا ۽ انهن ٻنهي محرڪن جي Marriage ايم ڪيو ايم کي نہ رڳو جنم ڏنو پر جياپي جا سگهارا بنياد ڏنا. اهي بہ محرڪ هي هئا:

(الف) لڏپلاڻ ورهاڱي جي معاهدي جو حصو نہ هئي, ورهاڱي وقت ڪنهن بہ موقعي تي اهو موضوع بحث هيٺ نہ آيو هو تہ ڪو ڪنهن بہ علائقي ۾ مسلمانن جي نقل مڪاني يا لڏپلاڻ ٿيندي. مسلم ليگ جي مٿين سطح جي ليڊرشپ ۾ جناح کان سواءِ وڏو حصو يو پي ۽ سي پيءَ جي مسلمانن جو هو جن جي ٻولي اردو هئي. نئين ٺهندڙ ملڪ کي هنن مالِ غنيمت سمجهيو, جيڪو بغير ڪنهن وڏيءَ جدوجهد ۽ قربانيءَ جي کين جهوليءَ ۾ اچي مليو. نئين ٺهندڙ ملڪ جي ڪنهن بہ صوبي ۽ علائقي سان سندن ڪوبہ تاريخي, سياسي, سماجي, ثقافتي ۽ معاشي لاڳاپو نہ هو. سندن لاءِ هتي ڪوبہ ٽڪ بہ موجود نہ هو. يوپي, سي پيءَ جي مسلمانن جي لڏپلاڻ سندن منصوبو هو جو کين هتي مستقل سياسي سگهہ لاءِ بنياد گهربل هئا. پنجاب کين جاءِ نہ ڏني, سرحد ۽ بلوچستان سندن ترجيح ۾ شامل نہ هئا, ان ڪري سنڌ جي شهرن ۾ کين حڪمت عمليءَ ۽ مستقل مفاد طور آباد ڪيو ويو. پهرين ڏينهن کان اردو ڳالهائيندڙ عوام جي حڪمران طبقي جي سياست جو بنياد ۽ محرڪ سنڌين سان تعصب, برتريءَ جي احساس ۽ دشمنيءَ تي ٻڌل هو. لياقت علي خان کان وٺي نواب مظفر تائين ۽ نواب يامين کان وٺي پوپاليءَ تائين سمورو رڪارڊ محفوظ آهي. ستر جي ڏهاڪي جي آخر تائين سندن سياست جون واڳون سندن مٿين طبقي وٽ رهيون. اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ پهريون ڀيرو هيٺين وچين طبقي جي نوجوان الطاف حسين ساڳيءَ سياست کي اجان وڏيڪ چٽو ڪري ”مهاجر“ سڃاڻپ جي بنياد تي نئين سياست جو بنياد وڌو ۽ کيس ڏاڪي بہ ڏاڪي اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ بہ زبردست پذيرائي ملي پر سندس سياست لياقت علي خان, نواب مظفر, نواب يامين ۽ پوپاليءَ جو ئي نئين روپ ۾ تسلسل هئي.

(ب) ڪڏهن ڪڏهن تاريخ ۾ اتفاق ۽ مختلف مفادن جي هم آهنگي بہ وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي. اهو ساڳيو ئي دؤر هو جڏهن اسٽيبلشمينٽ 1983ع جي

تحريڪ ۾ سنڌي عوام جي ڀرپور جدوجهد ۽ مزاحمت کان خائف ٿي ان جي جوابي حڪمت عمليءَ تي غور ڪري رهي هئي. اسٽيبلشمينٽ 1983ع جي جدوجهد کي رڳو نام نهاد جمهوريت جي بحاليءَ تائين نه ٿي ڏٺو. هنن کي خبر هئي ته بنگال کانپوءِ سنڌ ئي هئي، جنهن ۾ هڪ سگهاري قومي جمهوري تحريڪ جا محرڪ ۽ بنياد موجود هئا ۽ 1983ع جي مزاحمت کين ڏيجاري ڇڏيو جنهن جو هنن مستقل توڙ ڳولڻ تي چاهيو. الطاف حسين جي سياست جي روپ ۾ کين ان جو جٽادار جواب ملي ويو. اسٽيبلشمينٽ وچي الطاف حسين تي هٿ رکيو. ٻنهي ڌرين جا مفاد ۽ محرڪ پنهنجا پنهنجا هئا پر سندن اهو Un Holy Alliance (ناجائز اتحاد) سنڌ لاءِ تباهين جا نوان جواز ۽ بنياد کڻي آيو. جنرل ضياءَ جي پوري دؤر ۾ ايم ڪيو ايم کي ڪيئن پالي، تاتي، بالغ ۽ منظم ڪيو ويو؟ اهو سمورو رڪارڊ تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهي. اها آهي ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ اچڻ جي مختصر ڪهاڻي، جنهن جي هر پاسي کي ثابت ڪرڻ لاءِ سمورو رڪارڊ موجود آهي. رڳو ڏسڻ ۽ پرکڻ واريون ايماندار اکيون هجن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته ايم ڪيو ايم تاريخ جي اڻٽر حالتن جو منطقي نتيجو نه پر انهن ٻن ناجائز مفادن جي لاڳاپي جي نتيجي ۾ پيدا ڪيل / ٿيل وجود آهي.

## 2۔ ايم ڪيو ايم هيستائين سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو آهي؟

ايم ڪيو ايم جي ڪردار کي تڏهن ئي حقيقت پسنديءَ سان پرکي سگهجي ٿو جڏهن اهو ڏٺو وڃي ته ان پنهنجي وجود جي قيام کان وٺي هيستائين سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو آهي؟ ايم ڪيو ايم کي رڳو سندس دعوائن جي بنياد تي پرکي نه ٿو سگهجي. ان لاءِ هن جو گهڻ طرفو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي، خاص طور سندس پاليسين ۽ ڪردار جي حوالي سان. هونئن به دنيا ۾ دعوائن جي بنياد تي ڪنهن کي به پرکي نه ٿو سگهجي. دنيا ۾ اڄ تائين ڪهڙي ظالم، قاتل، آمر، ڦورو ۽ جابر پاڻ کي اصلي روپ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ پاڻ کي غلط پئي ڪوٺيو آهي. هٽلر به ته پاڻ کي قومپرست سڏائيندو هو. اچو ته ايم ڪيو ايم جي پاليسين ۽ ڪردار جي ڪجهه پاسن جو جائزو وٺون.

### (الف) دهشتگرديءَ جو راڄ قائم ڪرڻ:

ايم ڪيو ايم جو سنڌ کي ڏنل وڏي ۾ وڏو تحفو دهشتگردي آهي. سنڌ جي

سياسي ڪلچر ۾ اڳ ۾ انيڪ بچڙايون هيون پر سياست ۾ دهشتگرديءَ جو راڄ ايم ڪيو ايم جي پيداوار آهي. دنيا جي هر فاشسٽ ڌر وانگر سندن بنيادي Strategic هٿيار به دهشتگردي آهي. سياسي مخالفت جو جواب دهشتگردي، اظهار جي آزاديءَ جو جواب دهشتگردي، پارٽيءَ سان اختلاف رکڻ جو جواب دهشتگردي، رياست کي بليڪ ميل ڪرڻ جو انداز دهشتگردي، هر دليل جو جواب دهشتگردي، پرامن جمهوري سياسي مقابلي جو جواب دهشتگردي. هزارين ته ڇا پر اڻ ڳڻيا لاش ۽ اذيت گهرن جو شڪار ماڻهو ان جو ثبوت آهن ۽ ان دهشتگرديءَ جو شڪار صرف سنڌي نه پر سندن تنظيمي اڳواڻ ۽ سندن مخالف اردو ڳالهائيندڙ به ٿيندا رهيا آهن. حڪيم سعيد، مولوي صلاح الدين ۽ عظيم طارق ان جا خاص ثبوت آهن.

## (ب) پُرامن جمهوري سياست جون راهون بند ڪرڻ:

ايم ڪيو ايم کي اسٽيبلشمينٽ طرفان اُڀاريو ئي سنڌ ۾ پُرامن جمهوري سياست جون راهون بند ڪرڻ لاءِ ويو هو. ڇاڪاڻ ته پُرامن جمهوري سياست ذريعي سنڌي عوام جي ئي سگهاري ٿيڻ جو امڪان هو. جڏهن ايم ڪيو ايم ذريعي سياست اندر دهشتگرديءَ جو راڄ متعارف ڪرايو ويو ته پوءِ پُرامن جمهوري چٽا ڀيٽيءَ واري سياست جون راهون بند ٿيون ۽ سياست کي ولگرائيز ڪيو ويو. جيڪڏهن سنڌ اندر پُرامن جمهوري چٽا ڀيٽيءَ واري سياست هجي ها ته سنڌ جي سيني ڪان سگهاري ڌر سنڌي ماڻهو هجن ها پر هاڻي سنڌين جي سياسي سگهه پنهنجي ئي وطن ۽ صوبي اندر ٻئي درجي جي آهي ۽ اهو ڪو اتفاق نه هو پر اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عمليءَ جي نتيجي ۾ ٿيو آهي ۽ ايم ڪيو ايم ان جو ذريعو ۽ هٿيار بڻي آهي. اها پاڻ به پنهنجي سرشتي ۾ ساڳيا محرڪ ۽ مفاد رکي ٿي.

## (پ) سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ تضاد کي وڌائڻ:

اهو صحيح آهي ته ناجائز لڏپلاڻ، سنڌين جا شهر کسڻ، اردوءَ کي قومي ٻوليءَ طور مڙهڻ ۽ ٻين انيڪ سببن ڪري سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ انيڪ سياسي، سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ ذهني تضاد موجود هئا ۽ آهن پر اهي تضاد ڪو ازلي ابدي نه هئا ۽ نه هاڻي آهن. صحتمند جمهوري چٽا ڀيٽيءَ جي هڪ لڳاتار ۽ ڊگهي پراسيس سان اهي تضاد گهٽجن ها ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام جي سنڌ ۾ حقيقي طور ضم ٿيڻ جا امڪان وڌن ها پر ايم ڪيو ايم جي تعصب، سنڌ

دشمنيءَ ۽ دهشتگرديءَ جي ٻٽل سياست ان پراسيس کي اُبتڙ رُخ ۾ وٺي وئي ۽ ٻنهي آبادين جي عوام ۾ موجود پر قابلِ حل تضادن کي وڌايو ۽ تيز ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم زبان سان ڪٽي چا به چوي پر اها عملي طور ان تضاد کي وڌائڻ ۽ موجود رکڻ چاهي ٿي، ڇاڪاڻ ته بيءَ صورت ۾ سندن وجود جو ڪوبه جواز نه ٿو رهي. اهو تضاد گهٽبو ته اردو ڳالهائيندڙ عوام پُرامن جمهوري سياست ذريعي سنڌي عوام جي ويجهو ٿيندو ۽ ساڳيءَ طرح سنڌي عوام به کين دل سان قبول ڪندو. ايم ڪيو ايم سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام وچ ۾ موجود تضادن جو اهم جواز ۽ محرڪ آهي ۽ اهو تضاد حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان اسٽيبلشمينٽ کي به Suit ڪري ٿو جنهن کي ايم ڪيو ايم ذريعي وڌايو ويو آهي.

**(ت) اردو ڳالهائيندڙ عوام کي دهشتگرديءَ ذريعي يرغمال رکڻ:**

ايم ڪيو ايم رڳو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ئي نه پر پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ عوام کي به سندن جائز مستقل مفادن جي حوالي سان ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. ان جو هڪ وڏو ثبوت سندس اڪثريت جو دهشتگرديءَ ذريعي ايم ڪيو ايم وٽ يرغمال هجڻ آهي. اردو ڳالهائيندڙ عوام جي حقيقي آزادي صلب ٿيل آهي. انهن کي نه ايم ڪيو ايم سان تنظيم اندر اختلاف رکڻ جو حق آهي ۽ نه ٻاهر سياسي ميدان تي. فقط اها معمولي سياسي ٽورائي جيڪا جماعت اسلامي ۽ ٻين منظم سياسي جماعتن سان لاڳاپيل آهي، اها ئي آزاد آهي، جڏهن ته اڪثريت وٽن سياسي طور يرغمال بڻيل آهي. جيڪڏهن اردو ڳالهائيندڙ عوام جي اڪثريت ايئن دهشتگرديءَ ذريعي وٽن يرغمال نه هجي ۽ کين سياست جي چوائس ۽ آزادي هجي ۽ اُهي وسيع تر پُرامن جمهوري سياست جي ڌارائن جو حصو هجن ته هوند سياسي حوالي سان سنڌ جو نقشو ئي تبديل ٿيل هجي، پر ايم ڪيو ايم ان امڪان جون راهون دهشت وسيلي بند ڪريو ويني آهي.

**(ث) سنڌ حڪومت کي سنڌين جي قومي مفادن خلاف استعمال ڪرڻ:**

جڏهن کان ايم ڪيو ايم کي اُڀاريو ويو آهي، تڏهن کان سنڌ جي اسيمبلي ۽ حڪومت عملي طور وٽن يرغمال رهيون آهن. جي ايم ڪيو ايم مخالف ڌر ۾ هوندي آهي ته اسيمبلي ۽ حڪومت وٽس دهشتگرديءَ وسيلي يرغمال هونديون آهن ۽ جيڪڏهن اها حڪومت ۾ هوندي آهي ته اختيار ۽ اقتدار وسيلي پر ٻنهي صورتن ۾ 1985ع کان وٺي سنڌ ڪڏهن به هڪ آزاد اسيمبلي ۽ حڪومت نه ڏٺي آهي. جيتوڻيڪ ان جا ٻيا به انيڪ سبب آهن پر ان جو هڪ مکيه سبب ايم ڪيو

ايم بہ آهي. هن ئي نظام اندر گهٽ ۾ گهٽ ٻين ٽن صوبن کي پنهنجون حڪومتون ٺاهڻ جو اختيار آهي پر سنڌ جو اڪثريتي عوام ان حق کان عملي طور محروم ڪيو ويو آهي. اها ڳالهہ هاڻي ڪو راز نہ آهي تہ اسٽيبلشمينٽ سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريتي خود مختيار حڪومت نہ ٿي چاهي ۽ ساڳيو مقصد ايم ڪيو ايم جو بہ آهي ۽ سندن ناجائز اتحاد (Unholy Alliance) سنڌ جي اڪثريتي عوام کي اقتدار ۽ اختيار جي حق کان محروم ڪري رکيو آهي. هاڻ تہ اسٽيبلشمينٽ پنهنجين ايجنسين جي آشيرواد سان سنڌي وڏيرن جا ننڍا ننڍا پارلياماني گروهہ ٺاهي ايم ڪيو ايم جي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيا آهن. ٿر جي اربابن، ٺٽي جي شيرازين، پير صاحب پاڳاري جي گروپ ۽ آزاد ميمبرن جي هڪ لوڌ جو عملي طور سواءِ ان جو ٻيو ڪهڙو ڪم آهي تہ ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي حڪومت جو اختيار ڏئي ٻٽايو وڃي. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ اقتدار ۾ اچي ڇا ڇا ڪندي آهي؟ ۽ ڪنهن جي مفادن تي راتاها هڻندي آهي ان لاءِ سندن ڪنهن بہ حڪومت کي Case Study طور ڪٽي سگهجي ٿو. موجوده حڪومت ان جو وڏو مثال آهي. سنڌ جي ضلعن کي تعصب جي بنياد تي ورهائڻ ۽ وسيلن کي بيدرديءَ سان لُٽڻ ۽ ڦرڻ جا موجوده ڪارناما تہ بنهہ تازا آهن.

### 3۔ ايم ڪيو ايم بابت غلط تصور ۽ مفروضا:

ناجائز مفاد رکندڙ قوتن جو صديون پراڻو هٿيار غلط تصور ۽ مفروضا ڦهلائڻ آهي. عوام گمراهہ نہ ٿيندو تہ ناجائز مفاد رکندڙ قوتن جو ڪم نہ هلندو. صدين کان بادشاهن، ڦورن، قاتلن، مذهبي ٺيڪيدارن ۽ هر قسم جي ناجائز قوتن جو اهو ڌنڌو رهيو آهي. عوام دوست ڌرين ۽ فردن جو بہ فرض آهي تہ عوام کي حقيقتن کان آگاهہ ڪيو وڃي ۽ غلط تصورن ۽ مفروضن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري عوام جي تنقيدي ۽ حقيقت پسند شعور کي اُڀاريو ۽ مضبوط ڪيو وڃي.

ايم ڪيو ايم بہ پاڻ بابت انيڪ مفروضا ٺاهي مشهور ڪيا آهن ۽ اسٽيبلشمينٽ توڙي يرغمال صحافت ان ۾ سندن ڀرپور ساٿ پئي ڏنو آهي. ايم ڪيو ايم جي ان پروپيگنڊه جو شڪار رڳو عام ماڻهو نہ پر ڪيترائي ڏسڻا وائسڻا ماڻهو بہ ٿيا آهن. اچو تہ ڪجهہ اهڙن غلط مفروضن جو ڇيد ڪريون.

#### (الف) ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت آهي؟:

ايم ڪيو ايم بابت وڏي ۾ وڏو ڪوڙ اهو ڦهلايو ويو آهي تہ اها هڪ اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت آهي. جڏهن تہ حقيقت ۾ اها پيداوار ئي ان جي

آهي ۽ اڄ تائين ان جي ئي عملي سهڪار سان هلي رهي آهي. اڃو تہ رڳو ڪجهہ بنيادي سوالن جي بنيادن تي ان ڳالهہ جو جائزو وٺون تہ ڇا ايم ڪيو ايم ڪنهن بہ طور اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت آهي؟

(1) ڇا ڪا بہ جماعت پاڪستان ۾ اسٽيبلشمينٽ جي پٺڀرائيءَ کان سواءِ دهشتگرديءَ جو راڄ قائم ڪري سگهي ٿي؟

(2) ڇا اڄ تائين ايم ڪيو ايم جي ڪنهن بہ دهشگرد کي سئو سئو قتلن جي مقدمن باوجود حڪومت طرفان ڦاهي يا ڪا بہ ڏوهن موجب سزا ڏني وئي آهي؟

(3) ڇا اڄ تائين ايم ڪيو ايم جي ڪنهن بہ اڳواڻ تي قتل جو ڪو بہ سنگين ۽ حقيقي مقدمو توڙ تائين هلايو ويو آهي؟

(4) ڇا اڄ تائين ڪنهن بہ اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت جي اڳواڻن تان سنگين ڏوهن ۽ وارداتن جا هزارين مقدما ايئن واپس ورتا ويا آهن جيئن هر دؤر ۾ ايم ڪيو ايم جا واپس ورتا ويندا آهن؟

(5) ڇا اسٽيبلشمينٽ پنهنجي ڪنهن بہ مخالف جماعت جي اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ايئن سرگرم ڪردار ادا ڪندي آهي، جيئن اها سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم لاءِ ڪندي آهي؟

(6) ڇا پاڪستان ۾ ڪنهن بہ اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت کي ايتري آزادي ملڻ ممڪن آهي جيتري سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي حاصل آهي؟

(7) ڇا اسٽيبلشمينٽ ڪنهن بہ صوبي ۾ پنهنجي مخالف پارٽيءَ جي ڄاتل سڃاتل دهشتگرد کي صوبي ۾ وفاق جو نمائندو يعني گورنر مقرر ڪري سگهي ٿي؟

(8) ڇا اسٽيبلشمينٽ پنهنجي ڪنهن بہ مخالف پارٽيءَ جي حڪومت کي رياستي مشينريءَ ۾ انتظاميہ کي ايئن مڪمل ڪنٽرول ۽ اختيار ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اها سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي ڏيو ويني آهي ۽ ماضيءَ ۾ ڏيندي رهي آهي؟

(9) ڇا ڪا بہ اسٽيبلشمينٽ مخالف پارٽي، اسٽيبلشمينٽ جي باوردي سربراهہ جي ايئن اُگهاڙي حمايت ڪري سگهي ٿي؟ جيئن ايم ڪيو ايم جنرل مشرف جي ڪري ٿي؟

**(ب) ايم ڪيو ايم مڊل ڪلاس جي نمائنده جماعت آهي؟ :**

مڊل ڪلاس کي سڄيءَ دنيا ۾ روشن خياليءَ جي علامت ۽ تبديليءَ جو نقيب

طبقو سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري ايم ڪيو ايم هميشہ پاڻ کي وچين طبقي جي نمائنده جماعت سڏائيندي آهي. جنهن مان سندن مقصد ۽ مطلب پنهنجو روشن خيال خاڪو (Image) پيش ڪرڻ هوندو آهي پر ضروري ناهي تہ مڊل ڪلاس جي هر جماعت روشن خيال ۽ جمهوريت پسند هجي يا مڊل ڪلاس دوست هجي، اچو تہ وري بہ تفصيلي تجزيي بجاءِ ڪجهہ بنيادي سوالن ذريعي ان ڳالهہ جو جائزو وٺون تہ ڇا ايم ڪيو ايم مڊل ڪلاس دوست جماعت آهي؟

(1) ڇا ڪابہ دهشتگرد تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(2) ڇا ڪابہ دهشتگرديءَ وسيلي دڪاندارن ۽ واپارين کان زوريءَ ڀتو وٺندڙ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(3) ڇا آزاد ميڊيا ۽ اظهار جي آزادي مخالف ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(4) ڇا امن امان خراب ڪندڙ ۽ ڪاروبار لاءِ هاڃيڪار حالتون پيدا ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(5) ڇا دهشتگرديءَ وسيلي عوام کي يرغمال بڻائيندڙ ۽ حڪيم سعيد جهڙن دانشورن جا قتل ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(6) ڇا مخالفن کي ماريندڙ ۽ تنظيم اندر اختلاف رکندڙ ماڻهن کي قتل ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(7) ڇا اڪيون پوري هڪ دهشتگرد اڳواڻ پويان هلندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(8) ڇا تعليمي ادارن ۾ تعليم ۽ علم بدران دهشت جو راڄ قائم ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

اهڙن ۽ ٻين انيڪ سوالن تي غور ڪرڻ سان اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ ڏکي ناهي تہ ايم ڪيو ايم پنهنجي سڄي جمار ۾ سنڌي توڙي اردو ڳالهائيندڙ مڊل ڪلاس جي اوسر کي سياسي، معاشي ۽ اخلاقي طور ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي ۽ بدستور هڻي رهي آهي.

**(ت) ايم ڪيو ايم پنجاب ۽ وڏيرن / جاگيردارن جي خلاف آهي؟ :**

ايم ڪيو ايم لاءِ شروع کان وٺي هر سطح تي اهو مشهور ڪرايو ويو آهي تہ اها پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردار/ وڏيرڪي طبقي خلاف آهي. ايم ڪيو ايم جي گذريل 20 سالن جي ڪردار کي ڏسجي ۽ پرکجي تہ ان کان وڏو ٻيو ڪوبہ ڪوڙ

ٿي سگهي نہ ٿو. ايم ڪيو ايم جي سنڌ دشمن ڪردار کي اُپارڻ لاءِ حڪمت عمليءَ طور اسٽيبلشمينٽ شروع کان اهو تاثر اُپارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ايم ڪيو ايم هڪ پنجاب مخالف جماعت آهي. جيتوڻيڪ اهڙي تاثر جو ڀرم رکڻ لاءِ ايم ڪيو ايم ڪڏهن ڪڏهن زباني طور لفاظيءَ جي حد تائين پنجاب خلاف ڳالهائي بہ ٿي پر سوال اهو آهي تہ ايم ڪيو ايم جي ڪهڙي پاليسيءَ ۽ قدم جي نتيجي ۾ عملي طور پنجاب کي ڪوبہ نقصان رسيو هجي؟ جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ سنڌ مان سموريون صنعتون ۽ واپار جا مرڪز پنجاب منتقل ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جون ئي خدمتون حاصل ڪيون ويون ۽ ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ کي اها راند سؤلي ڪري ڏني. ايم ڪيو ايم سدائين اسيمبليءَ توڙي حڪومت ۾ هڪ نهايت اثرائتي ڌر رهي آهي. سوال آهي تہ ان جي ڪهڙي قدم، پاليسيءَ يا قانونسازيءَ توڙي نعراءَ پنجاب جي هڪ هٽيءَ کي نقصان رسايو آهي؟ ٻئي طرف ايم ڪيو ايم جي هر قدم، ڪردار ۽ پاليسيءَ پس و پيش سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ئي ڪاپاري ڌڪ پئي هنيو آهي.

اهو بہ وڏو ڪوڙ آهي تہ ايم ڪيو ايم وڏيرن ۽ جاگيردارن جي خلاف آهي، ڏٺو وڃي تہ ايم ڪيو ايم جي سنڌ ۾ حقيقي اتحادي ۽ پيچ لڳائو ڌر سنڌ جا وڪائو وڏيرا/ جاگيردار ۽ پير ئي تہ آهن. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ حڪومت ڪنهن جي مدد سان ٺاهيندي آهي ۽ ڪنهن جي مدد سان سنڌ جي اقتدار ۽ وسيلن تي قبضا ڪندي آهي؟ سنڌ جا وڪائو وڏيرا سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم جي اسٽريٽجڪ ضرورت آهن. سنڌ ۾ سندن ناجائز مفادن جو محافظ اهو ”ٽڪيءَ جو ٺاهہ“ انهن وڏيرن ۽ پيرن جي سهڪار سان ئي هلي سگهي ٿو ۽ هيستائين هلندو رهيو آهي. ان ڪري ان حوالي سان بہ ايم ڪيو ايم جي زباني دعوائن ۽ لفاظيءَ کي نہ پر عملي ڪردار کي ڏٺو وڃي ۽ ان سوال جو گهڻ طرفو جائزو ورتو وڃي تہ اها حقيقت ۾ ڪنهن جي اتحادي آهي ۽ ڪنهن جي مفاد خلاف ڪم ڪندي رهي آهي؟ حقيقت ۾ ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ سنڌين خلاف وڪائو سنڌي وڏيرن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي دادلي ۽ اتحادي جماعت آهي.

### (ث) ايم ڪيو ايم پنهنجو اڳوڻو ڪردار بدلائي چڪي آهي؟ :

ايم ڪيو ايم يرغمال اردو ميڊيا ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مدد سان هر دؤر ۾ نوان نوان ڪوڙا مفروضا ڦهلائيندي ۽ عوام کي گمراهہ ڪندي رهي آهي. سندس پروپيگنڊه فيڪٽريءَ جو ويجهي ماضيءَ ۾ تازو ڪوڙ اهو آهي تہ اها هاڻي پنهنجو

اڳوڻو ڪردار بدلائي هڪ سنڌ دوست جماعت بڻجي وئي آهي. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم سنڌ جي سچڻ جماعت آهي ته پوءِ سنڌ ۽ سنڌين کي هرو ڀرو ٻين دشمنن جي ڪابه ضرورت نه آهي. ايم ڪيو ايم اهو ڊرامو شروع ڪرڻ کان اڳ پاڻ کي سنڌي سڏائڻ شروع ڪيو. الطاف حسين اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ جا ناٽڪ شروع ڪيا، شاهه لطيف جي عقيدت جا ناٽڪ ڪيا ويا، ٽيليفون تي سنڌي اديبن، صحافين ۽ دانشورن سان الطاف حسين جي خطابن جو مختلف شهرن ۾ بندوبست ڪيو ويو. ڳالهه وڃي ماضيءَ جي معافين تلافين تائين پهتي. چڱا ڀلا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو رات وچ ۾ ايم ڪيو ايم جا عاشق بڻجي پيا. ڪي وري تنظيم ۾ باضابطه طور شامل ٿيا. سياست کي مٿاڇري نموني ۽ سطحي انداز سان نه پر مفادن ۽ محرڪن جي بنياد تي پرکيندڙن تڏهن ئي سنڌي عوام کي خبردار ڪيو هو ته ايم ڪيوايم جو اهو نئون ڊراما اڳ کان وڌيڪ ڀيانڪ نتيجا ڪڍي ايندو پر ايم ڪيو ايم جي حمايت ۾ سنڌي ميڊيا اندر قلمي هنبوڇيون هڻڻ ۾ سڀ حدون اورانگهيون ويون. اڄ جڏهن ايم ڪيو ايم وري سنڌ ۽ مرڪز ۾ حڪومت ۾ آهي، تڏهن سنڌن پاليسين ۽ ڀرو ڀيٽ جا پردا چاڪ ٿي رهيا آهن ۽ حقيقتون هڪ دفعو وري عوام آڏو پڌريون ٿي سامهون اچي رهيون آهن. جن "قومپرست" سياسي ڌرين ۽ دانشورن ايم ڪيو ايم جي پاران صفايون پيش ڪرڻ ۾ وسان نه ٿي گهٽايو انهن کي ضرور پنهنجو اندر ڪائيندو هوندو يا غلطيءَ جو احساس ٿيو هوندو پر ان لاءِ سياسي اخلاق جو هجڻ تمام ضروري آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ان پروپيگنڊه جا بکيا اُڌڙي ويا آهن ته ايم ڪيو ايم پنهنجو ماضيءَ جو ڪردار بدلائي هڪ سنڌ دوست ڌر بڻجي وئي آهي.

## 4۔ ايم ڪيو ايم جو نئون ڊرامو ۽ اسٽيبلشمينٽ جي نئين حڪمت عملي:

ڏٺو وڃي ته بظاهر ايم ڪيو ايم جي ان نئين ڊرامي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي نئين حڪمت عمليءَ وچ ۾ ڪوبه لاڳاپو نظر نه ٿو اچي پر اسٽريٽجڪ حوالي سان گذريل ڪجهه سالن دوران ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عملين تي گهرائيءَ سان نظر وجهجي ته سنڌن وچ ۾ لاڳاپي جي ڪهاڻي سمجهه ۾ اچي ويندي. جنرل مشرف جي اقتدار ۾ اچڻ شرط ايم ڪيو ايم سنڌ دوستيءَ جو ڊرامو شروع ڪيو ته جيئن جنرل مشرف جي سنڌ دشمن پاليسين ۽ ايم ڪيو ايم جي ڪردار جي سنڌي عوام پاران ڀرپور ۽ مضبوط مزاحمت جا

امڪان گهٽجي سگهن. مثال طور:

(الف) مشرف سرڪار سنڌ جي ڪوٽا ۾ سچي ملڪ ۾ ايم ڪيو ايم جا حمايتي اردو ڳالهائيندڙ وڏن عهدن تي ويهاري ڇڏيا ۽ سنڌي عوام طرفان ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

(ب) سنڌي ڪامورن کي پاسيرو رکي ايم ڪيو ايم جي حمايتي اردو ڳالهائيندڙ آفيسرن کي سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو ۽ ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

(پ) ضلعي حڪومتن جي نالي ۾ ايم ڪيو ايم جي حمايتي جنرل تنوير نقويءَ کان منصوبو ٺهرايو ويو ۽ لاڳو ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم کان ڊرامو ڪرائي ان جو بائيڪاٽ بہ ڪرايو ويو ۽ نتيجي ۾ ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

(ت) وڏيءَ رٿابنديءَ ۽ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي سنڌ حڪومت ايم ڪيو ايم حوالي ڪئي وئي ۽ ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

ڇا اهو سڀ ڪجهہ ايم ڪيو ايم جي سنڌ دوستيءَ جي ڊرامي کان سواءِ ممڪن هو؟ ايم ڪيو ايم شائستہ عالماڻيءَ ۽ ڊاڪٽر شازيہ لاءِ تہ حڪومت کان ڌار ٿيڻ جي ڌمڪين جا ڊراما ڪيا پر ان گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت، ڪالاباغ ڊيم ۽ اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ جي جائز حق ڏيارڻ لاءِ تہ اهڙو ڊرامو ڪرڻ بہ گوارا نہ ڪيو. هن وقت جنهن انداز سان ايم ڪيو ايم سنڌ جي ضلعن جي ورهاست جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان مان واضح اشارا ملي رهيا آهن تہ اهو سنڌ جي وحدت تي وار ۽ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نوابشاهہ جهڙن اهم شهري مرڪزن تي سنڌين جي اثر کي ختم ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي. ڏيڍ ڪروڙ آباديءَ جي شهر ڪراچيءَ کي ضلعن ۾ نئو ورهايو ويو پر حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نوابشاهہ کي ايم ڪيو ايم جا نوان تڪ ناهڻ ۽ سياسي طور اهي شهر ايم ڪيو ايم حوالي ڪرڻ لاءِ ورهايو ويو ٿو ۽ ٻئي طرف سنڌ دوستيءَ جو ڊرامو بہ جاري آهي. اصل ۾ ان ڊرامي پٺيان حقيقي منصوبي ۽ سازش کي صحيح تناظر ۾ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

اسٽيبلشمينٽ هر صورت ۾ سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريتي پارلياماني ڌر پ پ پ کي سنڌ ۾ ٽوڙڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ گهري ٿي. پ پ پ جي سنڌ ۾ پنهنجي تنظيمي صورتحال ۽ واٽڙي ڪردار بہ اسٽيبلشمينٽ جي ان سازش کي آسان بڻايو آهي. اسٽيبلشمينٽ ايجنسين معرفت عملي طور اهڙو انتظام ڪري ڇڏيو آهي

جو جتي پ پ پ ڪمزور ٿئي، اُتي ان جو متبادل ڪي وڏيڪ بهتر سياسي ذريعون نہ پر ايجنسين جي معرفت هلندڙ وڏيرن جا ٽولا سامهون اچن. ان ڏس ۾ ٿرپارڪر، ٺٽي، لاڙڪاڻي، گهوٽڪي، شڪارپور، سانگهڙ ۽ ٻين ڪيترن ضلعن جا مثال ڏسي سگهجن ٿا، جتي ايجنسين ننهن چوٽيءَ جا زور لڳائي پ پ پ خلاف پنهنجا من پسند متبادل ڳاهڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي ۽ گهڻي حد تائين ڪاميابي بہ ماڻي آهي. اسٽيبلشمينٽ جي واضح حڪمت عملي آهي تہ ايم ڪيو ايم ۽ انهن ننڍين وڏيرڪن پارلياماني ٽولن کي سنڌ ۾ پ پ پ جي متبادل طور اُڀاريو وڃي. ڄام صادق کان وٺي ان فارمولي تي ڏاڪي بہ ڏاڪي عمل ٿي رهيو آهي. ڄام صادق، مظفر شاهہ، لياقت جتوئي، غوث علي شاهہ، علي محمد مهر ۽ موجوده ارباب جي نام نهاد حڪومت ان جا چٽا مثال آهن. انهن مان ڪير هو جيڪو بااختيار وڏو وزير هو؟ انهن مان ڪير هو جنهن بنيادي طور ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي گُڏي طور ڪم نہ ڪيو؟ اسٽيبلشمينٽ سنڌ حڪومت جي ان ماڊل کي پ پ پ جي مستقل متبادل طور يقيني بڻائڻ چاهي ٿي ۽ ايم ڪيو ايم جي نئين ڊرامي جو بنياد ۽ محرڪ بہ اهو ئي آهي. جنرل مشرف ان حڪمت عمليءَ ۽ منصوبي تي عمل کي اڃان وڌيڪ تيز ڪيو آهي. يعني هڪ طرف سنڌين کان حڪمرانيءَ جو حق کسيو وڃي تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ حڪومت هميشہ اهڙي هجي جيڪا اسٽيبلشمينٽ جي پنهنجي هجي ۽ پاليسي ليول تي اها سنڌ جي عوام جي قومي مفادن جي بچاءُ لاءِ ڪوبہ بنيادي ڪردار ادا نہ ڪري. ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ايم ڪيو ايم جي هن نئين ڊرامي کان سواءِ ممڪن نہ هو ۽ نہ آهي. اڳتي هلي انهن وڏيرن کي جيڪي ايجنسين جا دادلا ۽ سڪيلڊو سياسي اولاد آهن، ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيڻ ۾ ڪابہ گهڻي دير نہ لڳندي. سچي ڳالهہ جو روحاني راز اهو آهي تہ سنڌين کان سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو حق کسيو وڃي. جزوي طور اهو حق هڪ عرصي کان کسيل آهي پر اسٽيبلشمينٽ ان جو سياسي طور مستقل انتظام ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ان تي عمل ڪرڻ ايم ڪيو ايم جي هن ڊرامي کان سواءِ ممڪن نہ آهي. سنڌ جي عوام کي هن سموري صورتحال جو توڙ ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳ ۾ تہ ان کي پوريءَ طرح سمجهڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي هيءَ نئين راند ۽ حڪمت عملي سنڌن اڳوڻين سمورين حڪمت عملين کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ ناقابل تلافي نقصان ڏيندڙ آهي.

## 5۔ ايم ڪيو ايم ۾ سنڌين جي شموليت جو مفروضو ۽ حقيقت:

جڏهن کان ايم ڪيو ايم سنڌ دوستيءَ جو ڊرامو شروع ڪيو آهي، تڏهن کان اهو تاثر پڻ قائم ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي آهي ته سنڌي ماڻهو ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿي رهيا آهن. جڏهن کان اهو تاثر اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تڏهن کان ان جي ثابتيءَ لاءِ ڪجهه سنڌين جي ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جو بندوبست ڪيو ويو ۽ انتظام پڻ ڪيو ويو آهي پر ان معاملي کي پڻ گهرائيءَ سان ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي.

سنڌي عوام جي گهڻائيءَ جو ٻين سمورين ڪمزورين باوجود سياسي شعور نسبتن اڳتي وڌيل رهيو آهي، ان ڪري ان جي ايم ڪيو ايم بابت اڄ به راءِ ۾ رويو ساڳيو آهي. سنڌي وڏيرن جو هڪ حصو پ پ ۾ آهي، جڏهن ته ان جو صفا اُگهاڙو موقعي پرست طبقو اهائي سياست ڪري ٿو ۽ ڪندو، جيڪا انهن لاءِ ايجنسيون طئي ڪنديون. في الوقت اسٽيبلشمينٽ انهن کي ڏار ڏار ضلعي سطح تي مختلف طاقتور گروهن جي شڪل ۾ اُڀارڻ چاهي ٿي ته جيئن اهي پ پ جي متبادل طور مٿي اچي سگهن ۽ اهي ان ئي رستي تي هلي رهيا آهن. سنڌ ۾ مٿين سطح تي انهن کي هميشه ايم ڪيو ايم جي سياسي ڪيسي ۾ سياسي جوا جي نوٽن جيان رکيو ويندو آهي. جيئن اڄ اهي اهڙو ڪردار ادا ڪري به رهيا آهن. انهن جو قبلو ايجنسيون آهن. سڀاڻي جي انهن کي ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جو حڪم مليو ته به انهن کي ايئن ڪرڻ ۾ دير نه لڳندي. البت سنڌ جي وچين طبقي جي ڪجهه عنصرن ويجهي ماضيءَ ۾ ايم ڪيو ايم ڏانهن ويجهڙائي محسوس ڪئي آهي، انهن کي به سنڌي مڊل ڪلاس جا نمائنده عنصر چئي نه ٿو سگهجي، پر بهرحال اهو هڪ نئون اُڀرندڙ رويو ضرور آهي، اچو ته ٿورو ڏسون ته سنڌين طرفان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙ عنصر ڪهڙا ڪهڙا آهن ۽ ان جا سبب ڪهڙا آهن؟

### (الف) سنڌين مان ڏوهاري عنصر:

سنڌين منجهان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙن مان هڪ عنصر اهڙن پيشه ور ڏهارين تي مشتمل آهي، جيڪي هونئن به ڪڏهن قومپرستيءَ تي ڪڏهن ايجنسين جي معرفت سياست جي نالي ۾ پناهه وٺندا رهيا آهن. جڏهن کان ايم ڪيو ايم سنڌين لاءِ تنظيمي شموليت جا در کوليا آهن، تڏهن کان اهڙن عنصرن جي چاندي ٿي وئي آهي، ڇو ته کين اهڙي پناهه گاهه ٻئي هنڌ ملي نه ٿي سگهي. هڪڙي ڳالهه طئي آهي ته ڏوهاري ماڻهو آزاد سياست ڪرڻ جو تصور به نه ٿا

ڪري سگهن. پوءِ چاهي اهي سنڌي هجن يا اردو ڳالهائيندڙ انهن کي پنهنجا ذوهاري سياسي ۽ معاشي مفاد پورا ڪرڻ لاءِ هڪ حد تائين آزادي ملي ٿي پر اهي بنيادي ڪمر ايجنسين جو ڪن ٿا. سچيءَ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙن ۾ به گهٽائي اهڙن عنصرن جي آهي، جنهن کي سنڌي مڊل ڪلاس يا عوام جو لاڙو سڏي نه ٿو سگهجي.

(ب) موقعي پرست ۽ بي بنياد سياسي فرد:

سنڌين منجهان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙن ۾ ٻيو عنصر اهڙن فردن تي مشتمل آهي، جيڪي عوام ۽ جمهوري سياست کان ڪٽيل آهن پر سياسي طور چور دروازي ۽ شارٽ ڪٽس سان اڳتي اچڻ جا خواهشمند آهن. جن کي عام ٻوليءَ ۾ موقعي پرست، غير عوامي سياستدان ۽ سياسي فرد به سڏي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم کين تڪڙو ۽ بنا پورهيي جي پاور ڪاريڊورس ۾ داخل ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪيترن لاءِ بڻجي به چڪي آهي پر ظاهر آهي ته اهڙن موقعي پرست فردن کي به مڊل ڪلاس يا عوام جي لاڙي سان تعبير ڪري نه ٿو سگهجي.

(پ) موقعي پرست دانشور ۽ اديب:

سنڌين مان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيل ۽ ٿيندڙ عنصرن ۾ هڪ عنصر انهن موقعي پرست دانشورن ۽ اديبن تي مشتمل آهي، جيڪو پنهنجي قومي ۽ جمهوري جدوجهد ۽ اڀرين سيرين قوتن ۽ جدوجهدن تي هر وقت ڏمريو وتي پر ايم ڪيو ايم جي اشاري تي “سڀ ڪجهه” قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي پر انهن کي اڪثريتي سنڌي دانشورن ۽ اديبن جو نمائندو سڏي نه ٿو سگهجي. مثال طور علي احمد بروهي ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيو. ڀلا علي احمد بروهي هوندئن ڪهڙي زماني ۾ بااُصول ۽ عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندڙ دانشور ۽ اديب هو؟ هر دؤر ۾ آمريتن جو ساٿ ڏنائين ۽ حرام آهي جو ڪڏهن ڀلجي به سنڌ دوست ڌرين جو ساٿ ڏنو هجيس. ايم ڪيو ايم تي قربان اهي چند سنڌي اديب ۽ دانشور ويا، جن جو سڄو ماضي موقعي پرستيءَ جي داستانن سان ڀريو پيو آهي. ها البت ڪجهه ماڻهو اهڙا به ويا جن بعد ۾ پڇتايو پر پنهنجي سياسي بي سمجهيءَ، بي عمليءَ ۽ مايوسيءَ سبب هو وقتي طور ايم ڪيو ايم جي سطحي لفاظيءَ جو شڪار ٿيا. ابراهيم منشيءَ جهڙا ماڻهو ان لڏي ۾ شامل هئا. ابراهيم منشيءَ مون سان پاڻ پنهنجي اهڙي سياسي ابهرائيءَ ۽ ناسمجهيءَ جو اعتراف ڪيو هو. سنڌي اديبن ۽

دانشورن جي ڪجهه حصي جي ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جا بنيادي سبب هيٺيان آهن.

(1) موقعي پرستي ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جي لالچ.

(2) منجهن گهربل سياسي شعور، ادراڪ ۽ تجربي توڙي سياسي دور انديشيءَ جي کوٽ.

(3) سندن عوام کان ڪٽيل هجڻ ۽ قومي طور پنهنجين قوتن جي سگهه تي ويساهه نه هجڻ.

(4) سندن بي عمل هجڻ ۽ بي عمليءَ سبب مايوسيءَ جو شڪار هجڻ، چاڪاڻ ته عوام جي ساٿ ۽ عمل سان ئي ماڻهوءَ کي مايوسيءَ مان نجات ملي سگهي ٿي ۽ پنهنجي سگهه تي اعتبار اچي سگهي ٿو.

(5) ذهني طور قومي حوالي سان سندن هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري شڪست خورده پرست ذهنيت.

## 6۔ ايم ڪيو ايم جي جوابي حڪمت عمليءَ جا بنياد ڪهڙا ۽ ڪيئن هجن؟

جيئن ايم ڪيو ايم جو وجود ڪو سادو سياسي سوال نه آهي، تيئن ان جو سدباب ۽ Counter Balance به سادي سياست ۽ حڪمت عمليءَ سان ممڪن نه آهي. اينجلز چيو هو ته سادن مسئلن جا حل پيچيده نه هوندا آهن ۽ پيچيده مسئلن جا حل سادا ٿي نه ٿا سگهن. اهو ڪائناتي اُصول ايم ڪيو ايم تي به لاڳو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ دوست ڌرين توڙي فردن کي هيٺين گهٽ رُخن سان اسٽيبلشمينٽ طرفان ايم ڪيو ايم جي ان اُپاريل سگهه جو ممڪن حد تائين ڌاڪي به ڌاڪي سدباب ڪرڻ گهرجي. ظاهر آهي ته اهو سدباب ۽ توڙ نه جلد ممڪن آهي ۽ نه خواهشن تحت سادن طريقن سان گهربل نتيجا ملي سگهن ٿا. اهو سڀ هڪ لڳاتار ۽ جٽادار Process سان ئي ممڪن آهي. ان جا مکيه بنياد هي پاليسيون ٿي سگهن ٿيون.

### (الف) سنڌين کي وڏن شهرن ۾ سياسي طور منظم ٿيڻ گهرجي:

اهو صحيح آهي ته ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ۽ پناهگيرن جي آبادڪاريءَ ذريعي سنڌين کي پنهنجن شهرن مان عملي طور بي دخل ڪيو ويو پر ڊگهي تاريخي پراسس کان پوءِ اڄ وري به سنڌي ماڻهو وڏن شهرن ۾ چڱي انگ ۾ موجود آهن. ڪا به سياسي پارٽي ڪين وڏن شهرن ۾ سياسي ۽ تنظيمي طور منظم

ڪري نہ سگهي آهي. وقت اچي ويو آهي تہ سنڌي ماڻهن کي وڏن شهرن اندر سياسي ۽ تنظيمي طور پُرامن جمهوري انداز سان منظم ڪيو وڃي. سنڌين جي قومي جمهوري سياسي پارٽين کي وڏن شهرن ۾ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجين سياسي سرگرمين کي وڌائڻ گهرجي. ڪراچيءَ جون ٻهراڙيون سياسي طور نڌڪيون آهن ۽ شهرن ۾ رهندڙ مڊل ڪلاس انهن کان ڪٽيل آهن. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن جي گهربل سگهہ وڏن شهرن ۾ خاص طور ڪراچيءَ ۾ منظم ٿي نہ سگهي آهي. وڏن شهرن خاص طور ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جو منظم ٿيڻ ۽ سندن قومي جمهوري سياسي سرگرمين جو وڌڻ هڪ پراسس ذريعي سنڌي عوام جي قومي سياسي سگهہ کي هٿي ڏيندو ۽ اهو تاثر ختم ٿيندو تہ شهرن تي سنڌين جو اثر نہ آهي.

(ب) پُرامن قومي جمهوري سياست ذريعي مسلسل اڳتي وڌڻ گهرجي:

سنڌين جهڙي چئني طرفن کان گهيريل مظلوم قوم جو زبردست ۽ ناقابل شڪست جٽادار سياسي هٿيار سندن پُرامن جمهوري جدوجهد جو مسلسل اڳتي وڌڻ آهي. اسٽيبلشمينٽ پ پ کي ختم ڪري ان جو متبادل پنهنجي پسند ۽ ترجيح موجب ناهڻ چاهي ٿي پر سنڌ دوست جمهوري ۽ قومي قوتن کي عوام جي ساٿ سان پُرامن جمهوري جدوجهد وسيلي اهو خال پرڻ گهرجي. جيترو اهو خال موجود رهندو اوترو اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم ان جو هر ممڪن فائدو وٺنديون. سنڌي عوام جي قومي سگهہ ۾ مسلسل پُرامن جمهوري جدوجهد وسيلي واڌارو ئي اهو Counter Balance ٿي سگهي ٿو. جيڪو اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم جي طاقت جي توازن جو توڙ ۽ سدباب بڻجي سگهي.

(ت) ملڪي ۽ عالمي سطح تي ايم ڪيو ايم کي سفارتي طرح اڪيلو ڪرڻ گهرجي:

ايم ڪيو ايم جي سگهہ جو هڪ وڏو ۽ سگهارو بنياد سندن گمراهہ ڪن سفارتڪاري آهي. ايم ڪيو ايم جو شمار دنيا جي انهن چند منظم گروهن ۾ ڪري سگهجي ٿو جيڪي گمراهہ ڪندڙ سفارتڪاريءَ ۾ نهايت اڳتي وڌيل آهن. سندن سڄيءَ دنيا ۾ سفارتي لاڳاپن جو منظم جار وڇايل آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ سنڌين جي سفارتڪاريءَ جو دائرو تمام محدود آهي. اهو دائرو عالمي طور تي تہ ڇا پر خود ملڪ اندر بہ محدود آهي. بظاهر ايم ڪيو ايم جي ان گمراهہ ڪندڙ سفارتڪاريءَ جو توڙ ڪرڻ ڪٺي ممڪن نظر نہ اچي پر مسلسل جدوجهد جي سائنس ۽ حڪمت عمليءَ ذريعي ان جو توڙ عالمي توڙي ملڪي سطح تي يقيني طور ڳولي سگهجي ٿو. سنڌي ماڻهن جي ان

ڪامياب سفارتڪاريءَ جا هينيان سبب ٿي سگهن ٿا.

(1) سنڌي ماڻهن هيستائين سفارتڪاريءَ کي هڪ سياسي هٿيار طور گهربل سطح تي استعمال ئي نه ڪيو آهي. جدوجهد جو اهو ميدان سنڌن لاءِ خالي آهي.

(2) سنڌي ماڻهن جي اثرائتي سفارتڪاريءَ جا بنياد جائز ۽ سچ تي مبني آهن.

(3) دشمن کي حقيقتن، دليلن ۽ ثابتين سان وائکو ڪري ۽ پنهنجين دعوائن کي ساڳيءَ طرح ثابت ڪري سگهجي ٿو.

(4) سنڌي ماڻهن وٽ دنيا سان متعارف ٿيڻ لاءِ هڪ عظيم ۽ جڳ سڃاتل تاريخي ۽ تهذيبي حوالو موجود آهي.

(5) دنيا جي هر ڪنڊ ۾ سنڌي ماڻهو چڱي انگ ۾ رهن ٿا. انهن جي موجودگيءَ جو سياسي ۽ سفارتي فائدو وٺي سگهجي ٿو.

(6) ڪميونيڪيشن جي جديد انقلاب، سائبر ورلڊ، سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ متبادل ذريعن سان پنهنجو ڪيس دنيا آڏو وڏيڪ اثرائتي انداز سان رکي سگهجي ٿو.

(7) سنڌين جا ڪوڙا، ڪاغذي ۽ ناٽڪي نه پر حقيقي عالمي سفارتي فورم ٺاهي سگهجن ٿا ۽ موجوده فورمز کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو.

(8) سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي سياسي، ثقافتي ۽ سماجي طور ويجهو آڻڻ لاءِ حقيقي نيٽ ورڪ ٺاهڻ ۽ پيش قدمين لاءِ ماحول ٺاهي سگهجي ٿو.

(9) سياسي سوچ ۾ فرق باوجود سنڌين جي مستقل قومي مفادن بابت سڄيءَ قوم جو گڏيل قومي مؤقف ٺاهي ۽ پيش ڪري سگهجي ٿو.

(10) دنيا جي مڃيل انساني حقن ۽ عالمي اُصولن موجب سنڌ ۽ سنڌين جو ڪيس عالمي طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

**(ث) ايم ڪيو ايم جي پاليسين کي عوام ۽ دنيا آڏو مسلسل وائکو ڪرڻ گهرجي:**

ايم ڪيو ايم هڪ اهڙي جماعت آهي، جنهن کي سياسي سادگيءَ سان نه ته سمجهي سگهجي ٿو ۽ نه منهن ڏئي سگهجي ٿو ان لاءِ نهايت Advanced سياسي سوچ ۽ حڪمت عمليون ۽ جدوجهد جا طريقا گهرجن. دوکو ۽ ڦريٽي واٽيي واريون ٺلهيون ناٽڪي دانهون ۽ ڪُوڙ جو ورجاءُ ايم ڪيو ايم جا اهم سياسي هٿيار آهن. انهن جو سدباب بين ڳالهين سان گڏ سنڌن پاليسيءَ کي عوام ۽ دنيا آڏو مسلسل وائکو ڪرڻ سان هڪ پراسس ذريعي عملي طور ڪري سگهجي ٿو. پرامن جمهوري طريقن سان سنڌن هر پاليسي، حڪمت عملي ۽ قدم

کي بروقت ۽ مسلسل عوام ۽ دنيا آڏو وائکو ڪرڻ سان سندن سگهه کي ڪاپاري ڌڪ هڻي، سندن ڪاميابين جا امڪان گهٽائي سگهجن ٿا. حڪمت عملين جي سائنس موجب دشمن جي چالن، پاليسين، مفادن ۽ دوکن کي مسلسل Expose ڪرڻ مٿس ڪاپاري وار ڪرڻ جي مترادف آهي. شرط اهو آهي ته اهي سڀ رستا سچ تي ٻڌل ۽ پُرامن جمهوري هجن. سنڌي عوام طرفان جديد سياسي ٽيڪنالاجيءَ جي ان اثرائتي هٿيار کي گهربل سطح تي پوريءَ طرح نه آزمايو ويو آهي، ان کي جيترو وسيع دائري اندر استعمال ڪبو اوترو گهربل نتيجا ظاهر ٿيندا ۽ دشمن جي سگهه جا بنياد لُڏندا.

**(ج) هميشه ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ فرق ڪرڻ گهرجي:**

ان حقيقت باوجود ته اردو ڳالهائيندڙ عوام جي گهڻائي ايم ڪيو ايم جي حمايت ڪري ٿي، سنڌي عوام ۽ سندن نمائنده ڌرين ۽ دانشورن کي ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. هر سماج جي عوام اندر مخصوص حالتن سبب پنهنجون پنهنجون خاص ڪمزوريون ۽ مجبوريون هجن ٿيون پر دنيا جي سموري عوام جا پاڻ ۾ تضاد عارضي ۽ حل ٿي سگهڻ جوڳا آهن. اهو ساڳيو عالمي اُصول اردو ڳالهائيندڙ عوام تي به لاڳو ٿي سگهي ٿو ۽ لاڳو ٿيڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم هڪ مخصوص مفاد رکندڙ دهشتگرد ۽ فاشسٽ تنظيم آهي، جيڪا سنڌين سميت پنهنجي عوام جي به جائز مفادن جي عملي طور دشمن آهي. ان ڪري اسان کي هميشه ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم ته چاهيندي ته ان کي اردو ڳالهائيندڙ عوام جي اڪيلي سياسي نمائنده جماعت سمجهيو وڃي پر اهو ڪنهن طور به درست نه ٿيندو. اسان کي اردو ڳالهائيندڙ عوام جي سمورن جائز انساني، سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ اخلاقي حقن جي حمايت ڪرڻ گهرجي ۽ ايم ڪيو ايم جي مفادن ۽ پاليسين کي ڌار ڪري ڏسڻ گهرجي. اهو رويو اُصولي طور به درست آهي ۽ حڪمت عمليءَ طور به. هينئين طريقن سان اهو فرق واضح ڪري سگهجي ٿو ۽ گهربل مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا.

(1) اردو ڳالهائيندڙ عوام سان پنهنجائپ ۽ برادرانه رويي جي هر سطح تي اظهار ڪرڻ سان.

(2) روشن خيال، جمهوريت پسند ۽ عوام دوست اردو ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ويجهو آڻڻ سان.

(3) گڏيل ۽ وسيع تر مفادن ۽ اشوز تي اردو ڳالهائيندڙ عوام سان گڏجي سياسي سرگرميون ڪرڻ سان.

(4) روشن خيال ۽ باضمير اردو اديبن ۽ دانشورن سان لاڳاپا وڌائڻ ۽ ساڻن گڏيل جمهوري فورم ٺاهڻ سان.

(5) گڏيل ثقافتي ۽ سماجي سرگرميون تيز ڪرڻ سان.

(6) نسلي بجاءِ قومي جمهوري ۽ نظرياتي سياست کي هٿي وٺرائڻ سان.

(7) اردو ڳالهائيندڙ عوام کي اهو احساس ڏيارڻ ته سندن جائز مستقل مفاد سنڌ ۽ سنڌين سان واڳيل آهن ۽ ايم ڪيو ايم جي واٽ سڀني لاءِ تباهيءَ جي واٽ آهي.

(8) اردو ڳالهائيندڙ عوام کي مسلسل اهو احساس ڏيارڻ سان ته ايم ڪيو ايم جي سياست بنيادي طور سندن جائز مفادن لاءِ به مستقل خطرو آهي ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد سياست جا نتيجا پس و پيش کين ڀوڳڻا پون ٿا.

**(پندرنهن وار رسالي ”افيئر“ جي 1 جولاءِ 2005ع جي اشاعت ۾ شايع ٿيل مضمون جو مڪمل متن)**

# سنڌ جا مستقل قومي مفاد، اردو ڳالهائيندڙ آبادي ۽ ايم ڪيو ايم جو سوال

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ سياسي حوالي سان حالتون ناپر ۾ آهن ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ٻين آبادين ۽ سنڌين وچ ۾ اُپريل تضاد به نظر نٿو اچي پر تنهن هوندي به ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جي سوال سان اهو بحث هڪ دفعو وري سامهون آيو آهي. اها ڳالهه ان ڪري به اهميت واري آهي، جو ان بابت سياسي حلقن طرفان مختلف نوعيتن جا رايا سامهون اچي رهيا آهن. جيئن ته سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل مفادن جي حوالي سان اها ڳالهه وڏي اهميت رکي ٿي، ان ڪري ضروري آهي ته ان سوال جو گهڻن حوالن سان حقيقت پسنديءَ سان جائزو ورتو وڃي ته جيئن اُن باري ۾ ابهام پيدا ٿيڻ جي صورتحال پيدا نه ٿئي.

موجوده صورتحال ۾ ايم ڪيو ايم جو سوال سنڌ جي سياست ۾ هڪ دفعو وري اُن ڪري ڪرُ کڻي اُڀريو آهي جو ڪي ڌريون ملڪ ۾ ٿهيل مظلوم قومن جي اتحاد "پونم" ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت تي زور ڏئي رهيون آهن ۽ اُنهن ۾ رڳو غير سنڌي ئي نه پر ڪجهه سنڌي ڌريون به شامل آهن. جيتوڻيڪ ورهاڱي کان وٺي سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ۽ سنڌين وچ ۾ بنيادي نوعيت جا مسئلا، تضاد ۽ ڦڏا ۽ ڪڏهن جهَڪي ته ڪڏهن تيز سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ اقتصادي ڇڪتاڻ جي صورتحال رهندي پئي آئي آهي، پر تنهن هوندي به ايم ڪيو ايم جو سوال رڳو سنڌ ۾ سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ وچ ۾ موجود معروضي تضاد جو

نتيجو ناهي. ايم ڪيو ايم اُن کان علاوه بہ هڪ مڪمل ڏار فنامنا آهي. عام طور ايم ڪيو ايم کي صرف سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي مسئلي جي پس منظر ۾ ڏٺو ۽ پرکيو ويندو آهي، جڏهن تہ اُن جي نوعيت بنهہ مختلف آهي.

جيتوڻيڪ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ايم ڪيو ايم جي وجود، پاليسين، مقصد ۽ روين کان قطع نظر بہ سنڌ ۾ سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ اقتصادي شعبن جي مختلف سطحن تي سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ وچ ۾ تضاد نہ رڳو ماضيءَ ۾ ورهاڱي کان وٺي رهيو آهي، پر بدستور موجود آهي. تاريخ جو عجيب جبر آهي تہ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام سان جيڪڏهن ڪنهن قوم تي واقعي بہ مصيبتن جي ڪا تاريخي ڇپ يا آفت ڪِري تہ اُها بدنصيب ڌرتي سنڌ ئي هئي ۽ اُن سڄي بحران جا جيڪڏهن ڪنهن قوم سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ نتيجا ڀوڳيا آهن، تہ اُهو بہ هن ڏُکي ديس جو مظلوم عوام آهي. يعني جنهن قوم جي 1946ع جي آدمشماريءَ ۾ پنهنجي وطن ۾ 97 سيڪڙو قطعي اڪثريتي حيثيت هجي، اُها اڌ صدي گذرڻ کانپوءِ هيئن بيواهي، نڌڻڪي، بي وس ۽ ويساهہ وسوڙيل هجي ۽ نہ رڳو اهو پر اُن جي اڪثريتي حيثيت کي ماڳهين خطرو درپيش هجي، شهر اُن کان کسيل هجن تہ اُن کان وڌيڪ ڪنهن قوم سان ٻيو ڪهڙو هاڃو ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ايئن بہ ڪونهي تہ ڪو اُهي نِلها تاريخي حادثا آهن. ورهاڱي وقت سنڌ ڏانهن هندستان جي مختلف علائقن مان ماڻهن جي لڏپلاڻ، جنهن بابت پاڪستان جي سموري تحريڪ دؤران ڪو بہ معاهدو يا ذڪر نہ ٿيو هو، دراصل اُنهن بدنيت ۽ استحصالي قوتن جي سازش هئي، جن نئين ٺهندڙ ملڪ کي سٽيو گرهہ سمجهي اُن لاءِ پنهنجن "مخصوص مفادن" خاطر رٿابندي ڪئي هئي. پاڪستان جي قيام ۾ سياسي سطح تي مسلم حڪمران طبقن جون جيڪي قوتون متحرڪ هيون، اُنهن ۾ هندستان جي اڪثريتي مسلم علائقن جا نواب، جاگيردار ۽ مٿين طبقي جا ٻيا بہ بالادست عنصر هئا ۽ وڏي ڳالهہ تہ هو اسان جي جاگيردارن، وڏيرن ۽ نوابن وانگر جاهل، ڪوتاهہ نظر ۽ پنهنجي همعصر دؤر ۾ ٿيندڙ تبديلين ۽ اُنهن جي اثرن کان ايئن اڻ واقف نہ هئا. هنن کي خبر هئي تہ گڏيل هندستان ۾ هو هڪ خسيس اقليت جا نمائندا رهجي ويندا ۽ هنن کي خبر هئي تہ سياست پنهنجن جائز/ ناجائز سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي مفادن جي تحفظ جو ڪيڏو نہ اثرائتو ۽ طاقتور هٿيار ۽ ذريعو آهي. اُن ڪري هنن نہ رڳو مسلمانن لاءِ هڪ الڳ وطن جي مطالبي تي گهڻو زور ڀريو پر هنن هڪ ٻي سازش

ٻہ ڪئي. هنن کي خبر هئي تہ جيڪو ملڪ ٺهندو اُهو هنن لاءِ هر طرح سان اوپرو هوندو. اُن ملڪ جو سياسي اقتدار ۽ رياستي اختيار تہ هو حاصل ڪري وٺندا پر اُن ملڪ ۾ هو عوام ۾ پنهنجون پاڙون هڻي نہ سگهندا. اُن ڪري ورهاڱي وقت ۽ اُن کانپوءِ هندستان مان هيڏانهن جيڪا مسلسل لڏپلاڻ ٿي آهي، اُها ايئن پاڻ مرادو نہ ٿي آهي. هنن کي خبر هئي تہ نئين ٺهندڙ ملڪ ۾ اوپر پاڪستان ۾ هنن لاءِ ڪوبہ چارو موجود نہ هو. اولهہ پاڪستان جي چئن صوبن مان سرحد ۽ بلوچستان جي اُن زماني ۾ ڪا اثرائتي يا سياسي توڙي اقتصادي معنائن ۾ چارمنگ حيثيت نہ هئي. پنجاب جي حڪمران طبقي جي چالاڪيءَ ۽ عياريءَ جو هنن کي چڱيءَ طرح اندازو هو. نتيجي ۾ هنن جي نظر سنڌ ۽ اُن ۾ بہ خاص ڪري شهري آبادين ۽ خاص طور تي وڏن شهرن تي پئي، جو کين خبر هئي تہ ڪراچيءَ جي اقتصادي ۽ جيو- پوليٽيڪل لحاظ کان ڪيتري نہ اهميت آهي. اُن ڪري اڄ جيڪو سنڌ جي سمورن وڏن شهرن تي سنڌين بدران ٻين جو قبضو ۽ تلسط آهي. اُهو ايئن اتفاق سان ۽ پاڻمرادو قطعي ڪونہ ٿيو آهي. پاڪستان جي قيام کان پوءِ ملڪ جي سول بيورو ڪريسيءَ ۾ 70 سيڪڙو اڪثريتي حيثيت هندستان مان آيل اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ سان واسطو رکندڙ ماڻهن جي هئي. اهڙو ئي حال سياسي قيادت جو بہ هو. جناح بيمار ٿي بستري پيڙو ٿي چڪو هو ۽ ملڪ جي اڳواڻي لياقت علي خان جهڙي ماڻهوءَ وٽ هئي، جنهن جي ڪيل فيصلن، پاليسين ۽ روين بابت هاڻي ايترو رڪارڊ موجود آهي جو هن جي بدنيت ڪردار بابت شڪ جي ڪا گنجائش نٿي رهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين سنڌ توڙي ملڪ ۾ جيڪا بہ سياست "مهاجر سياست" جي نالي ۾ ٿي آهي، اُها پنهنجي سرشت ۾ عوام دشمن، جمهوريت دشمن ۽ مجموعي طور سنڌ دشمن رهي آهي. هڪ تہ خود هندستاني مسلمانن، خاص طور تي اُتر پرديش ۽ سي پيءَ سان واسطو رکندڙ هن مخصوص پس منظر رکندڙ آباديءَ کي تاريخي طرح پنهنجي ثقافتي برتريءَ جو احساس رهيو آهي. مغل شهنشاهيت جي اسٽيبلشمينٽ هنن جي هٿ ۾ هئي، اُن ڪري اهو نفسياتي گهمنڊ ۽ سماجي/ ثقافتي برتريءَ جو احساس هُو هتي بہ پاڻ سان گڏ کڻي آيا. جڏهن نوان نوان آيا، تڏهن چاڪاڻ تہ بلڪل ڏتڙيل حالت ۾ هئا، اُن ڪري پنهنجي نفسياتي/ ثقافتي برتريءَ جي احساس ڏيکارڻ جي حيثيت ۾ نہ هئا. تنهن هوندي بہ لياقت علي خان پاران سنڌ کي گڏهن ۽ گهوڙن جي ثقافت ڪوٺڻ جا لفظ رڪارڊ تي آهن، پر پوءِ جيئن جيئن اهو طبقو معاشي، سماجي ۽

سياسي طور مضبوط ٿيڻ لڳو تيئن تيئن هنن منجهه اهو بر تريءَ جو احساس جاڳڻ لڳو. هو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي اُتم ۽ ٻين ٻولين ۽ ثقافتن کي گهٽ درجي جو سمجهڻ لڳا ۽ بدستور سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ هاڻي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي نمائنده سياست نام نهاد "مها اسلاميت" ۽ "مها پاڪستانيت" مان جند ڇڏائي چُڪي آهي، پر ورهاڱي کان وٺي ڪيترن ڏهاڪن تائين "مهاجر سياست" جا بنياد اهي ٽي نقطا هئا، يعني "مها پاڪستانيت"، "مها اسلاميت" ۽ "جمهوريت دشمني". دراصل سندن ناجائز ڦورو سياست ۽ مفادن جي بچاءَ جا اُهي ٽي ٽئي وڏي ۾ وڏا هٿيار هئا. جمهوريت کين اُن ڪري راس نٿي آئي جو هڪ ثقافتي اقليت ۽ ملڪ جي ڪُل آباديءَ جو 6 سيڪڙو هئڻ جي حيثيت ۾ اُن جو حڪمران طبقو پنهنجي اقتدار تي تسلط يا ياڳي پائيواريءَ کي فطري طور محسوس ڪري رهيو هو. اُن ڪري اڄ تائين ملڪ ۾ هلندڙ ڪنهن بہ جمهوري تحريڪ يا آواز جو جائزو وٺبو تہ هيءَ آبادي ۽ اُن جي قيادت اسان کي اُن جي مخالف ڌارا ۾ نظر ايندي. گذريل 50 سالن ۾ هن آباديءَ ۽ اُن جي هر دؤر جي قيادتن مختلف نام نهاد نظرين، پارٽين، جهنڊن ۽ نعرن جي آڙ ۾ سنڌ ۽ اُن جي عوام سان ڇا ڇا نہ ڪيو آهي، اُن جي تفصيل ۾ وڃڻ اُن ڪري بہ اجايو ٿيندو جو اهو سمورو رڪارڊ نہ رڳو موجود آهي، پر سنڌ جي عوام جي دلين تي نقش ٿيل بہ آهي. اُن هوندي بہ مان ذاتي طور ان راءِ جو آهيان تہ اُن تاريخي جبر جي نتيجي ۾ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۽ اُن جي هر دؤر جي بدنيت ۽ ڪوتاهہ نظر سياسي ليڊرشپ ڌانهن ساڳي روش اختيار ڪرڻ نہ گهرجي. اسان جهڙن معاشرن ۾ عوام پنهنجن پنهنجن ڦورو ۽ استحصالي حڪمران طبقن وٽ ڦاٿل ۽ يرغمال هجي ٿو. مثلاً ورهاڱي وقت سنڌ جي جنهن قيادت ننڍي کنڊ جي سياست ۾ ڪانگريس توڙي مسلم ليگ ۾ سنڌ جي نمائندگي ٿي ڪئي، ڇا اُها سنڌ جي عوام ۽ سنڌ جي مستقل مفادن جي تحفظ جي آئينہ دار هئي؟ يا اڄ تائين سنڌ جو حڪمران طبقو يعني سنڌ جو جاگيردار، پير، مير، وڏيرو پوتار جيڪا سياست ڪندو رهيو آهي، اُن سنڌ ۾ سنڌ جي عوام کي بنيادي طور فائدو رسايو آهي يا نقصان؟ خود پ پ پ جنهن کي گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌ جو عوام پنهنجو قطعي اڪثريتي مينڊيٽ ڏيندو پيو اچي، اُن جي فلاسافي، پاليسيون، رويا ۽ ترجيحون، سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل مفادن جي تحفظ جون آئينہ دار آهن؟ اُن ڪري اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي سمورن غلط لاڙن، نفسياتي، سماجي ۽ سياسي توڙي ثقافتي روين باوجود اُن جي عوام ۽

حڪمران طبقي ۾ هميشہ فرق ڪرڻ گهرجي. دنيا جي سموري عوام اندر جيڪي بہ قوميتي، تهذيبي، ثقافتي، سياسي، اقتصادي، سماجي، نفسياتي ۽ ٻيا بنيادي تضاد موجود آهن، اُهي ڪي حل نہ ٿي سگهڻ جوڳا نہ آهن. اُن ڪري ڳالهہ جو مطلب هيءُ آهي تہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ۽ اُن جي حڪمران طبقي ۾ هميشہ ضرور بنيادي فرق ڪرڻ گهرجي.

اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي حوالي سان اهو ئي مؤقف متوازن ۽ درست ٿيندو تہ اُنهن کي سنڌ جو مستقل شهري تسليم ڪيو وڃي، جيڪو عملي طور ڪيو بہ ويو آهي. ڪين سنڌ ۾ رهندڙ هڪ ثقافتي اقليت طور، سنڌ تي ڪنهن بہ تاريخي حق توڙي حڪمرانيءَ جي حق (Right of Rule) کان سواءِ ٻين سمورن (سياسي، سماجي، ثقافتي، اقتصادي) حقن ۾ بنا ڪنهن تفريق جي شريڪ سمجهيو وڃي. جڏهن تہ حقيقت ۾ سنڌ ۾ اُهي سمورا حق ڪين سنڌي عوام جي ڀيٽ ۾ اڳ ئي وڌيڪ مليل آهن. سنڌ جا شهر سندن حوالي آهن. شهرن جو ڪاروبار گهڻي ڀاڱي سندن ڪنٽرول ۾ آهي، ملڪي آباديءَ جي 6 سيڪڙو حصي جي قطعي اقليتي ٻوليءَ کي ملڪ ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ رڳو بجيٽ سنڌيءَ ۾ پيش ٿيئي ٿي تہ ٻائيتال مچي ٿو وڃي. ايم ڪيو ايم هڪ اقليتي سياسي ڌر هئڻ باوجود سنڌ ۾ ڪا حڪومت فضيلت سان هلڻ نہ ٿي ڏئي. جڏهن کان ايم ڪيو ايم وجود ۾ آئي آهي، اُن ڪنهن هڪ بہ سنڌ حڪومت کي فضيلت سان هلڻ نہ ڏنو آهي. ها البت اسان جي سياسي ليڊرشپ توڙي دانشورن جي هڪ ڳالهہ ذاتي طور مون کي سدائين غير واجبي محسوس ٿيندي آهي، جڏهن اُهي اها گهُر ڪندا آهن تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي يڪدم سنڌي ٿي وڃي. ثقافتي اقليتون ايئن فرمائش تي قومن ۾ ضم ٿي نہ ويندڙيون آهن. اها ڳالهہ هڪ ڊگهي Process ۾ ٿي بہ سگهي ۽ نہ بہ ٿي سگهي ٿي. اُن ڪري چوڻ ايئن نہ گهرجي تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي ترت سنڌي ٿي وڃي. چوڻ اهو گهرجي تہ اُهي سنڌ جا ذميوار ۽ وطن دوست شهري ٿي رهن ۽ پنهنجي ٻوليءَ، سماجي ماحول، سياسي روين، مقصدن ۽ پاليسين کي سنڌ جي مجموعي قومي مفاد سان هم آهنگ ڪن. اُن ۾ ئي سندن بہ جائز مستقل مفادن جو بچاءُ آهي ۽ اهو ئي رستو سنڌ جي بہ مجموعي مفاد ۾ آهي. جنهن قسم جي مخصوص "مهاجر سياست" اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو حڪمران طبقو پنهنجي آباديءَ جي سهڪار سان گذريل اڌ صديءَ کان ڪندو رهيو آهي، اُن نہ رڳو سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن کي ڪاپاري ڌڪ رسايو ۽ سنڌي سماج جي

مجموعي ترقيءَ کي بيهاري يا سست رفتار ڪري ڇڏيو. پر اُن اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي بہ جائز مفادن کي سخت ڇيهو رسايو آهي. وقتي طرح تہ ڪين اُن سياست جي نتيجي ۾ وقتي مراعتون ۽ انيڪ ناجائز فائدا پئي مليا آهن، پر جي تاريخ جي تناظر ۾ ڏِسڻي نظر سان ڏسو وڃي تہ اها عوام دشمن، مظلوم قومن سان تضاد ۾ ايندڙ هوا ۾ لٽڪيل ۽ اڳرائي پسند دهشت پسند يا متعصب سياست خود اردو ڳالهائيندڙ عوام جي بہ حق ۾ ناهي. مثلاً اُن جا ڪجھ مثال ئي ڪافي آهن. اردو ڳالهائيندڙ آبادي هندستان مان پنهنجون سڀ پيڙيون ساڙي هتي آئي ۽ اُهي هن ڌرتيءَ تي مستقل امن ۽ سڪون سان فقط تڏهن ئي رهي سگهن ٿا جڏهن اُهي هن ڌرتيءَ سان پنهنجو روحاني، ذهني، ثقافتي، سماجي، سياسي ۽ اقتصادي رشتو جوڙين ۽ پنهنجن جائز مفادن کي سنڌ جي مجموعي قومي مفادن سان هم آهنگ ڪن. اُنهيءَ راهہ ۾ دراصل اها ئي متعصب سياست وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿي آهي.

سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي مجموعي طور جمهوري، حقيقت پسند، صاف سُٿري ۽ عوام دوست نفسيات نہ جُڙي سگهڻ ۽ مجموعي طور سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ وچ ۾ موجود سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي تضاد جي گهٽ نہ ٿيڻ جا جتي ٻيا انيڪ سبب آهن، اُتي هڪ سبب سندن دانشور طبقي جي سخت موقعي پرستي، مُتعصب سوچ ۽ بدنيت ڪردار بہ رهيو آهي. قومن، نسلي گروهن/ يا ننڍين توڙي وڏن سماجن جي سياسي اؤسر سندن سياسي ادارا ڪندا آهن، سندن مادي ترقيءَ ۾ حڪومتون بنيادي ڪردار ادا ڪنديون آهن ۽ اُنهن جي ذهني، روحاني ۽ نفسياتي اؤسر، تعمير ۽ ترويج ۾ بنيادي ڪردار سندن دانشور، اديب، عالم، شاعر، آرٽسٽ ۽ مجموعي طور سوچيندڙ ماڻهو ڪندا آهن. اُن حوالي سان اردو ڳالهائيندڙ دانشور طبقي جي قطعي اڪثريت جي فڪري، ذهني، علمي ۽ سماجي ڪردار جو جائزو وٺبو تہ اُن نہ رڳو پنهنجي ٻوليءَ ۽ سماج جي درست، عوام دوست بنيادن تي جمهوري ۽ فضيلت ڀري تربيت نہ ڪئي آهي، پر ماڳهين اُن کي گمراهہ ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. ڪنهن بہ آباديءَ يا سماج جي اُن کان وڏي بدقسمتي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، تہ اُن جا سُونهان، اُن کي گمراهہ ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندا هجن. اهو ساڳيو مسئلو لڳ ڀڳ ٿوري مختلف نوعيت سان پنجاب سان بہ لاڳو آهي. پنجاب ۾ بہ آگرين تي ڳڻڻ جيترن چند ماڻهن کانسواءِ مجموعي طور سندن دانشور طبقو ئي آهي، جنهن جو ڏنڌو ئي

پنهنجي عوام کي گمراهہ ڪرڻ رهيو آهي. مها پاڪستانيت, مها اسلاميت, پنهنجي قومي بالادستيءَ جي اسٽيٽسڪو کي هميشہ برقرار رکڻ ۽ مظلوم قومن جي وجود, سندن جائز حقن ۽ حيثيتن کان مسلسل انڪار, پاڻ کانسواءِ سڄيءَ دنيا کي غدار سمجهڻ, علمي طور هر بنيادي معاملي تي بنهہ ڇسپائيءَ جي سطح تي بيهي ڳالهائڻ ۽ اُن تي وڏي اڊمبر سان فخر ڪرڻ جهڙا “گُڻ” پاڪستان ۾ اُنهيءَ نام نهاد “پنجابي- اردو ڳالهائيندڙ” دانشور طبقي جون ئي پيدا ڪيل فڪري بِدعتون آهن. اڄ تائين رڳو ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ, اسٽيٽسڪو جي ترجمان سياسي پارٽين ۽ ليڊرشپ تي ئي باهيون ڪيريون ويون آهن. جڏهن تہ حقيقت ۾ پاڪستان کي نہ رڳو نظرياتي طور پر عملي طور بہ هن تباهيءَ جي ڪناري تي وٺي اچڻ ۾ اُنهيءَ نام نهاد دانشور طبقي جو وڏو ۽ بنيادي هٿ رهيو آهي. پنجاب ۾ وري بہ لبرل ۽ ترقي پسند دانشورن جو محدود ئي سهي پر بهرحال هڪڙو بهتر ڪردار رهيو آهي. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي تہ وڏي بدقسمتي اها آهي تہ نہ رڳو سندن نام نهاد مذهبي يا نسل پرست ڌارائن جي دانشورن جو ڪردار گمراهہ ڪندڙ رهيو آهي, پر سندن سڀ کان وڏيڪ فڪري بي ايمانيءَ جو ڪردار اُنهن ماڻهن پئي ادا ڪيو آهي, جيڪي بظاهر پاڻ کي لبرل, ترقي پسند, آزاد خيال, ڪميونسٽ ۽ الائجي ڇا ڇا چوندا رهيا آهن. اُن ڳالهہ جي ثابتيءَ لاءِ رڳو ماضيءَ تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي سڄي ڳالهہ واضح ٿي ويندي, مثلاً اردو ڳالهائيندڙ دانشور جناح کي سدائين پنهنجي مطلب جو بُت بڻائڻ ۾ تہ اڳرا رهيا آهن, پر هنن ڪڏهن اُن ڳالهہ تي هڪ لفظ بہ نہ لکيو آهي تہ لياقت علي خان, پاڪستان جي باني محمد علي جناح سان ڪهڙيون ذهني ۽ سياسي عقوبتون ڪيون؟ يا اهو تہ جناح جي فڪر جا اصل بنياد ڪهڙا هئا؟ ون يونٽ قائم ٿيو تہ اهو طبقو ملڪ جي مظلوم قومن جي ڌارا جي اُبتڙ پنجاب جي حڪمران طبقي سان گڏ هو. منجهائن ڪنهن هڪ بہ باضمير دانشور آواز بلند نہ ڪيو تہ اهو سراسر ظلم آهي. ون يونٽ خلاف سنڌي عوام جي مختلف محاذن تان شاندار جدوجهد هلي, ڇا هن طبقي اُن جدوجهد ۾ سنڌي عوام سان هم آواز ٿيڻ جي سلسلي ۾ ترِ جيترو بہ اخلاقي فرض ادا ڪيو؟ ٻيو تہ ٺهيو ايوب خان خلاف جمهوري تحريڪ هلي, اردو ڳالهائيندڙ عوام يا سندن ڪوتاهہ نظر سياسي قيادت تہ هڪڙي پاسي پر سندن دانشورن ٻيو تہ ٺهيو پر اُن تحريڪ جي حمايت ۾ لفظ بہ لکيو؟ اوير پاڪستان تي پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ قيامتون ڪڙڪائي ڇڏيون, سڄي ملڪ جي باضمير

ماڻهن طرفان بنگالين جي حمايت ۾ هتي آواز بلند ٿي ڪيا ويا، جي اُن موقعي تي ڪو خاموش رهيو تہ اهو ساڳيو نام نهاد پنجابي ـ اردو ڳالهائيندڙ دانشور طبقو ئي هو. حمايت تہ پري جي ڳالهہ آهي، ماڳهين سندن مخالفت ڪئي وئي ۽ الشمس ۽ البدر جهڙين بنگالي عوام جي قاتل تنظيمن جي حمايت ۾ طوفانِ بدتميزي اُٿاريو ويو. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي دؤر ۾ انڊي منڊي جمهوريت متعارف ٿي يا سنڌي مڊل ڪلاس ٺهڻ شروع ٿيو ۽ سنڌي ماڻهو بہ ترقيءَ جي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ لڳا تہ ڀُٽي صاحب خلاف زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيائون. اهو ڪم اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي اُن روايتي متعصب، نام نهاد مها پاڪستاني، مها اسلامي ۽ سنڌ دشمن سياسي ليڊرشپ تہ ڪيو پر اُن ۾ سڀ ڪان اثرائتو حصو سندن دانشور طبقي جو هو. ويندي پي اين اي جي تحريڪ تائين اهو سلسلو جاري رهيو ۽ جيستائين شهيد ڀُٽي کي ڦاهيءَ نہ چاڙهيو ويو، اهو طبقو سُک سان نہ سُتو. ضياءَ جو سڄو دؤر ملڪ جو ٻيو عوام ۽ خاص طور تي سنڌي عوام ضياءَ شاهيءَ خلاف جدوجهد ڪري رهيو هو پر اهو طبقو ۽ خاص طور تي سندن نام نهاد دانشور اُن جدوجهد جي حمايت ڪرڻ کان تہ پري رهيو پر اُن خلاف زهر اوڳاڇڻ جي ڏنڌي کي لڳل هئا. اُن سموري دؤر جون اخبارون کڻي ڏسي سگهجن ٿيون. ها البت تنهن وقت جو "جمع خان" ۽ اڇوڪو اجمل دهلوي پ پ جي ڌارا ۾ شامل هئڻ ڪري اڪيلي سر آواز بلند ڪري رهيو هو پر مان هتي اُن آباديءَ جي دانشور طبقي جي مجموعي ڪردار جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. ڳالهہ جي گهڻي تفصيل ۾ نٿا وڃون. هن طبقي جو سڀ کان گمراهہ ڪندڙ ڪردار تڏهن سامهون آيو جڏهن ايم ڪيو ايم جو قيام عمل ۾ آيو. هڪ تنظيم جنهن سنڌ جي وحدت خلاف نعرو بلند ڪيو جنهن پاڻ کي سنڌ اندر هڪ الڳ قوميت تسليم ڪرائڻ جو مقصد ظاهر ڪيو جنهن ملڪ جي سمورين قومن جي عوام خلاف اُگهاڙي دهشتگردي ڪري پنهنجي عوام کي اڪيلو ۽ Isolate ڪري ڇڏيو. جنهن پنهنجن نوجوانن کي هن جديد دؤر ۾ تعليم کان پري ڪري کين حڪم ڪيو تہ اُهي گهر جا ٿپڙ وڪڻي بہ هٿيار وٺن. ايم ڪيو ايم هڪڙي مڪمل فاشسٽ تنظيم طور اُڀري، ٻيو تہ ٺهيو پر اُن پنهنجي آباديءَ توڙي تنظيم مان اُڀرندڙ اختلافي آواز کي گوليءَ سان ٿي جواب ڏنو ۽ جيڪا تنظيم پنهنجي چيئرمين عظيم طارق کان وٺي پنهنجي ٻولي ڳالهائيندڙ حڪيم سعيد، تڪبير جي ايڊيٽر صلاح الدين، رئيس امروهيءَ کي قتل ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نہ ٿي ڪري، اُن جي نہ رڳو اُصولي مخالفت نہ ڪئي وئي، پر

ان جي حمايت ڪئي وئي. اُن ڪري ايم ڪيو ايم اڄ تائين جيڪي به سنگين ڏوهه ڪيا آهن اُن لاءِ سنڌدن دانشور طبقو لازمي طور تمام گهڻو ذميوار آهي. مان نٿو سمجهان ته جي اهو دانشور طبقو ڪو باضمير ڪردار ادا ڪري ها ته ايم ڪيو ايم ايئن بي پرواهيءَ سان اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ها. اها ڳالهه مان پنهنجي پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ دانشور دوستن کي اڪثر چوندو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ سنڌي دانشورن جي حوالي سان صورتحال ايئن نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن اندر ڪا "ايم ڪيو ايم" نهي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪو ايئن ڪوشش به ڪري ٿو ته اُن کي ايئن ٿيڻ نٿو ڏنو وڃي. سنڌي وڏيرا شاهي، پيرن، ميرن، جاگيردارن تي سڀ کان وڏيڪ مزاحمتي تنقيد اسان جي انهيءَ ايري سيري سوچيندڙ لَڏي پئي ڪئي آهي. سنڌ جي دانشور، جي ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ جي مخالفت ڪئي آهي، ته اُن اڄ تائين 30 سيپٽمبر جي واقعي کي به ڪڏهن Own نه ڪيو آهي. اسان جي شاعرن (حسن مجتبيٰ وغيره) اُن تي شعر لکيا ۽ اڄ تائين هڪ به باضمير سنڌي دانشور/ ليکڪ انهيءَ دهشتگرديءَ جي پُٺڀرائي نه ڪئي آهي. اسان جي تعليمي ادارن ۾ قومپرستيءَ جي نالي ۾ ٿيندڙ غنڊه گرديءَ کي وائکو پئي ڪيو ويو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ اُن جي پُٺڀرائي نه ڪئي وئي آهي. قاسم آباد ۾ "سنڌي جوڙا" پٽڻ گيري ڪن ٿا ته سنڌي پريس اُن کي وائکو ڪري ٿي، پر اڄ تائين اردو پريس ڪڏهن لکيو آهي ته ڪراچيءَ جي عوام ۽ واپارين سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ اُن ڪري مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ وچ ۾ ويڇن جي گهٽجڻ ۽ اُن جي بنهي ڌرين لاءِ انصاف پريبي حل جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ سنڌ جي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي دانشور طبقي جو متعصب ۽ گمراهه ڪندڙ ڪردار به آهي. جيستائين اُن حوالي سان ڪو Break Through نه ٿيندو، تيسين اُن مسئلي جي حل طرف ڪا به بنيادي پيش رفت نه ٿي سگهندي.

هاڻي اُن سڄي پسمنظر ۾ ايم ڪيو ايم جي سوال تي، اُن جي بنيادي نقطن جي حوالي سان لازمي طور چند ڇاڻ ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ اُن جو جائزو وٺجي ته اُن ڏانهن اسان سنڌي ماڻهن جو رويو ڪهڙو ۽ ڇا هئڻ گهرجي؟ جيستائين ايم ڪيو ايم جو سوال آهي ته مان نٿو سمجهان ته اُن ۾ ڪو ابهام جو مسئلو آهي. ڪنهن کي خبر نه آهي ته ايم ڪيو ايم ڇا آهي؟ اها ڪهڙي دؤر ۽ پس منظر ۾ وجود ۾ آئي هئي؟ اُن جا نظرياتي بنياد ۽ سياسي مقصد ڪهڙا هئا ۽ آهن؟ اها ڪهڙن

ڪهڙن دؤرن ۾ ڪهڙين ڪهڙين "قوتن" جي هٿن ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل مفادن خلاف استعمال ٿي آهي؟ اُن جا نظرياتي بنياد، سياسي مقصد، پاليسيون، حڪمت عمليون، اوليتون، رويا ۽ "ڏنڊا" هيستائين ڪنهن جي خلاف رهيا ۽ استعمال ٿيا آهن؟ اُن ڪنهن جي مفادن کي ڪاپاري ڌڪ پئي هنيو آهي؟ ۽ اُها پس و پيش ڪنهن جي خلاف مصروفِ عمل آهي؟ اهڙا ۽ ٻيا انيڪ سوال آهن، جن تي جيڪڏهن ڪو به ماڻهو غور ڪندو ته ڳالهه ۾ دراصل ڪو به ابهام موجود نه آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪجهه ماڻهن جو ڏنڊو ئي اُن بابت مونجهارا ۽ اُبهام پيدا ڪرڻ آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌي عوام ايم ڪيو ايم جي سوال تي بلڪل واضح ۽ Convinced آهي. ايم ڪيو ايم جيڪي نظرياتي ۽ سياسي بنياد کڻي سامهون آئي هئي، اُهي ٿُلهي ليکي هي آهن:

(الف) مهاجرن کي سنڌ ۾ هڪ ڌار قوميت طور تسليم ڪيو وڃي.

(ب) سنڌ کي ٻن قومن ۽ ٻن ٻولين جو صوبو تسليم ڪيو وڃي يا مهاجرن کي الڳ صوبو/ وطن مهيا ڪيو وڃي.

(ت) سنڌ جي سياسي اقتدار تي مهاجرن جو هڪ ڌار قوميت جي حيثيت ۾ اڌواڌ حصو (Share) تسليم ڪيو وڃي.

(ج) ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو وڃي ۽ سرڪاري ادارن ۾ نوڪريون توڙي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلائون مقامي صرف مقامي (شهرن جي بنياد تي) ڊوميسائيل رکندڙ اُميدوارن کي ڏنيون وڃن.

(ح) کوکرا پار سرحد کولي وڃي ۽ بهارين کي (پاڪستان ۽ دراصل سنڌ ۾) گهرايو وڃي.

اچو ته اُن زماني ۾ ايم ڪيو ايم جي قائد الطاف حسين جي بيانن ۽ لکڻين مان اُنهن جي ثابتي ڳوليون.

"........ ڪراچيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 25 قومي اسيمبليءَ جون سيٽون، 70 صوبائي اسيمبليءَ جون سيٽون ڏنيون وڃن...." (ڪتاب: "الطاف جا عزم ۽ ارادا"، ص: 38)

"...... گورنر سنڌي هجي ته وزير اعليٰ مهاجر، هوم منسٽر سنڌي هجي ته آءِ جي پوليس مهاجر......" (ڪتاب ساڳيو ص: 20)

"...... ننڍي ڪنڊ جا رهاڪو هڪ قوم هئا ۽ اهڙيءَ طرح آفريڪا جا رهاڪو به هڪ قوم هئا..... هڪ قوم مان قوميتون پيدا ٿينديون آهن ۽ پوءِ هر هڪ قوميت

پنهنجي ڌرتي هٿ ڪري قوم ٺهي پوندي آهي...... ننڍي کنڊ ۾ پهريائين ٻن قوميتن هندو ۽ مسلم ـ جو نعرو اُسريو..... پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ اُهي ٻہ قوميتون ڦِري ٻہ قومون ٿيون. هڪڙي مسلمان ۽ ٻي هندو قوم..... پاڪستاني قوم ۾ بنگالي قوميت ظاهر ٿي. 1970ع ۾ بنگلاديش ٺهڻ سبب بنگالي قوميت ڦِري بنگالي قوم ٺهي پئي ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستاني قوم مان بہ قومون ٺهيون ۽ اڳوڻي ننڍي کنڊ واري هڪ قوم مان ٽي قومون ٺهيون ـ هندو، پاڪستاني ۽ بنگالي..... هاڻوڪي پاڪستان ۾ چار قوميتون ـ سنڌي، بلوچ، پختون ۽ پنجابي ظاهر ٿي چڪيون آهن، پر ورهاست وقت هندستان مان لڏي اچي سنڌ جي ڏاڪڻي علائقي ۾ ٽِڪي پوندڙ ماڻهن اڃان تائين پاڻ کي قوميت نہ سڏرايو آهي! جڏهن تہ اُنهن جي برتر ٻولي، اعليٰ ثقافت، گڏيل مخصوص مفاد ۽ سورهيہ بہ مقامي ماڻهن کان ڌار قسم جا آهن. تنهن ڪري اُنهن کي بہ گهرجي تہ اُهي پاڻ کي قوميت سڏرائين. (ڪتاب ساڃيہ ص: 173)

”........جڏهن پنجابي، بلوچي، پختون ۽ سنڌي قوميت جي ڳالهہ ٿيڻ لڳي تہ مهاجرن لاءِ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ ۽ حق حاصل ڪرڻ جو اڪيلو رستو اهو رهجي ويو تہ اُهي بہ پنهنجي قوميت جي ڳالهہ ڪن....“ (ڪتاب ساڃيہ ص: 58)

”......... ايم ڪيو ايم، جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي، ماڻهن کي هڪ راءِ جو شعور ڏنو آهي، اُنهن کي هڪ ليڊرشپ مهيا ڪئي آهي، اهو سڀ ڪيو. جيڪو مهاجرن جي حقن حاصل ڪرڻ جو سوال آهي.“ (ص: 50)

هاڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ايم ڪيو ايم ڪهڙا مقصد ۽ ارادا کڻي ميدان تي آئي آهي. دراصل ايم ڪيو ايم گهڻن عنصرن ۽ سببن جي ايڪسيڊنٽ جو فنامنا (لقاءُ) آهي. يعني هڪ پاسي تہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ اندر جيڪا مخصوص ڦورو ۽ متعصب ذهنيت اُسري آئي هئي، اُن پنهنجو سبجيڪٽو اظهار ايم ڪيو ايم جي صورت ۾ ڪيو. يعني اُن جو هڪ پس منظر اهو هو جيڪو مٿي حوالن سان واضح ڪيو ويو آهي، پر اُن جو هڪ ٻيو پس منظر بہ آهي. چيو وڃي ٿو تہ جنرل ضياءَ بہ اُن جي قيام ۾ اندروني طور وڏو بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو جو هن سمجهيو ٿي تہ سنڌ ۾ تيزيءَ سان اُسرندڙ ۽ اُڀرندڙ جمهوري عمل ۽ سياست کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ جو هڪ ئي طريقو آهي تہ سنڌ ۾ اهڙي متعصب سياست ذريعي هڪ زبردست اندروني سماجي، سياسي، اقتصادي، ثقافتي توڙي نظرياتي تضاد اُڀاري، سنڌ جي جمهوري Process کي تباهہ ڪيو وڃي ۽ پوءِ نيٺ

ايئن ئي ٿيو. اُن بابت هتي ورجاءَ ڪرڻ اجايو ٿيندو، جو اهو بنهه ويجهي ماضيءَ جو دؤر آهي ۽ اُن جو سمورو رڪارڊ نه رڳو موجود آهي، پر ماڻهن جي دلين تي به نقش ٿيل آهي. ايم ڪيو ايم پنهنجي مٿي بيان ڪيل مقصدن لاءِ گذريل 15 سالن کان ڇا ڇا پئي ڪيو آهي، اُن بابت سنڌي عوام ۾ ذري جيترو به مونجهارو يا ابهام موجود نه آهي. اُن ڪري هاڻي سنڌ ۾ بنيادي سوال ايم ڪيو ايم جي ڪردار تي بحث ڪرڻ جو ناهي، پر اُن ذاتهن اسان جي روين جو آهي. ايم ڪيو ايم ته اڄ به پنهنجي پهرين ڏينهن کان طئي ۽ واضح ڪيل مقصد لاءِ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهي آهي. ها البته اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ميچوئر ٿيڻ ڪري اُنهن پنهنجي حڪمت عملين، نعرن ۽ روين ۾ ضرور ڪجهه "فارم" جي تبديلي آندي آهي، پر اُن جو Content اڄ به بلڪل ساڳيو بلڪه اڳ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، جنهن جو تازو ثبوت ايم ڪيو ايم طرفان جنيوا ۾ انساني حقن جي هڪ ڪانفرنس ۾ پيش ڪيل مؤقف ۽ ورهايل پمفليٽ آهي، جنهن ۾ اها ٿيوري پيش ڪئي وئي آهي ته، "آخر "مهاجرستان" ڇو نٿو ٿي سگهي؟" اُن پمفليٽ جو مڪمل متن روزاني عبرت ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ايم ڪيو ايم بابت ڪجهه وقت کان هڪ عجيب ۽ بنهه گمراهه ڪندڙ مفروضو گهڙيو ويو آهي ته اُها هاڻي بدلجي، اشراف ۽ سنڌ دوست ٿي وئي آهي، يعني تاثر اهو ڏنو پيو وڃي ته ماڳهين ايم ڪيو ايم جي قيادت نظرياتي حج ڪري، توبهه تائب ٿي سياسي معنائن ۾ صوم و صلوات جي پابند ٿي وئي آهي. ان ڏس ۾ ڪجهه بنيادي نقطن تي غور ڪرڻ سان ڳالهه کي آسانيءَ سان سمجهائي به سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم بظاهر پنهنجو نالو تبديل ڪيو آهي، يعني اها بظاهر "مهاجر قومي موومينٽ" مان ڦري "متحده قومي موومينٽ" ۾ تبديل ٿي چڪي آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو ڪم ڪانئن نوازشريف جي پهرين دؤر ۾ اُن وقت جي آرمي چيف مرحوم آصف نواز ڪرايو هو، پر تنظيمن جي ڪردار جو تعين سندن نالا ۽ بظاهر نعرا ٿورو ئي ڪندا آهن. ڇا هٽلر جي نازين يا مسوليني پوئلڳن ڪڏهن پاڻ کي فاشسٽ سڏيو هو؟ دنيا جو ڪهڙو ٻچڙو ۽ انسان دشمن ڏنڌو آهي، جيڪو ٻبانگ دهل، انسان دشمنيءَ جي نالي ۽ نعري هيٺ ڪيو ويو هجي؟ دنيا جي ڪهڙي دهشتگرد تنظيم آهي جنهن پاڻ کي دهشتگرد سڏيو هجي؟ دنيا جو ڪهڙو آمر آهي جنهن اڄ ڏينهن تائين پاڻ کي آمر ۽ جمهوريت دشمن سڏيو هجي؟ جنرل ضياءَ ڪڏهن چيو هو ته مان جمهوريت جو قاتل ۽ آمر آهيان؟ هو ته پاڻ کي اسلام

۽ انسان دوستيءَ جو علمبردار سڏيندو هو. افغان جهاد جي نالي ۾ ضياءَ دؤر ۾ جيڪو آمريڪي سي آءِ اي جي ڊالرن تي ڏنڏو ٿيو، ڇا اهو واقعي اسلامي جهاد هو؟ ۽ اسلام ۽ افغان عوام جي سربلنديءَ ۽ مفادن لاءِ ڪيو ويو هو؟ اُن ڪري تنظيمن ۽ تحريڪن جي ظاهري نالن ۽ نعرن جي ڪابہ اهميت نہ هوندي آهي. يورپ ڪي سوين سال جهالت ۽ پسماندگيءَ جي ڏهڻ ۾ ڙِڪيندڙ ۽ عيسائي عوام جي زندگيءَ جا سڀ انساني حق سلب ڪندڙ ڪئٿولڪ پاپائيت ڪڏهن اهو چيو تہ اُهي انسان دشمن آهن؟ هُنن تہ پاڻ کي اصل خدا جو ڌرتيءَ تي نائب ۽ عوام جو مسيحا پئي سمجهيو. اُن ڪري ايم ڪيو ايم جي نالي تبديل ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ سوال آهي تہ ڇا هنن ڪڏهن ايئن چيو آهي تہ هنن جو ماضيءَ ۾ پيڌرو ڪيل منشور ۽ مقصد غلط هئا ۽ هاڻي هو اُنهن تان مڪمل طور تي هٿ کڻي چڪا آهن؟ ڇا هنن ڪڏهن اهو تسليم ڪيو آهي تہ سندن دامن تي جيڪي هزارين بيگناهہ سنڌي ماڻهن جي ناحق خون جا نشان آهن، هو اُنهن لاءِ شرمسار آهن؟ ڇا هنن سنڌ جي ورهاڱي جي خواب تان عملي طور هٿ کنيو آهي؟ اڄ بہ سندن ڪهڙو مطالبو آهي جيڪو بنيادي طور سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خلاف نہ هجي؟ جيستائين سندن بظاهر اسٽيبلشمينٽ مخالف هئڻ جي مفروضي جو تعلق آهي تہ اُها بہ اسان جي خام خيالي آهي.

حقيقت اِها آهي تہ ايم ڪيو ايم کي "خاص سببن" ڪري پهرين ڏينهن کان اندروني طور اسٽيبلشمينٽ جي ڳجهي توڙي ظاهري سپورٽ رهي آهي، پر جڏهن ايم ڪيو ايم اندروني طور هندستان جي هٿن ۾ کيڏي اسٽيبلشمينٽ کي "ڏڪ ڏيڻ" چاهيو تہ اسٽيبلشمينٽ جا رويا بہ هنن ڏانهن تبديل ٿيا. ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ جي خلاف نہ ٿي آهي، پر هاڻي انڊيا سان سندن مبينہ لاڳاپن هئڻ سبب، خود اسٽيبلشمينٽ منجهائن هٿ ڍرو ڪيو آهي. هاڻي سندن اڳوڻي "دادلائپ" ۾ ٿورو جزوي فرق آيو آهي. اڄ بہ ايم ڪيو ايم جي بين الاقوامي پروپيگنڊا جو مرڪزي نقطو ڪهڙو آهي؟ اهو ئي تہ پاڪستان ۾ هو سنڌ اندر هڪ مظلوم "قوميت" آهن، جنهن تي اسٽيبلشمينٽ ظلم ڪري رهي آهي ۽ کين پنهنجا حق نٿي ڏي. اڳ اُنهن نام نهاد "مهاجر حقن" جو مطالبو سنڌين کان ڪيو ويندو هو ۽ هاڻي اسٽيبلشمينٽ کان ڪيو وڃي ٿو. رڳو ڳالهہ جي فارموليشن جو فرق آهي. سوال آهي تہ اِهي "حق" ڪهڙا آهن؟ يا اُهي ڪنهن کان کسي کين ڏنا وڃن؟ ۽ اُهي سنڌ جي مجموعي مفادن سان هم آهنگ آهن ۽ اُن جي وحدت،

سالميت ۽ مستقل مفادن لاءِ خطرو آهن؟ اُن ڪري اِها هڪڙي وڏي گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا يا مفروضو آهي ته ايم ڪيو ايم هاڻي سنڌ دوست ٿي وئي آهي.

مان ايم ڪيو ايم ايم جي حوالي سان سنڌ اندر خاص طور تي ٻن ڌرين جي رويي ۽ نقط نظر تي پنهنجي ايماندارانه تنقيدي راءِ نه رکڻ ڪان ٿو پر اُن جو ڪليل اظهار ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ ته موجوده صورتحال ۾ به اُن بابت عوام ڪي حقيقتن ڪان واقف نه ڪيو ويو ته پوءِ اُن جا نتيجا تمام خطرناڪ نڪري سگهن ٿا. اُنهن مان پهرين ڌر پ پ پ جي آهي. پ پ پ پل ته پاڻ ڪي وفاقي پارٽي يا وفاق جي وحدت جي علامت سمجهي يا اُها پل ته پاڻ ڪي سنڌ جي قومي سوال ڏانهن جوابدار نه سمجهي، پر ڇاڪاڻ ته سنڌ جي عوام جو مينڊيٽ گذريل ٽن ڏهاڪن ڪان مجموعي طور اُن ڪي ملندو رهيو آهي، اُن ڪري مان سمجهان ٿو ته ڪين ان ڏس ۾ ضرور سنجيده ۽ ذميوار ٿيڻو پوندو. هڪ اهڙي پارٽي، جيڪا سنڌي ماڻهن جو سياسي مينڊيٽ هڪ زماني ڪان اڪيلي سر انجواءِ ڪندي هجي، اُها ڪيئن ٿي سنڌ جي بنيادي اشوز تي لاتعلق يا غير ذميوار رهي سگهي؟ افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ان حيثيت ۾ پ پ پ ڪي سنڌ جي حوالي سان جيترو ذميوار ۽ واضح ٿيڻ گهربو هو اُها ڪڏهن به ايئن نه ڪري سگهي آهي، نه رڳو اهو پر اُن هميشه سنڌ سان لاڳاپيل بنيادي معاملن ۾ ڏٺي تي ڪو ڪردار ادا ڪرڻ ڪان هميشه لنوايو آهي. يعني هڪ طرف سنڌي عوام جي طاقت جو توازن جنهن پارٽيءَ جي حق ۾ هجي ۽ ٻئي پاسي اُها اوتري غير ذميوار ثابت ٿئي، ته اُن جو سڌو مطلب اهو ٿيو ته سنڌي عوام جي اُن اٿاهه سياسي قوت ڪي نه رڳو اُن جي بنيادي ۽ مستقل مفادن لاءِ استعمال نه ڪيو ويو آهي پر ماڳهين وَس پُڄي اُن ڪان لاتعلق پئي ڪيو ويو آهي. ايم ڪيو ايم جي سوال تي پ پ پ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سياسي ڌر هئڻ ناتي نظرياتي ۽ اُصولي طور تي ڪڏهن به واضح نه ٿي سگهي آهي. ها پ پ پ جي ايم ڪيو ايم سان جيڪڏهن ڇڪتاڻ رهي به آهي ته اُها اقتدار جي سلسلي ۾ پيش ايندڙ پيچيدگين ۽ مسئلن جي حوالي سان رهي آهي، پر اُن جو حقيقي بنياد سنڌ ڪڏهن به نه رهي آهي. مثلن پ پ جي پهرين قائم علي شاهه واري سنڌ حڪومت ايم ڪيو ايم سان جيڪو لکت ۾ معاهدو ڪيو هو، اُن ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل مفادن جو ڪوبه لحاظ نه رکيو ويو هو ۽ اُنهن ئي ڳالهين ايم ڪيو ايم جو مٿو خراب ڪيو ۽ جڏهن ته اهو طئي ٿي ويو ته جيڪا سنڌ حڪومت ايم ڪيو ايم جي ڳيجهو ٿي نه رهندي، اها فضيلت سان

سنڌ ۾ هلي نہ سگهندي.

ايم ڪيو ايم جي حوالي سان ٻي ڳالهہ جنهن جي مؤقف ۽ ڪردار بابت مان تنقيدي راءِ جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو اُها سائين جي ايم سيد جي سوچ سان لاڳاپيل ڏر آهي، جنهن جا مختلف وقتن تي مختلف نالا، گروهہ ۽ ڌڙا رهيا، پر سندن سياسي سوچ جو بنياد هڪ آهي. اڄ جيڪو جسقم ـ ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪيو ويٺي آهي يا اُنهن پاران صفايون پئي پيش ڪري يا سائين جي ايم سيد جو فرزند امداد محمد شاهہ جيڪو ايم ڪيو ايم سان بنهہ ويجهڙائيءَ جي شهرت رکي ٿو ۽ پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت لاءِ سرگرم نظر اچي ٿو اُن جون پاڙون اُن پس منظر ۽ روبي ۾ آهن، جنهن جو بنياد ٻيو ڪنهن نہ پر خود سائين جي ايم سيد وڌو هو. جنهن زماني ۾ ايم ڪيو ايم ڏار قوميت جو نعرو هنيو اُن زماني ۾ سائينءَ پاڻ اُنهن تي هٿ رکيو ٻيو تہ ٺهيو الطاف جيڪي سنڌ جا دؤرا ڪندو هو اُن ۾ اُن ڌر سان لاڳاپيل ذميوار نوجوان اڳواڻ سندس باڊي گارڊ ٿي هلندا هئا. الطاف حسين جي ايل ايم سي ۾ لاڙڪاڻي واري جلسي جون تہ تصويرون ۽ اخباري رپورٽون بہ رڪارڊ تي آهن. ڇيو ويو تہ هاڻي پنجاب کان سنڌ جي جند ايم ڪيو ايم وارا آجي ڪرائي ڏيندا. اُن ڏِس ۾ سائين جي ايم سيد جا ڪيترا بيان، انٽرويو ۽ خُطبا رڪارڊ تي آهن. سياست ۾ دشمن قوتن سان ڳالهائڻ، رابطو رکڻ، اُنهن سان ڪن ڳالهين تي اتفاق توڙي گڏ هلڻ ڪي ڪڏهن بہ معيوب نہ سمجهيو ويندو آهي. اها تہ سياسي ڊپلوميسيءَ جي بنيادي تقاضا آهي، پر سوال آهي تہ اهو ڪهڙي وقت تي ڪجي؟ ڪهڙيءَ سطح تي ڪجي؟ اُن جي فارموليشن ۽ نوعيت ڪهڙي هجي؟ اُن ۾ پنهنجن مفادن جي تحفظ جا گهڻا امڪان ڪيئن پيدا ڪجن ۽ دشمن جي مفادن جي بچاءَ جا امڪان ڪيئن گهٽائجن؟ ۽ مجموعي طور اُن سڄي معاملي ۾ پنهنجا ڪهڙا فوري ۽ دائمي مفاد حاصل ڪجن؟ اهي سڀ سوال اُن سياسي ڊپلوميسيءَ جا بنياد هوندا آهن. جي اُنهن جو ڪو لحاظ نہ رکيو ويندو ۽ اُن باري ۾ ڪا تمام سنجيده ۽ دورانديش روش اختيار نہ ڪئي ويندي تہ اُن جا نتيجا ايترا تہ خوفناڪ نڪري سگهن ٿا، جو اُنهن جي ڪڏهن تلافي ٿي نٿي سگهي.

ورهاڱي وقت سنڌ جي ليڊرشپ ايئن ڪيو ۽ اڄ اسان اُن جا نتيجا ڀوڳي رهيا آهيون. اسين قومي طور جيڪي غلطيون اڄ ڪنداسين، اُن جا ڪيتا اسان جا ايندڙ نسل ڀوڳيندا. بلڪل ايئن جيئن اسان جي اڳئين نسل جي ڪوتاهہ

نظريءَ جو نتيجو اڄ اسين ڀوڳي رهيا آهيون. ڀلا سياست ۾ غلطيون به ڪيون آهن پر اُنهن مان تاريخ جي شعور جي روشنيءَ ۾ سکبو به آهي. جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي سوال تي سائين جي ايم سيد جي سوچ سان لاڳاپيل ڌر جو رويو ۽ نقطه نظر ڏسجي ٿو ته ڳالهه بنهه اُن جي اُبتڙ آهي. ڇا جيڪي ماڻهو ايڏي وڏي معاملي ۾ هڪڙي پوريءَ قوم پاران ايتري حساس معاملي تي "ڊيل" يا ڊائلاگ ڪن ٿا ته اُهي اُن لاءِ ڀلا سياسي طور گهٽ ۾ گهٽ Qualification رکن ٿا؟ سائين امداد محمد شاهه جي سياسي سنجيدگي ته اُن مان ظاهر آهي ته سائين چوويهه ڪلاڪ سياست ڪري ٿو ۽ ڪنهن سياسي تنظيم جو ٺلهو رسمي ميمبر ٿيڻ لاءِ به تيار نه آهي. پوءِ ڪهڙيءَ حيثيت ۾ ايترن وڏن معاملن ۾ سنڌ کي ايم ڪيو ايم جي هنج ۾ اُڇلايو ٿو وڃي؟ امداد محمد شاهه ته هڪ فرد آهي، جنهن جي ڪا وڏي حيثيت يا آواز جو وزن به نه آهي، جو هو سياستدان نه ته دانشور به ڪونهي، پر جسقم ته هڪ سياسي ڌر آهي، اُن کي هن ڏس ۾ ضرور سنجيدگي اختيار ڪرڻي پوندي. اُها جيڪڏهن اهي تاريخي غلطيون ورجائيندي ته اُن جا نتيجا خوفناڪ نڪرندا. يعني اُن ڏس ۾ ڇئن ميچوئر ماڻهن سان صلاح مصلحت ڪئي وڃي. اُن ڪري ايم ڪيو ايم بابت سنڌ ۾ غلط مفروضا متعارف ڪرائڻ دراصل ڪنهن جي مفاد ۾ آهن؟ اها ڪنهن جي خدمت ليکبي؟ سنڌ جي عوام جي يا سنڌ جي مخالف قوتن جي؟ ها البت مون پهرين به چيو ته ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ ضرور فرق ڪرڻ گهرجي. اردو ڳالهائيندڙ عوام جي ٻين مثبت فورمس سان ڳالهائڻ، کين اهم قومي معاملن ۾ شامل ڪرڻ ۽ ساڻن مختلف سطحن تي رابطو رکڻ ۾ نه رڳو ڪا خرابي نه آهي، پر اهو ضروري به آهي. اردو ڳالهائيندڙ عوام کي اهو شدت سان محسوس ڪرائڻ گهرجي ته اُنهن جا جائز مستقل مفاد به سنڌ ۽ سنڌي عوام جي جائز مستقل مفادن سان وابسته ۽ مشروط آهن. جيستائين اُهي ايم ڪيو ايم جهڙي سياست وٽ يرغمال رهندا، سندن جائز مفاد هميشه خطري ۾ رهندا.

پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت تي پناڻ ۽ بلوچ سردار به زور ڏئي رهيا آهن ۽ ظاهر آهي ته اُن جا ٺوس سبب به آهن. پناڻ ڪراچيءَ کي پنهنجو وڏي ۾ وڏو شهر Claim ڪن ٿا ۽ اُهي ايم ڪيو ايم جي سهڪار سان سنڌ ۾ پنهنجو سياسي ڪردار متعين ڪرڻ چاهين ٿا. اهو به ممڪن آهي ته کين يعني بلوچ سردارن ۽ پناڻن کي اهو "اشارو" هجي ته ايم ڪيو ايم ۽ سنڌ جي ڪجهه

قومپرست عنصرن سان گڏجي پ پ پ جي حيثيت کي Replace ڪن.
سياست مفادن جي جنگ ۾ جُوا جو نالو بہ آهي. جنهن ۾ هر ڌر پنهنجي حق ۾ داءُ هڻي اُها کٽڻ چاهي ٿي. پر سوال آهي تہ ڇا اسان اُن سموريءَ جنگ ۾ پنهنجي بچاءُ جي جنگ وڙهي رهيا آهيو؟ يا ٻين جي هٿن ۾ استعمال ٿي رهيا آهيون؟ ان سوال تي اسان کي ايمانداريءَ ۾ سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي.

**روزاني عبرت حيدرآباد – 29 ۽ 30 ڊسمبر 2000ع**

# گم ٿي ويل ”سنڌ ايجنڊا“ ۾<br>نئين سنڌ حڪومت!

سنڌ گذريل ڪيترن سالن کان جن بدترين معاشي، سياسي ۽ سماجي حالتن مان گذري آهي، ان حوالي سان چوندن ڪان اڳ سنڌ جي ساڃاهه وند ليکڪن ”سنڌ ايجنڊا“ جو سوال اُٿاريو هو، جنهن جو تت هيءُ هو تہ سنڌ جن حساس حالتن مان گذري رهي آهي ۽ ان سان جيڪي مسئلا ڇُهتيل آهن، ڇا ايندڙ سنڌ حڪومت انهن جو ڪو تدارڪ ڪري سگهندي؟ ڇا سنڌ جو ماڻهو سياسي، معاشي ۽ سماجي طور سک جو ساهه کڻي سگهندو؟ هاڻي جڏهن خيرن سان سنڌ ۾ حڪومت بہ قائم ٿي چڪي آهي ۽ علي محمد مهر جهڙي ماڻهوءَ جي وڏ وزارت هيٺ سنڌ ۾ نئين ڪابينا بہ قسم کڻي ”پنهنجو ڪم“ ڪرڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن حڪومت جي هر پارٽنر وٽ پنهنجي پنهنجي ڌار ايجنڊا تہ ضرور آهي، پر حڪومتي سطح تي ”سنڌ ايجنڊا“ جو ڪٿي اشارو بہ ڪونهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ موجوده حڪومتي سيٽ اپ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، جو سنڌ ان کان اڳ ڄام صادق، مظفر شاهہ ۽ لياقت جتوئيءَ جا حڪومتي ماڊل پڻ ڏسي چڪي آهي. جنهن ۾ ايم ڪيو ايم ۽ سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ”سهڪار“ سان مٿي ايندڙ

ننڍين سياسي گروهن کي ملائي حڪومت ٺاهي ويندي آهي. جنهن ۾ نالي ۾ ته وڏو وزير سنڌي هوندو آهي، پر سڄو حڪومتي وهنوار ايم ڪيو ايم وٽ هوندو آهي. هن دفعي به جنهن انداز سان سنڌ ۾ حڪومت قائم ڪئي وئي آهي ۽ جنهن ريت سنڌ جون وزارتون مالِ غنيمت جيان ورهايون ويون آهن، ان سنڌ جي ماڻهن کي مڪمل طور محسوس ڪرايو آهي ته سنڌ ۾ اهو ئي حڪومتن ۾ پارٽنر ٿيندو ۽ ان جا ئي وارا نيارا ٿيندا، جنهن سان "مٿيان" راضي هوندا. سنڌ جي عوام ۽ مينڊيٽ جو حڪومت جي قيام سان ڪوبه واسطو نه وڃي ۽ "مٿين" جي راضي رهڻ جا معيار ۽ محرڪ ڇا هوندا آهن؟ اُهي هاڻي ڪنهن کان به لڪل نه رهيا آهن. هنن چوندن مان ڪجھ ڳالهيون ته هاڻي هميشه لاءِ چٽيون ٿي ويون. مثال طور:

(الف) متحده زبان سان پل ته ڪٽي ڇا به چوي ۽ الطاف حسين لنڊن مان ڪٽي اسٽيبلشمينٽ خلاف ڪيترا به بيان ڏي پر سندن "حق ۽ واسطا" ڏٽين وٽ محفوظ آهن. حڪمت عملي اها آهي ته ڳالهيون ڪھڙيون به ڪجن، ڪم مٿين جو ئي ڪبو. متحده چوندن کان اڳ 1940ع جي قرارداد کان گھٽ ڳالھ ئي نه ٿي ڪئي پر هاڻي آهي ڪا بنيادي ۽ سنڌ جي ڳالھ ايجنڊا تي؟ سڄو ڏينهن سنڌ خلاف باهيون جاگيردارن جي نالي ۾ ڪڍيون، پر اقتدار ۾ ويھو انهن سان ۽ انهن ۾ به اُهي جيڪي سڌيءَ ريت "مٿين" جي مدد سان "مٿي" اچن. نه ته جاگيردار ۽ وڏيرا ته پ پ پ ۾ به آهن، پر اُهي قبوليت جوڳا نه آهن. علي احمد بروهي، آغا سليم، قمر شهباز ۽ متحده جا ٻيا اتحادي هاڻي متحده لاءِ ڇا ٿا چون؟

(ب) سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ حڪومت ۾ سنڌين کي وزارتن جو ٽيون حصو ڏنو ويو آهي. هوندئن ته جنهن قسم جا وزير سنڌين مان کنيا وڃن ٿا، اُنهن کي وزارتون گهٽيون به ملن ته به خير جي ڳالھ آهي جو ان سان سنڌ جي عوام کي ته هوندئن به ڪو خاص فرق ۽ فائدو نه ملندو پر ڳالھ "حقِ حاڪميت" جي آهي. هن دفعي اهو حجاب به ختم ڪيو ويو ته سنڌي هجن يا ٻيا، آهن ته سڀ مٿين جا. هنن جي پنهنجي عوام ۽ قوم سان ته ڪمٽمينٽ هوندئن به نه هوندي، پوءِ ڇو نه "قومي سوچ" اختيار ڪري سنڌ ۾ وزارتون سڀني صوبن جي ماڻهن کي ورهائي ڏنيون وڃن. جن ماڻهن جو پنهنجي صوبي ۾ وٺي ٽالهيءَ تي به نالو نه آهي انهن کي به سنڌ ۾ وزارتون ڏنيون ويون آهن ۽ اُهي به سندن مرضيءَ تي. يعني هنن چوندن کان پوءِ قائم ٿيل حڪومت ۾ اها ڳالھ "مٿين" واضح ڪئي آهي ته هرو

پر وَاهو ضروري ڪونهي تہ سنڌ حڪومت ۾ نالي ماتر ئي سهي پر گهٽائي سنڌين جي هجي. ماڻهو سندن "پنهنجا" آهن. پوءِ ان ۾ سنڌي اڪثريت ۾ هجن يا اقليت ۾ ان سان ڪو خاص فرق نہ ٿو پوي. متحده بہ پنهنجين وزارتن ۾ Share تي تہ هميشہ جيان اعتراض ڪيو آهي. پر ان جو ڪوبہ نوٽيس نہ ورتو آهي تہ سنڌ حڪومت جي ڪابينا ۾ سنڌي ٿورائيءَ ۾ ڇو آهن؟ سنڌي وزيرن ڪي تہ اهو اعتراض هوئڻ ئي اُصولي طور ڪرڻو نہ آهي. جو هو "قومي سوچ" رکن ٿا ۽ هنن سنڌي عوام جي مينڊيٽ جي بنياد تي نہ پر مٿين جي زور تي وزارتون ورتيون آهن. اسلام آباد جي هڪ 21هين گريڊ جي آفيسر جي سنڌ ۾ موجودگي ۽ سنڌ حڪومت جي قيام ۾ "مدد" تہ هاڻي ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ آهي. ٻيو تہ ٿهيو ڪابينا ۾ ڏرين جو وزارتن تان اختلاف ٿيو تہ خبر آئي تہ اسلام آباد مان هدايتون اچي ويون آهن. نتيجي ۾ وزارتن جا قلمدان تبديل ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي "مسئلو" حل ٿي ويو آهي. هوئڻ بہ هاڻي وزيرن ڪي تہ "پنهنجا مسئلا" ئي حل ڪرائڻا آهن. ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جا مسئلا تہ ڪو مسئلو نہ آهي.

(پ) جنرل پرويز مشرف جڏهن نواز شريف جي حڪومت کي هٽائي اقتدار ۾ آيو هو تہ هن جي پهرين تقرير ملڪ ۾ ۽ خاص طور سنڌ ۾ وڏي بحث جو سبب بڻي هئي. جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هن اهو بہ چيو هو تہ ننڍن صوبن ۽ سنڌين سان ماضيءَ ۾ زيادتيون ٿينديون رهيون آهن. جن جو سدباب ڪيو ويندو. اها ڳالهہ هن پوءِ هر جاءِ تي ورجائي. ويندي ان حد تائين جو هن ڪراچيءَ ۾ سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن سان ڳالهائيندي اهو بہ چيو هو تہ ان واعدي جي وفا ٿيڻ جي ضمانت هو پاڻ آهي. سنڌ پوءِ ان جي وفا اها ڏٺي تہ چيو ويو تہ سنڌي آفيسر قابل نہ آهن. جو ڪين اهو منصب ۽ ذميواريون ڏنيون وڃن. صوبن کي خودمختياري ڏيڻ بدران اقتدار جي هيٺين سطح تائين منتقليءَ جي نالي ۾ صوبن کان نہ رڳو اهڙا منڊا اختيار بہ کسيا ويا پر ضلعن کي صوبن سان ٽڪرار ۾ سامهون آندو ويو ۽ ضلعن کي تہ مرڪز سڌيءَ ريت پاڻ ڊيل ڪري ٿو. ويندي سندن فنڊ بہ مرڪز وٽ آهن. اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ سان ساڳيون زيادتيون ۽ بہ اڪيائي برقرار رکي وئي. سنڌ جي ماڻهن جي احتجاج ۽ آواز کي نظرانداز ڪري ٿل ڪئنال جي رٿا شروع ڪئي وئي. جيڪا بدستور جاري آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ هارين ۽ آبادگارن کي بتال ڪري ڇڏيو. پر ماڻهن کي پاڻي نہ مليو ۽ نہ ٻيو ڪو رليف. سنڌ پوليس تہ ٿهيو پر ٻين قانون لاڳو

ڪندڙ ادارن ۾ سنڌ کي معاشي طور مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي. اربين روپيا انهن تي خرچ ٿين ٿا پر ڌاڙيلن جا چند ٽولا حڪومت کان نٿا سنڀالجن. ڪراچيءَ ۾ دهشتگردي الڳ. صدر پرويز مشرف چيو هو ته هو ڪرپٽ ماڻهن کي وري اسيمبلين ۾ اقتدار ۾ موٽڻ جي اجازت نه ڏيندو. نتيجو ڇا ٿيو؟ بينظير نه ٿي موٽي سگهي، آصف زرداري آزاد نٿو ڪيو وڃي پر عشرت العباد ٽان رات وچ ۾ سمورا ڪيس واپس ورتا ويا ۽ هو هاڻي سنڌ جو گورنر آهي. اهو غلط آهي ته سنڌ جا ماڻهو ڪنهن اردو ڳالهائيندڙ گورنر جي خلاف آهن. سنڌ ۾ گذريل اڌ صديءَ کان ڪيترا اردو ڳالهائيندڙ گورنر رهيا آهن. سنڌ ڪو اعتراض ڪيو؟ اعتراض تڏهن ٿو ٿئي جڏهن سنڌ ۾ بينظير نه ٿي موٽي سگهي، پر عشرت العباد واپس موٽي اچي ٿو ۽ هو اسلام آباد کان موٽڻ بعد هڪ ڏينهن "جاويد لنگڙا" جي قبر تي حاضري ڀري ٿو ۽ ٻئي ڏينهن گورنريءَ جو قسم کڻي ٿو. سنڌ جو عوام اردو ڳالهائيندڙ گورنر جي نه، پر ان ۾ اکيائيءَ جي خلاف آهي. ماڻهن ته اڳ ئي چيو ٿي ته متحده ۽ مشرف ۾ ڪو گهڻو فرق نه آهي، پر ان شڪ کي پڪ ۾ تبديل ڪنهن ڪيو؟

(ت) ڄام صادق جي حڪومت کان وٺي سنڌ ۾ جيڪو هي "نئون" ۽ اسلام آبادي حڪومتي ماڊل متعارف ڪرايو ويو، موجوده حڪومت ان جي اڄا ۾ وڌيڪ اڳتي وڌيڪ فخريه پيشڪش آهي. جنهن جو سڌو ۽ بنهه سادو نتيجو هيءُ ٿو ڪڍي سگهجي ته حڪومت سنڌ جي عوام نه، پر اسلام آباد جي مرضيءَ ۽ منشا توڙي مدد سان قائم ٿي آهي ته پوءِ سوال آهي ته جيڪڏهن هن حڪومت کي ڪٿي شڪ جو فائدو به ڏجي تڏهن به "اصولي طور" هيءَ حڪومت ڪنهن ڏانهن جوابدار ۽ ذميوار هوندي؟ سنڌ ۽ ان جي عوام ڏانهن يا اسلام آباد ڏانهن؟ يعني هي جيڪو سنڌ صوبائي خود مختياريءَ لاءِ اجايو پٽي هيڏو سارو ۽ هر سطح تي گوڙ ڪيو ان جو اسٽيبلشمينٽ آسان حل ڪڍي ڏنو. هڪ طرف وفاق جي مرضيءَ سان هلندڙ ضلعي حڪومتون صوبن کي عملي طور هلڻ ڪونه ڏينديون، ٻيو سنڌ ۾ حڪومت هميشه اسلام آباد جي مرضيءَ جي، يعني ان فارمولي تحت جيڪڏهن صوبن کي نالي ماتر خود مختياري ڏيڻ جو ٿورو به ڪيو ويو ته اها خود مختياري سنڌ جي عوام جي نه پر سنڌ ۾ اسلام آباد جي نمائنده حڪومت جي هوندي ۽ اها به ان لاءِ ته جيئن سنڌ حڪومت "خود مختياري" سان پاڻي، ناڻي ۽ ٻين حساس معاملن بابت فيصلا ڪري سگهي ۽ جيڪو اسلام آباد کي اجايو مداخلت ڪري

ڪرٽو پوي، اهو سنڌ حڪومت کين ”خود مختياري“ سان ڪري ڏي.

ان سموريءَ صورتحال ۾ ”سنڌ ايجنڊا“ جو ڇا ٿيندو؟ اهو هڪ بنيادي سوال آهي. سنڌ ۾ پاڻي ڪونهي، غربت پنهنجي انتها تي پهچي چڪي آهي، روز روز ٿيندڙ آپگهات ان جو وڏو ثبوت آهن. بيروزگاري مثالي عروج تي آهي. ڌاڙن، اغوائن، سنڌ جي معاشي ۽ سماجي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي. مرڪز جي مرضيءَ سان قائم ٿيل حڪومت کي ضلعي حڪومتون هلڻ ڪونه ڏينديون ۽ ضلعي حڪومتون ته هونئن ئي ڪونه پيون هلن جو سندن سمورا اختيار ۽ فنڊ مرڪز وٽ آهن. حاصل مطلب ته جيڪڏهن صوبائي حڪومت نه هلي ته به مرڪز جي عيد ۽ جي ضلعي حڪومتون کين نه هلڻ ڏين ته به مرڪز جون ڏهه ئي آڱريون گيهه ۾. چون ٿا ته سنڌ حڪومت نوڪرين تان بين لاهيندي؟ ڪنهن کي ملنديون؟ اهو ڪير نه ٿو ڄاڻي؟ سنڌي وزير رڳو دانهون ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ وڙهڻ ۾ پورا آهن ۽ اقتدار عملي طور حوالي هوندو متحده جي. اهي سنڌ جي جيڪا ”خدمت“ ڪندا اُها ته هو گذريل 20 سالن کان ڪندا اچن. هاڻي ته رڳو ”رهيل خدمتون“ ٿينديون. ان سڄي صورتحال ۾ هن حڪومت آڏو ”سنڌ ايجنڊا“ جا نقطا رکڻ جي خود فريبي پنهنجو پاڻ سان سنگين مذاق برابر آهي. پوءِ ته جاگيردارن ۽ وڏيرن آڏو هارين جي ايجنڊا رکڻ گهرجي، پوليس آڏو انصاف جي ايجنڊا رکڻ گهرجي ۽ ڌاڙيلن آڏو امن امان جي ايجنڊا رکڻ گهرجي. وات جي پلاءَ کي گيهه جي ڪهڙي ضرورت؟ ته پوءِ ”سنڌ ايجنڊا“ جو ڇا ڪجي؟ مان سمجهان ٿو ته هڪ دفعو وري اُها سنڌ جي عوام آڏو رکجي ۽ سنڌ ڪا اَڪ جي ماکي ناهي. ٽي ڪروڙ ماڻهن تي مشتمل قوم آهي. حڪمران اڳتي نه ٿا ڏسي سگهن. هنن کي اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته ماڻهو پاڻ تي ٿيل ظلم معاف ڪري سگهي ٿو پر پنهنجي اجتماعي توهين برداشت نه ٿي ڪري سگهجي. ڇا اسلام آباد کي اهو احساس آهي ته هن دفعي سنڌ جي ماڻهن پنهنجي رڳو سياسي نه پر روحاني توهين محسوس ڪئي آهي ۽ گذيل روحاني توهين جا نتيجا ڇا نڪرندا آهن. کين ان جو ڪو ذري جيترو به ادراڪ آهي!؟

(روزاني ڪاوش حيدرآباد، جنوري 2003ع)

# ڇا سنڌ ڪارڊ، سنڌ خلاف
# استعمال ٿيڻ وڃي رهيو آهي؟

دنيا ۾ شايد ئي ڪا ڇڱي شيءِ، تهذيب، ماڻهو نظريو نظام، تصور يا آدرش اهڙو هجي، جيڪو ان جي مخالف قوتن پاران انهن جي ئي خلاف استعمال نہ ٿيو هجي. اهو شايد انساني تاريخ جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي. مون سدائين ان سوال ۽ الميي تي غور ڀئي ڪيو آهي. دنيا جا سمورا مذهب، نظريا، تحريڪون، تصور ۽ تهذيبون، پنهنجي ڪارج جو هڪ خاص دؤر گذاري پوءِ جن قوتن حوالي ٿين ٿيون، تن جو ماڻهن سان ڪوبہ بنيادي تعلق نہ هوندو آهي، مثال طور مذهب آهن، دنيا جا سمورا مذهب، عقيدن جا هڪڙا نظام پنهنجي جاءِ تي- پر اُهي دراصل پنهنجي پنهنجي دؤر جي Status_Quo جي رَدِ ۾ اُڀريل سماجي لقاءَ بہ هئا. مذهبن کي صرف آسماني عقيدن جا تصوراتي ۽ روحاني نظام سمجهڻ ڪم فهمي آهي. سمورا مذهب دراصل پنهنجي پنهنجي دؤر جون سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تحريڪون بہ هيون ۽ اُنهن جا سماجي، ثقافتي ۽ سياسي محرڪ بہ هئا- پر ڪهڙو مذهب آهي، جنهن جا وارث اهي ماڻهو ۽ اُهي قوتون نہ ٿيون، جن جو نہ رڳو انهن جي جوهر سان ڪوبہ تعلق نہ هو پر اُهي ماڳهين ان جي خلاف بہ هيون. اُهو حضرت عيسيٰ ع جنهن چيو هو: ”جيڪڏهن توهان کي ڪو هڪ چمات هڻي

تہ ان کي ہيو ڳَلَ بہ ڏيو" ان جي مذهب جي وارثي ان انسان دشمن پاپائيت ٿي ڪئي، جنهن عيسائي سماج جو ساهہ سُڪائي ۽ ماڻهو مارائي تباهيون ڪري ڇڏيون هيون. حضرت محمد ﷺ جهڙي تاريخ جي عظيم ترين انسان ۽ اسلام جهڙي انسان دوست مذهب جي صدين ڪان وارثي اُها جاهل ۽ انسان دشمن مُلاشاهي پئي ڪري، جنهن سڄيءَ مسلم دنيا سميت اسان جو بہ جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. ساڳيو حال تاريخ ۾ ٻين سماجي ۽ انقلابي تحريڪن جو بہ ٿيو آهي. مثال طور سوشلزم جهڙي زبردست انسان دوست نظام نظريي ۽ انقلاب جي وارثي سوويت يونين ۾ اُن بيورو ڪريسيءَ ٿي ڪئي، جنهن نيٺ هڪ زبردست مثالي نظام کي بہ گوڏن ڀر ويهاري ڇڏيو. اهو اسان جو اڄوڪو موضوع نہ آهي پر مون تاريخ جي روشنيءَ ۾ چوڻ اهو ٿي گھُريو تہ تاريخ جو الميو اهو آهي تہ "منزل" انهن کي مِلندي آهي جيڪي نہ رڳو سفر ۾ شريڪ نہ هوندا آهن پر اُهي انهن "منزلن" تي ميري نظر بہ رکندا آهن. انساني تاريخ جو الميو اهو بہ آهي تہ ان جي "بازار" ۾ هر شيءِ "وڪامي" ٿي. جي تاريخ جي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ صورتحال "چڱي" هوندي آهي تہ تحريڪن، نظرين، نعرن ۽ آدرشن جا "اگھہ" سٺا مليو وڃن، نہ تہ بہ "بليڪ مارڪيٽ" تہ سدائين ڪليل هوندو ئي آهي ۽ "نڱ" ڪڏهن بک مئا آهن؟ سنڌ ۽ ان جي مظلوميت جو "ڪارڊ" بہ مون کي ايئن محسوس ٿيندو آهي. جنهن شيءِ کي عام صحافتي ۽ سياسي ٻوليءَ ۾ "سنڌ ڪارڊ" چيو وڃي ٿو اُهو تہ سنڌ جي حقيقي مظلوميت کان بہ وڌيڪ مظلوم رهيو آهي. ويجهي ماضيءَ جي تاريخ ۾ اهو ڪيترن "هٽن" ۾ ڪيڏيو ۽ ناجائز مفادن جي ٽُڏن ۾ لتاڙيو ويو آهي. عام طور تي سنڌ ڪارڊ جي ناجائز سياسي استعمال جو الزام پ پ پ جي کاتي ۾ ويندو آهي ۽ اهو الزام تمام گھٽي حد تائين درست بہ آهي پر ڪير نہ آهي، جنهن وَس پُڄي ان ڪارڊ جو بيدرديءَ سان استعمال نہ ڪيو هجي. نام نهاد قومپرست، دو نمبري "دانشور" (؟)، موقعي پرست ۽ ڪرسي پرست اديب، ابن الوقت ۽ نام نهاد قومي درد رکندڙ ڪامورا، پٽيهن مرضن تي پوندڙ ۽ اڌ پڙهيل صحافين جي آسري تي هلندڙ صحافت...... پ پ پ شايد ان ڪري ان حوالي سان وڌيڪ بدنام ٿي آهي، جو اُها هڪ وڏي پارٽي هجڻ ۽ بارگيننگ جي پوزيشن ۾ وڌيڪ هجڻ ڪري، ان جو ضرورت پوڻ تي پورو پورو استعمال ڪندي آهي.

پ پ پ سڀ ڪان اڳ شدت سان اهو ڪارڊ تڏهن استعمال ڪيو هو. جڏهن

1990ع ۾ سنڌ حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو هو. پ پ پ پنهنجي حڪومت جي خاتمي کي سنڌ سان ٻہ اڪيائيءَ جي زمري ۾ آڻي اسٽيبلشمينٽ تي دٻاءُ وجهڻ چاهيو هو ۽ پوءِ جڏهن جڏهن پ پ پ کي سنڌ ڪارڊ جي ضرورت پئي، ان جو خوب استعمال ڪيو ويو. اڻاهہ وسيلن ۾ ماڻهو هئڻ باوجود سنڌ لاءِ ڪوبہ سنجيده پراجيڪٽ عملي طور شروع نہ ڪري سگهندڙ پ پ پ ۽ ان جي قيادت هميشہ پنهنجي ڪمزور پوزيشن وقت اسٽيبلشمينٽ تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ سنڌ ڪارڊ استعمال ڪيو پر ان لاءِ ڪابہ سنجيده ۽ بنيادي ڪوشش نہ ڪئي تہ انهن حالتن کي ئي چو نہ تبديل ڪيو وڃي، جن سبب سنڌ ۾ "محروميون" ڪَرَ کڻن ٿيون ۽ نيٺ اُهي "سنڌ ڪارڊ" جي نالي بي درديءَ سان استعمال ٿين ٿيون. جيتوڻيڪ موجوده حالتن ۾ نواز شريف جي جلاوطنيءَ کان پوءِ پ پ پ هڪ دفعو وري اهو ڪارڊ استعمال ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر پ پ ان ڪارڊ جا سڀ "يونٽ" ختم ڪري چڪي آهي ۽ هاڻ ان جي نتيجي ۾ ڪابہ "ڊيل" ڪرڻ لاءِ فقط ان "ڪارڊ" ذريعي هن جي "ڪنهن" سان "ڳالهہ ٻولهہ" ٿي سگهي، اهو ٿيندي نظر نہ پيو اچي. پ پ کي هاڻ جيڪڏهن ڪوبہ رليف مليو يا هن جيڪو ڪجهہ بہ حاصل ڪيو اهو پنهنجي سياسي وزن ۽ ملڪي بحران جي نتيجي ۾ تہ حاصل ڪندي پر گهٽ ۾ گهٽ "سنڌ ڪارڊ" هاڻي ڪين ڪجهہ ڏئي سگهي، اهو نظر نہ پيو اچي. سنڌ جي مظلوميت جي راڳ جي نالي ۾ سنڌ جي ڪيتري پينگ ڪئي وئي آهي، ان جي حقيقي اشوز سان ڪيترو سنگين مذاق ڪيو ويو آهي، ان سان ڪيتريون ويساهہ گهاتيون ڪيون ويون آهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ان سان محبت، عشق ۽ عقيدت جي نالي ۾ ڪيڏا هاڃا ٿيا آهن، اهو درد جو داستان قلم بند ٿئي ۽ حقيقتن جا پردا چاڪ ٿين تہ سنڌ جو وڏو مسئلو حل ٿي وڃي يا گهٽ ۾ گهٽ مستقبل ۾ سنڌي عوام سان ٺڳين ۽ ويساهہ گهاتين جا گهڻا امڪان گهٽجي وڃن. اها ئي تہ اُها ٺڳي آهي جنهن کي "سنڌ ڪارڊ" چيو وڃي ٿو يعني سنڌ جي مظلوميت جي نالي ۾ گهوڙا گهوڙا ڪري ڏي وٺ ڪجي ۽ ان ڏي وٺ جو سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن سان ڪو پري جو بہ واسطو نہ هجي. ون يونٽ خلاف سنڌ جي عوام جدوجهد ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجاب کي بهرحال Defence تي وڃڻو پيو. سُتت ئي وري اوڀر پاڪستان بہ ساڳين سببن ڪري بنگلاديش بڻجي ويو. ملڪ ۾ فضا نهي تہ واقعي بنگالين وانگي سنڌين کي وڃائڻ نہ گهرجي. پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ سنڌ کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح

Accommodate ڪري سنڌين کي رليف ڏيڻ جو تاثر ڏيڻ تي چاهيو. نتيجي ۾ پنهنجو اقتدار ۾ اچي ويو ۽ ٻئي طرف جنهن مڊل ڪلاس ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ حصو تي ورتو ان جي نمائندگي ڇاڪاڻ ته ان زماني تائين اديبن ۽ دانشورن تي ڪئي، ان ڪري کين "اڪوموڊيٽ" ڪرڻ جي رٿا رٿي وئي. نيٺ ان تي عمل ٿيو. ذات اديبن ۽ دانشورن کي ڪامورڪي ڏنڊي سان لڳايو ويو ۽ رات وچ ۾ ڦڏا ڪندڙ ۽ باغيانه ڳالهيون ڪندڙ اديب ۽ دانشور "شرفاءِ" تي پيا. اڄ اسان کي اديبن ۽ دانشورن جي بزرگ ٿهيءَ ۾ جيڪو ننگ ۽ دو نمبري عنصر نظر اچي ٿو اهو اُهو ساڳيو نسل آهي، جنهن جي بغل ۾ ون يونٽ خلاف "جدوجهد" جي ڪارنامن جا فائيل ۽ دستاويز آهن. انهن ڪرپٽ ڪامورن ادارا ڪائي تباهه ڪري ڇڏيا آهن پر سندن زبان تي اڄ به ون يونٽ خلاف جدوجهد جا داستان آهن. اهو سڀ ان "سنڌ ڪارڊ" جو ناجائز استعمال هو. 1983ع ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌي ماڻهن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ کي هڪ دفعو وري ڊفينس تي وڃڻو پيو ۽ سنڌ کي "رليف" ڏيڻ سندن مجبوري ٿي پئي. محمد خان جوڻيجي ۽ پ پ پ جي پهرين حڪومت ۾ کين اسٽيبلشمينٽ طرفان وقتي طرح "قبول ڪرڻ" دراصل هڪ دفعو وري ان "سنڌ ڪارڊ" جي نتيجي ۾ ئي ممڪن بڻيو. محمد خان جوڻيجو بنيادي طور هڪ شريف ماڻهو هو سو هن سنڌ ڪارڊ کي ناجائز مفادن لاءِ استعمال نه ڪيو. البته پ پ پ نه رڳو اقتدار ۾ رهندي پر خاص طور تي هر دفعي لهڻ ڪانپوءِ ان ڪارڊ جو وڏي پئماني تي سياسي استعمال ڪيو. مرضي سندن اڄا به آهي پر هاڻي اهو "ڪارڊ" سندن هٿن ۾ اهميت وڃائي ويٺو آهي. ان ڪري "سنڌ ڪارڊ" پ پ پ کي ڪو رليف ڏياري سگهڻ جي پوزيشن ۾ نه آهي. ها البته هاڻي "سنڌ ڪارڊ" جا ڏٽي هڪ دفعو وري تبديل ٿي رهيا آهن ۽ اهو ڪارڊ وري ڪن ٻين هٿن ڏانهن کسڪندي نظر پيو اچي. هونئن ته پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ سنڌ ۽ سنڌي عوام سان گڏ ريل اڌ صديءَ کان جيڪي پالَ پلايا آهن اُهي ته پڌري پَٽِ آهن پر ويجهي ماضيءَ ۾ انهيءَ لحاظ جون سڀ حدون لتاڙيون آهن.

ناٽي جي ورهاست، پاڻيءَ تي ڌاڙن، نوڪرين مان سنڌين کي ڪڍڻ، سنڌ جا ترقياتي ڪم مڪمل طور بند ڪرائڻ، سنڌ ۾ رڳو مرڪز جون ڳيجهو ۽ ڊمي حڪومتون آڻڻ ۽ ٻين ڪيترن معاملن ۾ بي انصافيءَ ۽ لحاظ جا سڀ ليڪا لتاڙڻ جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ جيڪا چڙ ۽ بيزاري وڌي رهي آهي، ان جو ٿورو ٿورو احساس

“ڏٽين” کي بہ ٿي ويو آهي. سنڌ جي نظرن مان هو سمجهي ويا آهن تہ سنڌ جي نهار ۾ ڇا ڇا لڪل آهي؟ مثال وري حمود الرحمان ڪميشن رپورٽ پڌري ٿي آهي، ان ڪري مجموعي طور پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ هڪ دفعو وري ڊفينس تي وڃڻ تي مجبور آهي. ساڳيءَ ريت بين الاقوامي حالتون بہ سنڌن لاءِ سازگار نہ آهن. ان ڪري نظر ايئن پيو اچي تہ اها وري ڪجهہ وقت اڳتي هلي سنڌ کي ڪو “رليف” ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي. ظاهر آهي تہ اهو رليف بہ ماضيءَ جيان ئي نام نهاد هوندو ۽ سنڌي عوام بدران سنڌن نالي ۾ ڪن ٻين قوتن کي ئي ملندو پر اهو ڊرامو ڪيو ضرور ويندو. نظر ايئن پيو اچي تہ هن دفعي ان لاءِ ڪردار تبديل ڪيا ويندا. اهڙيءَ خاص صورتحال ۾ متحده طرفان سنڌين سان محبتن جا آبشار وهائڻ جون خبرون ان تناظر ۾ بہ ڏسڻ گهرجن. متحده جو رات وچ ۾ “سنڌي قومپرستيءَ” جو علمبردار ٿيڻ ۽ سنڌ کي پنجاب جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ جون بشارتون ڏيڻ جو اصل روحاني راز ڪهڙو آهي؟ ان سوال تي ضرور سيني پاسن کان سوچڻ گهرجي. ذاتي طور مون شدت سان محسوس ڪيو آهي تہ هن معاملي تي اسان ڪو متوازن ۽ ميچوئر رويو ظاهر نہ ڪيو آهي. سنڌي مڊل ڪلاس جو اَپرو سپرو سوچيندڙ لکندڙ ۽ سياسي طور هلندڙ لڏو، ڇاڪاڻ تہ اڃ تائين ڪنهن ميچوئر Process ۾ نہ هليو آهي، ان ڪري ان جو سياسي ڊپلوميسيءَ جي الف ب سان بہ واسطو نہ آهي، سنڌي ماڻهو جيترين مصيبتن ۾ گهيريل آهن، اها جنگ “سادگيءَ” سان کٽي نہ ٿي سگهجي. الطاف حسين جي، صحافين سان جنهن ڪيل گفتگوءَ کي آسمان تي کنيو ويو آهي ان ۾ هن ڪهڙي اشوءَ تي واضح اسٽينڊ ورتو آهي؟ ڪهڙي بنيادي سوال جو هن ٺُز جواب ڏنو آهي؟ جي لفاظي، تقرير بازي ۽ زبان درازيءَ سان مسئلا حل ٿي وڃن ها تہ اسان جا مولوي صاحبان گهڻو اڳ زبان درازيءَ سان دنيا کي جنت بڻائي چڪا هجن ها. سياست ۾ پاليسين جي پس منظر ۽ پيش منظر سان گڏ ان جي Timing بہ ڏسبي آهي. دراصل سنڌ سان ٿيندڙ حد کان وڌيڪ معاشي ۽ سياسي زيادتين ۽ پنجاب توڙي اسٽيبلشمينٽ جي اخلاقي طور ڪمزور پوزيشن سبب هڪ دفعو وري “سنڌ ڪارڊ” جي موسم اچي رهي آهي. هن دفعي پ پ نہ تہ پاڻ ان پوزيشن ۾ آهي جو اها “سنڌ ڪارڊ” استعمال ڪري سگهي ۽ نہ وري “ڏٽي” پ پ پ کي “سنڌ ڪارڊ” جي بنياد تي ڪو رليف ڏيڻ جي موڊ ۾ آهن. سنڌ ۾ ماڻهن جي محسوسات جي باهہ تي ڇنڊو وجهڻ لاءِ پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ کي رليف تہ ضرور ڏيڻو پوندو. ايم ڪيو ايم جي موجوده پاليسي،

هن صورتحال ۾ سياسي مفادن جي راند ”سنڌ ڪارڊ“ جي پڄ تي ڪيڏڻ جي هڪ پيش قدمي نظر اچي ٿي. ڪين خبر آهي ته پ پ پ في الحال نه ته ان پوزيشن ۾ آهي ۽ نه ڏٺي پ پ پ سان ان پڄ تي ڪيڏڻ لاءِ تيار آهن. ”قومپرستيءَ“ جي خيال ڪان متحده سنڌ جي ٻي وڏي پارٽي آهي، ان ڪي اها به فيور آهي جو موجوده حڪومتي سيٽ اپ ۾ سندن ئي ”لڏو“ اقتدار ۾ آهي. سي هڪڙي گهر جا ياتي آهن. متحده سڄو ڏينهن پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ ڪي ته گاريون ڏئي ٿي پر ڇا هن ڪڏهن جنرل پرويز مشرف، جنرل معين الدين حيدر، جنرل تنوير نقويءَ جي خلاف اکر به ڳالهايو آهي؟ ان ڪري هن سڄي Move جو پس منظر اهو به آهي ته پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ اڳ ئي گهڻو خوار خراب ٿيڻ سبب اخلاقي طور ڊفينس تي آهن. پ پ پ سنڌ جي ڪارڊ ڪي وڏيڪ استعمال ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه آهي. ”قومپرست“ (؟) ان ڏس ۾ هڪ حد ڪان وڏيڪ اڳتي ان ڪري نٿا وڃي سگهن جو انهن وٽ اُها عوامي ۽ اسيمبلين ۾ اچڻ جي طاقت نه آهي. ان ڪري متحده ان صورتحال جو ڀرپور فائدو پئي وٺي ته زباني طور سنڌ جو ڏٺي تي پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ تي دٻاءَ اچا تيز ڪجي. ڪين خبر آهي ته زباني ٻلاءَ ڪي گيهه جي ڪا ضرورت نه هوندي آهي. سنڌ ۽ سنڌي عوام جي بنيادي ۽ مستقل مفادن بابت پل ته ڪوبه گهٽ ۾ گهٽ واضح اسٽينڊ به نه وٺجي ۽ رڳو زباني محبت ۽ ياٽپيءَ جا آبشار وهائجن ته به سنڌي ويچارا سادا ماڻهو سندن ”شيشي ۾ لهي ايندا“ ۽ پوءِ جڏهن پنجاب، سنڌ ڪي ڪو ٽڪو پئسو رليف ڏيڻ لاءِ مجبور ٿئي ته بارگيننگ ۽ ڏي وٺ وقت سنڌ جا ڏٺي تي ويهي رهن ۽ جيڪو ڪين وٽي سو وڃي ڪن. سنڌين جهڙي درويش قوم ته خدا ڪنهن ڪي نه ڏيارائي. ڏڪ هٽي ان ڪان ڏهوٽي دانهن ڪرڻ، ضرورت ۽ حالتن آهر پنهنجا نظريا، نعرا ۽ اتحاد تبديل ڪرڻ ايم ڪيو ايم جي ڪاٻي هٿ جو ڪيل رهيو آهي. ڪڏهن به ڪهڙو به Non Issue اُٿاري، ان ڪي اشو بڻائي هي ڪڏهن به ڪجهه به ڪري سگهن ٿا، ايجنڊا ئي تبديل ڪرائي سگهن ٿا. 1998ع ۾ اتحاد پ پ سان ڪيائون ۽ ڳجهيءَ طرح ڳالهيون مسلم ليگ سان پئي ڪيائون. تازو پونم ۾ شموليت جو اشو اُٿاري ڳُجهه ڳوهه ۾ وڃي اي آر ڊيءَ ۾ شامل ٿيا. اي آر ڊيءَ ۾ شامل ٿيڻ، ان جي آئين تي صحيح ڪرڻ ۽ ان جي نائب صدارت وٺڻ وقت ڪين نه مبينه ماوراءِ عدالت قتلن جو معافيون ياد هيون ۽ نه 1940ع جي قرارداد ۽ نه پنجاب جي سامراجيت. جن ”ڏٺين“ جي چوڻ تي اي آر ڊيءَ ۾ ويا هئا، نواز شريف جي جلاوطنيءَ جي ٻئي ڏينهن نوان اشو اُٿاري اي آر

ڊيءَ کان منهن پاسيرو ڪري ويهي رهيا. اي آر ڊيءَ کان عليحدگيءَ جو رسمي اعلان بہ نہ ڪيو اٿن ۽ پونم اڳواٽن سان سندن ڳالهيون بہ جاري آهن. اهو بہ ممڪن آهي تہ متحده پونم ۾ شامل ٿي ان جي ڪنوينر ٿي ويهي رهي، جو بهرحال هڪ طرف پونم جي وڏي ۾ وڏي پارٽي اها هوندي تہ ٻئي طرف ان سان پونم جي قيادت سنڌ ڏانهن منتقل ٿيڻ جو تاثر ڏنو ويندو جو ايندڙ وقت ۾ "سنڌ ڪارڊ" جي اهميت واضح نظر اچي رهي آهي. ايئن جناب الطاف حسين ملڪ جي مظلوم قومن جو اڳواڻ ٿي اُڀرندو. تمام وڏا نعرا هڻي، پ پ ڪي سياسي ۽ اخلاقي طور ڏکي پوزيشن تي آڻي بيهاريو ويندو تہ جيئن اُها "سنڌ ڪارڊ" جو ڪجهہ امڪاني ۽ جزوي استعمال بہ نہ ڪري سگهي ۽ پوءِ ان سڄيءَ "جدوجهد" جي نتيجي ۾ جڏهن سنڌ کي ڪجهہ "ملڻ" جو وقت ايندو تہ سنڌ پاران اُها سڄي ڊيل متحده ڪندي ۽ متحده سنڌ لاءِ رليف ۾ ڇا گهرندي؟ ڪنهن جي لاءِ گهرندي؟ ان سوال تي ڳالهائڻ وري "سادگي" ٿيندي. ڪٿي ايئن تہ نہ آهي تہ هن دفعي سنڌ جي ڳچيءَ ۾ گهڻيون مصيبتون "سنڌ ڪارڊ" جي نالي ۾ ئي پونديون. مان ذاتي طور خود فريبيءَ جي حد تائين اُميد پسند (Optimist) ماڻهو آهيان پر جڏهن هڪ طرف سنڌ ايڏي زبردست سُرڪڻ ٿاهيءَ ۾ ڦاٿل هجي ۽ ٻئي طرف سنڌ جو وڏيرو روايتي طور ساڳيو ئي ابن الوقت ۽ ڪوتاهہ نظر هجي، مڊل ڪلاس موقعي پرست ۽ ذهني طور سخت ڪمزور هجي ۽ عوام کي فيصلہ ڪن معاملن کان قطعي طور پري رکيو ويو هجي تہ پوءِ هن ڏُہڻ مان سنڌ ڪيئن نڪرندي. اهو واقعي هڪ وڏو سوال آهي. ڪنهن ٽي ڄاتو تہ "سنڌ ڪارڊ" جو استعمال اهڙو بہ ٿي سگهي ٿو.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 18 جنوري 2001ع)

# متحده جو نئون موقف:
# ڪجھ بنيادي سوال!!

متحده قومي موومينٽ جي سربراھ الطاف حسين جي سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن، ڪالم نويسن ۽ صحافين سان حيدرآباد ۾ ڪيل ٽيليفونڪ ڳالھ ٻولھ ڪي سنڌ ۾ تمام سنجيدگيءَ سان ورتو ويو آهي ۽ اُن موضوع تي سنجي ۽ متوازن رويي سان هڪ بحث مباحثي جو آغاز ٿيو آهي. جيئن تہ آئون بہ ان موقعي تي الطاف حسين جي تقرير ٻُڌڻ ۽ ساڻس ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وارن ۾ شامل هئس، تنهن ڪري چاهيان ٿو تہ اُن سڄي موضوع تي جيڪي ويچار مون اُن گڏجاڻيءَ ۾ واضح طور سندس آڏو رکيا هئا، اُهي سنڌ جي عوام آڏو بہ رکان، تہ جيئن موضوع تي بحث مباحثي جا بنيادي پاسا وضاحت سان سامهون اچن. متحده جي سربراھ الطاف حسين جي تقرير جا مکيہ مسئلا هي هئا، جن تي هن بار بار زور ڏئي ڳالهايو.

1. سڀ کان پهرين تہ هن متحده مٽان اسٽبلش ٿيل اُن الزام جي وضاحت سان ترديد ڪئي تہ ڪو اها اسٽيبلشمينٽ ۽ ضياءَ شاهيءَ جي پيداوار آهي. هن اُن حوالي سان ايم ڪيو ايم جي پس منظر ۽ تاريخ تي روشني وڌي، هن چيو: "....... 11 جون 1978ع تي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اسان شاگرد جماعت اي پي ايم ايس او جو بنياد وڌو. ڏينهون ڏينهن اُن جي مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو ويو. اسان يونيورسٽيءَ جي پهرين اليڪشن ۾ حصو ورتو تہ اسان کي فقط 90 ووٽ مليا. ٻئي اليڪشن ۾ اسان جي صدارتي اميدوار کي 900 ووٽ مليا، جيڪو هڪ سال اندر هڪ سئو سيڪڙو اضافو هو پر ٽيئن اليڪشن ۾ اسان کي حصو نہ وٺڻ ڏنو ويو. اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي حمايت يافتہ شاگرد جماعت اسلامي جمعيت طلبہ، جيڪا جماعت اسلامي جي ذيلي جماعت آهي، اُن کي اِها ڳالهہ پسند نہ آئي تہ قومپرست حمايت يافتہ جماعت جيڪا محروم طبقن جي نمائندگي ڪري ٿي، اُها اليڪشن کٽي. اُن جماعت 3 فيبروري 1981ع تي ڪراچي يونيورسٽيءَ سميت ڪراچيءَ جي سمورن تعليمي ادارن مان اي پي ايم ايس او کي بندوق جي زور تي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيو ۽ مون سميت ڪيترائي اسان جا ساٿي پنهنجي تعليم مڪمل نہ ڪري سگهيا......" الطاف حسين صاحب ايم ڪيو ايم جي تاريخ ۽ پس منظر تي تفصيلي روشني وجهي، اهو نتيجو ڪڍيو تہ دراصل ايم ڪيو ايم شهري مڊل ڪلاس جي "قومپرست" (ڪهڙي قوم ۽ ڪهڙي قوم جي بنياد تي قومپرستي؟) جماعت هئي، جنهن کي اسٽيبلشمينٽ برداشت نٿي ڪيو.

2. متحده اڳواڻ جناب الطاف حسين جي تقرير ۾ ٻئي نمبر تي جنهن نقطي تي زور ڏئي ڳالهايو ويو اهو هيءُ هو تہ دراصل سنڌ ۾ فساد ڪرائڻ، سنڌي ۽ مهاجر آباديءَ کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ سنڌ جي معيشيت، تعليم ۽ سماجي ماحول کي تباهہ ڪرڻ جي سازش پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي هئي ۽ دراصل سنڌ ۾ هن گذريل 15 سالن کان ٿيندڙ ڇڪتاڻ لاءِ اُها ئي ذميوار آهي. هن جو چوڻ هو تہ: "........ ايم ڪيو ايم سنڌي ڳالهائيندڙ سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين ۾ ڀائيچاري جي ڪوشش ڪئي تہ اسٽيبلشمينٽ کي "سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي" جو نعرو نہ وڻيو ۽ اُنهن "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" واري پاليسيءَ تحت سازش ڪري سنڌي مهاجر فساد ڪرايا. سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن وچ ۾ وڇوٽي ۽ نفرتون وڌائڻ لاءِ جهيڙا ڪرايا ويا. اها هڪ سوچيل سمجهيل سازش هئي، جيئن

سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي ويڙهائي سگهجي، ته جيئن پنجابي اسٽيبلشمينٽ سامراج جي صورت ۾ سنڌ ڌرتيءَ تي پنهنجو قبضو جاري رکي سگهي....“

جناب الطاف حسين جي تقرير جو ٽيون نقطو اهو هو ته پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي اُن سازش جي نتيجي ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ ايترا ويڇا وڌي ويا جو انهن ڏکين وقتن تي هڪ ٻئي جو ساٿ نه ڏنو. سندس چوڻ هو: ”...... 1992ع ۾ فوج سنڌ ۾ داخل ٿي، شهرن ۾ حقيقي دهشتگردن جي کُلهي تي بندوق رکي فوج آپريشن شروع ڪيو. چاڪاڻ ته ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ دوران اردو ڳالهائيندڙن سنڌين جو ساٿ نه ڏنو اُن ڪري 92ع ۾ سنڌين به اُنهن جو ساٿ نه ڏنو....“

الطاف حسين جي ڳالهه ٻولهه جو آخري نقطو اهو هو جنهن تي هن تمام زور ڏئي تي ڳالهايو ته هڪ طرف سنڌ، پنجاب ۽ اسٽيبلشميٽ جي غلام آهي، ته ٻئي طرف پ پ پ سنڌ بدران پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مفادن جي علمبردار آهي ۽ قومپرست اُنهن جا ايجنٽ يا سنڌ سان وفادار نه آهن، اُن ڪري هن ماضيءَ ۾ ڪيل سندن ”مبينه“ غلطين (ڏوهن نه) جي معافي وٺندي سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي ته متس ۽ متحده تي اعتماد ڪيو وڃي ۽ هو سنڌ لاءِ پنهنجي جان به ڏئي ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن سنڌ کي خدانخواسته بچائي نه سگهيو ته به سنڌي ماڻهن سان گڏ جيئڻ ۽ مرڻ پسند ڪندو. هن اُن موقعي تي ڪجهه ٻيون به اهم ڳالهيون ڪيون، جن ۾ خاص طور تي ٻه نقطا اهميت رکن ٿا. هڪ ته هن ”مهاجرن“ کي اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڪوٺيو ۽ ٻيو ته هن سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اولين حيثيت کي تسليم ڪيو.

متحده جي اڳواڻ جناب الطاف حسين جو مٿي بيان ڪيل مؤقف سمورين سنڌي اخبارن ۾ نمايان طريقي سان شايع ٿيو آهي ۽ اُن تي سياسي ڌرين توڙي لکندڙن جو ٻنهي قسم جو ردعمل سامهون آيو آهي، پر مجموعي طور اُن کي چڱيءَ طرح ورتو ويو آهي ۽ اُن مؤقف جي آجيان ڪئي وئي آهي. جناب الطاف حسين سان ٽيل اُن ٽيليفونڪ گڏجاڻيءَ ۾ مان به شريڪ هئس ۽ مٿي بيان ڪيل سمورن نقطن تي منهنجي به الطاف حسين سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، جنهن جا جواب ڪيترا واضح ۽ حقيقت پسند هئا، اُن بابت گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ دوست ئي وڌيڪ بهتر ٻڌائي سگهن ٿا. جيئن ته هن موضوع تي سياسي ۽ صحافتي توڙي عوامي سطح تي بحث مباحثي ۽ غور ويچار جو آغاز شروع ٿيو آهي، اُن ڪري چاهيان ٿو

تہ مٿي بيان ڪيل سمورن نقطن ۽ بنيادي معاملن تي جيڪي ڳالهيون ٻولهيون ٿيون، اُنهن کي سنڌ جي عوام، سياسي حلقن ۽ ٻين باشعور ماڻهن سان شيئر ڪريان، تہ جيئن اُن حوالي سان بنيادي ڳالهيون ۽ سوال واضح ٿي سگهن. منهنجن مٿي ذڪر ڪيل نقطن جي حوالي سان الطاف حسين سان ڪيل ڳالهہ جو تت هيءَ هو:

1. ان ڳالهہ جي باري ۾ سنڌ جي عوام وٽ ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن تہ سنڌ ۾ سنڌي قوم ۽ ٻين آبادين وچ ۾ هم آهنگي هئڻ گهرجي ۽ سندن وچ ۾ موجود سماجي، ثقافتي، اقتصادي ۽ سياسي تضاد، جائز طور ۽ انصاف جي بنياد تي سنڌ جي مستقل مفادن جي تحفظ جي تقاضائن پٽاندڙ حل ٿيڻ گهرجن. جيستائين سنڌي عوام ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ وچ ۾ ڪيترن ڏهاڪن کان موجود تضاد جو تعلق آهي تہ اُن جا بنياد ڪنهن طور بہ سنڌي عوام يا سندن نمائنده ڌرين ڪونہ وڌا. سنڌ تہ پاڻ هن آباديءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، کين پنهنجي وطن تي پيرَ رکڻ بلڪہ پاڙون هڻڻ جو سياسي، سماجي ۽ اخلاقي حق ڏنو پر اُن جي موٽ ۾ اڄ تائين سندن نمائنده ڌرين پاران جيڪي سنڌ ۽ سنڌي عوام سان ويلَ وهايا ويا آهن، اُنهن جو سمورو حساب ڪتاب ۽ رڪارڊ موجود آهي. جيستائين ايم ڪيو ايم جي ٺهڻ ۽ اُن کانپوءِ جي صورتحال آهي تہ سڀ کان پهرين تہ ايم ڪيو ايم ڪا قومپرست نہ پر هڪ نسل پرست جماعت هئي ۽ جيستائين اُها صرف اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي Isolated سياست جي ڳالهہ ڪندي ۽ اُن کي مجموعي طور سنڌ جي قومي سياست جو مفادن جي لحاظ کان حصو نہ بڻائيندي، تيسين يقينن مٿس اهو الزام دامن تي اڻ وٽندڙ داغ جيان لڳل رهندو. جيستائين الطاف حسين جي اها ڳالهہ آهي تہ سنڌ کي ايئن تباهہ ڪرڻ جي اُها سازش پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي هئي ۽ آهي تہ اُن تي ظاهر آهي تہ اسان وٽ ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن، پر اُن کان وڏو سوال اهو آهي تہ اُن سازش جو سنڌ ۾ آلہ ڪار ڪير بڻيو؟ اها ڳالهہ مون الطاف حسين سان ٽيليفون تي بحث مباحثي دؤران بہ ڪئي ۽ منهنجو اهو پختو ويساهہ آهي تہ اُن سازش کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جي چونڊ ڪئي وئي. جيڪڏهن ايمانداريءَ سان ڪا غير جانبدار ٽرٿ ڪميشن ٺهي ۽ گذريل 18 سالن ۾ ٿيل سنگين ڏوهن ۽ ڪار گذارين جو حساب ڪتاب ٿئي تہ سڀ اڇا ڪارا پڌرا ٿي پوندا. پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي سان گڏ جيڪڏهن ڪا ٻي حاڪم ۽ ڦورو ڌر هئي تہ اُهو اردو

ڳالهائيندڙ آباديءَ جو حڪمران طبقو هو. اُها ڳالهہ الطاف حسين بہ پنهنجيءَ تقرير ۾ مڃي تہ ماضيءَ ۾ سندن هم زبان نمائنده سياسي ڌرين سنڌي ۽ مظلوم قومن بجاءِ پنجاب جو ئي ساٿ پئي ڏنو آهي. جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم پنهنجي قيام وقت اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي سياسي مزاج ڪي تبديل ڪيو ۽ شروعاتي دؤر ۾ اڄ جيان پنجاب جي حاڪميت ۽ بالادستيءَ کان ڇوٽڪاري جون ڳالهيون ڪيون، اُن زماني ۾ الطاف حسين جون پنجاب مخالف ڪيل تقريرون رڪارڊ تي آهن. جيڪي لاڙڪاڻي ۽ ايل ايم سيءَ ۾ جيئي سنڌ وارن جي سهڪار سان منعقد ڪيل جلسن ۾ ڪيون هيون، پر پوءِ ايم ڪيو ايم جون طاقتون، توانائيون ۽ گوليون ڪنهن جي خلاف استعمال ٿيون؟ اها ڳالهہ ڪا گهٽي ڳُجهي نہ آهي. اُن ڪري هاڻي جڏهن الطاف حسين جون "پنجاب مخالف" ۽ "سنڌي قومپرستيءَ" واريون پيڪيدار تقريرون سامهون اچي رهيون آهن. تڏهن هڪ دفعو وري "نانگ کاڌل نوڙيءَ کان ڊڃي" جي مصداق سنڌ جي وطن دوست ماڻهن کي الطاف حسين جي تقريرن جو اهو 87-1988ع وارو دؤر ياد اچي رهيو آهي. جڏهن سندس پنجاب مخالف لهجو عروج تي هو ۽ سندس زبان تي سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد جا دڙڪا هوندا هئا. جيتوڻيڪ الطاف حسين جي زباني اعتراف واري ڳالهہ ٻولهہ کي سنڌ ۾ چڱيءَ نظر ۽ دل سان قبول ڪيو ويو آهي، پر اُن باوجود سنڌي ماڻهن کي مٿن سمورا جائز شڪ شبها ڪرڻ جا سڀ حق پهچن ٿا، جو ماضيءَ ۾ سندن تمام تلخ تجربا ٿيل آهن. مون الطاف حسين سان گفتگوءَ ۾ ڪجهہ بنيادي سوال اُٿاريا هئا، جيڪي آئون هتي پڻ ورجائڻ چاهيندس، تہ جيئن هن بحث مباحثي ۽ موضوع کي سڀ طرفيءَ نظر سان ڏٺو وڃي. مثال طور:

(الف) ايم ڪيو ايم جنهن نظريي جي بنياد تي ٺهي هئي، اُهو پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ نہ پر سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل قومي مفادن جي خلاف هو. سنڌ کي ٻن قومن جو صوبو قرار ڏيڻ مان پنجاب کي ڪهڙو خطرو يا نقصان هو؟ ڪوٽا سسٽم جي خاتمي، ٻاهرين کي گهرائڻ، سنڌ جي شهرن مان سنڌين کي بي دخل ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌ ۾ قومي حيثيت کي تسليم نہ ڪرڻ، سنڌ تي اڌو اڌ مالڪيءَ جو حق جتائڻ مان ڪنهن کي نقصان هو؟ سنڌ کي يا پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ کي؟ اُن ڪري اڄ جڏهن الطاف حسين صاحب پنهنجي مؤقف ۾ وڏي تبديليءَ جو اعلان ڪيو آهي تہ اُهو سوال تشنہ آهي تہ ڇا هو اڃا تائين اُن نظريي ۽ ايم ڪيو ايم جي سياسي بنياد کي جائز سمجهي ٿو يا هو اُن کي غلط

سمجهي اُن تان هٿ کڻي چڪو آهي؟ ڇاڪاڻ تہ جيستائين مهاجر سڃاڻپ باقي رکي ويندي، تيسين اُهو خطرو ۽ خدشو رهندو.

(ب) ايم ڪيو ايم جيڪي بہ لکت ۾ مختلف سياسي حڪومتن سان معاهدا ڪيا ۽ اُهي جن شرطن، مطالبن ۽ نقطن جي بنياد تي ڪيا ويا، اُهي اڄ بہ سڀ جا سڀ رڪارڊ تي موجود آهن. اُنهن سمورن معاهدن ۾ ڪهڙو نقطو، شرط يا مطالبو هو، جيڪو پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي خلاف هو؟ جڏهن تہ اُهي سڀ شرط، مطالبا ۽ نقطا سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف هئا. سوال آهي تہ جنرل مشرف قيامت تائين تہ حڪومت ۾ ڪونہ رهندو، هو ضرور سياڻي ويندو ۽ سياسي حڪومتون ٺهنديون ۽ متحده جا ساڻن اڳ جيان جڏهن اتحاد ٺهندا ۽ ڊهندا تہ اُنهن جا بنياد ساڳيا اُهي اڳوڻا هوندا يا هاڻي سندن مطالبا سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل قومي مفادن ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام جي سمورن جائز حقن سان مطابقت ۾ هوندا؟ متحده جي اُنهن معاهدن جي نقطن، شرطن ۽ مطالبن بابت اڄ بہ ڪا واضح پوزيشن نہ آهي. خود اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ هن اُن تي ڪو چٽو جواب نہ ڏنو. جيستائين الطاف حسين جي ان ڳالهہ جو تعلق آهي تہ پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي سازش جي نتيجي ۾ سنڌين ۽ مهاجرن ڏکئي وقت ۾ هڪٻئي جو ساٿ نہ ڏنو تہ اها ڳالهہ قطعي درست نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي جي پيٽ ڪرڻ اجائي آهي. سنڌين جڏهن ڪراچيءَ جي مرڪز کان واپسيءَ جي ڳالهہ ٿي ڪئي يا ون يونٽ خلاف جدوجهد ٿي ڪئي يا ضياءَ شاهيءَ خلاف جمهوريت جي بحاليءَ ۽ آمريت خلاف جدوجهد ٿي ڪئي تہ اُن ۾ سنڌ اندر رهندڙ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جا بہ مفاد هئا، پر اُنهن ۽ سندن نمائنده ڌرين اُن جو ساٿ نہ ڏنو. جڏهن تہ ٻئي طرف جڏهن نواز شريف جي حڪومت دؤران ايم ڪيو ايم خلاف آپريشن ڪيو ويو تہ سنڌي اُن جو ساٿ ڪيئن ڏين ها؟ ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ تہ ايم ڪيو ايم جا انسانيت سوز ٽارچر سيل ظاهر ٿي رهيا هئا. ڇا الطاف حسين صاحب انڪار ڪندو تہ اُهي ٽارچر سيل نہ هئا يا ٻورين ۾ بند رستن تي پيل اُهي انساني لاش نہ هئا؟ الطاف حسين پڪي قلعي جي آپريشن وقت سنڌي ماڻهن طرفان سندن ساٿ نہ ڏيڻ جي بہ ڳالهہ ڪئي. سندس اُن "سادگيءَ" تي تہ ماڻهو بس دنگ رهجي وڃي ٿو. سڀني کي خبر آهي تہ قلعو آپريشن تہ ڊراپ سين هو. اُن کان پهرين سنڌي ماڻهن جا حيدرآباد مان ڪيترائي لاش کنيا ويا هئا، اُنهن جو رڪارڊ تصويرن سوڌو اُن وقت جي اخبارن ۾ محفوظ آهي. ڇا سنڌي ماڻهو قلعي آپريشن ۾ ايم ڪيو ايم جو اُن ڪري ساٿ

ڏين ها تہ جيئن دهشتگرد گرفتار نہ ٿين ۽ سنڌي ماڻهن جو ڪوس جاري رهي؟

ها_ الطاف حسين سنڌ جي ڀاڱيءَ جي حصي نہ ملڻ تي جدوجهد شروع ڪري، جيڪڏهن سنڌي ماڻهو ساڻن گڏ نہ هجي تہ پوءِ مياري ٿيندو. يا هو ڪوبہ اهڙو قدم کڻي جيڪو سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مستقل مفادن ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام سميت سمورين آبادين جي جائز مفادن جي تحفظ لاءِ هجي تہ سنڌ يقينن کين گڏ کڻندي. باقي ڀاڱين تي اِها ميار تہ جڏهن سندن گهر لُٽجي رهيو هو ۽ سندن گهر ڀاتي مارجي رهيا هئا، تڏهن هنن لُٽيندڙن ۽ ماريندڙن جو ساٿ ڇو نہ ڏنو؟ اهو تہ اهڙو سوال آهي، جنهن جي "سادگي" تي ماڻهو بس مٿي تي هٿ ئي ڏئي سگهي ٿو. سنڌي ماڻهو الطاف حسين صاحب جي اظهار ڪيل "مبينہ" بدليل مؤقف جي آجيان ڪن ٿا، پر اهو سوال بہ ڪن ٿا تہ جڏهن حيدرآباد جي ديوارن تي نقاب پوش دهشتگردن جا نقش چِٽي هيئان لکيو ويندو هو تہ "حقوق يا موت"_ تہ اُهي ڪهڙا "حق" هئا؟ ڪنهن کان گهُربل "حق" هئا؟ ۽ اُنهن جي نہ ملڻ جي صورت ۾ ڪنهن کي موت جا پروانا ڏيکاريا ٿي ويا؟ ۽ اڄ سنڌي عوام اهو پُڇي ٿو تہ اُنهن نام نهاد "حقن" جو باب هميشہ لاءِ بند ٿي ويو يا نہ_ جن جي پاداش ۾ سوين سنڌي مائرن کي سندن گهوٽ پُٽن جا لاش مليا. سنڌ جو عوام الطاف حسين جي اُن مؤقف جي آجيان ڪري ٿو تہ هو سنڌين سان ڀائرن طور گڏ رهڻ چاهين ٿا، پر ساڳئي وقت اهو بہ سمجهي ٿو تہ هن ايئن ڪري ڪو سنڌ تي احسان نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري سندن پيدا ڪيل ڊگهي ڏکوئيندڙ تاريخ جو اڌ ڪلاڪ جي ٽيليفونڪ ٽاڪ ذريعي ڪو ازالو ڪيو آهي. اهي سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ تاريخي ڦٽ صدين تائين ڀرجڻ جا نہ آهن. هن فقط مٽس رهيل تمام وڏي حساب ڪتاب جي زباني طور جزوي تلافي ڪئي آهي. اجا گهڻو پنڌ پيو آهي. ڪو چند صحافين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سان هي معاملو ڪي بہ وڏا ۽ حقيقي نتيجا ڏئي نہ سگهندو. اُن لاءِ اهو سمورو نيڪ نيت عمل، عمل جي سچائي ۽ پل پل جي ڪردار جي صاف گوئي ۽ اک گهرجي. سياسي مبصر هن سموري ڳالهہ کي مختلف رُخن کان ڏسي رهيا آهن. شڪ جو فائدو ڏيندي سنڌي ماڻهو ڪيس سُٺي موٽ بہ ڏئي رهيا آهن پر سياسي مبصرن جي هڪ حلقي جو هيءَ بہ خيال آهي تہ ايم ڪيو ايم هميشہ وفادارين جا رُخ تبديل ڪري بدلجندڙ حالتن آهر پنهنجي لاءِ بارگيننگ جي پوزيشن مضبوط ڪئي آهي. هينئر جڏهن ڪيترن "ڳُجهن" ۽ ظاهري سببن ڪري متحده جي فوج ۽ ايجنسين سان Equation ڇڳي وقت کان ڊسٽرب ٿيل

آهي، تڏهن اُها سنڌي مهاجر اتحاد جو "ڪارڊ" اُڇلائي مٿن دٻاءُ وجهڻ گهُري ٿي ۽ الطاف حسين جي سنڌين سان سرچاءُ واري مهم جو اهو پس منظر بہ آهي. ڪجهہ حقلن جو اهو بہ خيال آهي تہ متحده ۽ جنرل مشرف ۾ ڪو گهٽو فرق ڪونهي. متحده فوج جي پنجابي حصي ۽ ايجنسين بابت تہ ببانگ دهل ڳالهائي ٿي پر اُها جنرل مشرف بابت لفظ بہ ڪُڇڻ لاءِ تيار نہ آهي. هن وقت چيو وڃي ٿو تہ پنجابي جنرلن جو لڏو جنرل مشرف جي مڪمل خلاف ٿي چڪو آهي، اُن ڪري سنڌ مان هن قسم جو پريشر وجهرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ جيئن جيڪڏهن جنرل مشرف کي هٽائڻ جي ڳالهہ سامهون اچي تہ مٿن اُن امڪاني راءِ عامہ جو دٻاءُ رهي تہ پنجاب ٻيو تہ ٺهيو پر سنڌ سان واسطو رکندڙ هڪ جنرل ۽ فوجي حڪمران کي بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. اسان جي دوست جي اين مغل صاحب الطاف حسين کي اهو اڻ سڌيءَ ريت چيو تہ اُها پيش قدمي توهان جو Peace Offensive تہ نہ آهي؟

اُن حوالي سان آئون سنڌ جي سياسي ڌرين ۽ لکندڙن جي سامهون بہ اها ڳالهہ رکندس تہ اُهي سياسي بلوغت جو مظاهرو ڪن ۽ اُهي Benefit of Doubt ڏيندي الطاف حسين جي زباني ۽ جزوي اعتراف ۽ آڇ کي متوازن موٽ بہ ڏين، پر ايئن "پاٽي" ڏسڻ کان اڳ ڪپڙا لاهڻ ۽ هنيوڇيون هڻڻ جي روش کان بہ پاسو ڪن. هي تمام سنجيده، حساس ۽ نازڪ معاملو آهي، جيڪو فقط زباني ۽ ڊپلوميٽڪ زبان دراز تقريرن سان حل ٿي نٿو سگهي. اُن لاءِ وڏي عمل جو ميدان ۽ وڏا امتحان گهرجن. سنڌي مڊل ڪلاس چاڪاڻ تہ سياسي طور ڪن بہ وڏن معاملن ۾ حصيدار نہ رهيو آهي، اُن ڪري اُن جو سياسي ڊپلوميسيءَ ۽ ڪائونٽر ڊپلوميسيءَ سان ڪو پري جو بہ واسطو نہ آهي. سياسي معنائن ۾ اِها سادگيءَ جي روش خطرناڪ نتيجا ڏئي سگهي ٿي. اُن ڪري هن معاملي تي سنڌي ماڻهن کي هڪ ميچوئر ۽ متوازن اسٽينڊ وٺڻ جي ضرورت آهي. اسان کي متحده جي هن آڇ کي رد ڪرڻ بہ نہ گهرجي، اُن جي مشروط آجيان بہ ڪرڻ گهرجي ۽ ايئن اُبهرائيءَ ۾ ٽپا بہ نہ ڏيڻ گهرجن. تہ ڪو ڏهاڪن ۽ زمانن جو حساب ڪتاب هڪ اڌ ڪلاڪ جي ٽيليفونڪ ٽاڪ سان حل ٿي ويو. هي ڪو سولو معاملو نہ آهي. هي تاريخ جو معاملو آهي. اسين اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي سنڌ جي قومي وجود جو حصو سمجهون ٿا ۽ سندن سمورن جائز حقن کي نہ رڳو تسليم ڪريون ٿا پر تسليم ڪندا رهيا آهيون ۽ سمجهون ٿا تہ سنڌ جو مستقل قومي مفاد اُن ۾ آهي، تہ سنڌ جون سموريون ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ آباديون ۽ ثقافتي اقليتون سنڌي

قوم جي وجود جو حصو ٿي رهن. الطاف حسين جو اهو خطاب ڪو سنڌ تي احسان نہ آهي. پر سنڌي ماڻهن جي ڪائنن جائز مطالبي کي تسليم ڪرڻ ڏانهن هڪ ننڍڙي ۾ زباني وِک آهي. اهو متحده جي مستقبل جو عمل ئي هوندو. جيڪو هن خواب کي ساڀيان ڏانهن وٺي ويندو. اُن ڪري اتحاد جي آچ باوجود بال اجا تائين متحده جي ڪورٽ ۾ آهي. چاڪاڻ تہ سنڌي عوام تہ اُن اتحاد ۾ پائيپيءَ جو جائز بنيادن تي ڪڏهن بہ مخالف نہ رهيو آهي. مون الطاف حسين کي آخر ۾ اهو بہ چيو تہ پاڪستان ۾ ٽي ويءَ تي روز ملي نغما هلندا آهن. جن ۾ محبت ۾ قومي سوچ جا وڏا درس ۾ دعوائون هونديون آهن. "هم زنده قوم هين.... پائنده قوم هين....". "دل دل پاڪستان..... جان جان پاڪستان...." جون خبرون هونديون آهن. پر اُنهن بي روح نغمن جو ماڻهن جي دلين ۾ روحن تي اُن ڪري ڪوبہ اثر نہ ٿيندو آهي جو اُنهن جي بنيادن ۾ اُهو خلوص. ڪردار ۾ ايمانداري نہ هوندي آهي ۾ اج تائين اُنهن ملي نغمن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ ڪابہ قومي سوچ پيدا ٿي نہ سگهي آهي. اُن ڪري مون ڪيس چيو تہ جيڪڏهن سندس ڳالهين ۾ دعوائن کي سندن ڪردار ثابت نہ ڪندو تہ پوءِ اُنهن جي حيثيت بہ ٽي ويءَ تي پيش ٿيندڙ اُنهن بي روح ملي نغمن واري ئي ٿيندي.

**خميس 11 جنوري 2001ع**

# پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت، سنڌي قيادت ۽ دانشورن آڏو ڪجھ سوال!

سنڌ ۾ سياسي توڙي عوامي سطح تي پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت جي حوالي سان هڪ زبردست بحث ڇڙي پيو آهي. ان ڏِس ۾ مختلف نوعيتن جا دليل ۽ بحث مباحثا سامهون اچي رهيا آهن. جن ۾ راءِ عامہ بظاهر ورهايل نظر اچي ٿي پر هڪڙي ڳالهہ ضرور ٿي آهي تہ ماڻهن وڏي عرصي کانپوءِ ان بهاني سان هن موضوع جي سمورن پاسن جي حوالي سان سڌيءَ ريت ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. هيستائين ان ڏس ۾ مختلف نقطہ نظر سامهون اچي چڪا آهن ۽ بحث مباحثو اڃا هلندڙ آهي. سول سوسائٽيءَ جي حوالي سان اها هڪ سٺي ۽ اُتساهيندڙ ڳالهہ آهي تہ ماڻهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ بنيادي نوعيت جي اِشوءَ کي ايڊريس ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ان سڄيءَ چنڊ ڇاڻ کانپوءِ بہ ان سلسلي ۾ جيڪي منجهائيندڙ سوال سامهون آيا آهن، ضرورت آهي تہ انهن تي هڪ دفعو وري سنجيدگيءَ سان غور ڪيو وڃي.

(الف) ان ڏس ۾ سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ پونم پاڪستان ۾ مظلوم قومن جو اتحاد آهي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ ڌر جي شامل ٿيڻ لاءِ بہ ڳالهيون نهايت ضروري بلڪ لازمي آهن. هڪ تہ ان ڌر جو تعلق ڪنهن قوم سان هجي ۽ ٻيو تہ اها قوم پاڪستان جي تناظر ۾ مظلوم بہ هجي. جي ان سوال کي ايم ڪيو ايم جي حوالي سان ڪٽبو تہ ڪجھ ڳالهيون ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجن.

1 _ ايم ڪيو ايم جو تعلق ڪهڙيءَ مظلوم قوم سان آهي؟

2_ ڇا ايم ڪيو ايم توڙي اردو ڳالهائيندڙ آبادي ڪنهن طرح بہ مظلوم آهن؟

ايم ڪيو ايم جي باري ۾ ڪنهن کي ابهام آهي تہ ان کي جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ هڪ خاص رٿا ۽ مقصد هيٺ ناهيو اُڀاريو ۽ آسمان تي چاڙهيو ويو ۽ ان ئي مقصد (جمهوريت ۽ سنڌ دشمني) لاءِ دنيا جو ڪو انسانيت سوز غير انساني، غير اخلاقي عمل ناهي، جيڪو هنن سنڌ جي وحدت، سنڌي عوام جي مستقل قومي مفادن ۽ سنڌ ۾ حقيقي جمهوري سياست کي تباهہ ڪرڻ لاءِ اختيار نہ ڪيو هجي. جنهن مظلوميت جو ايم ڪيو ايم هاڻي راڳ آلاپي ٿي، اهو ان کان سواءِ ٻيو ڇا آهي تہ اسٽيبلشمينٽ مٿن "شفقت" جو هٿ ڍرو ڪيو آهي ۽ سندن اڳوڻي دادلي حيثيت ۾ جزوي طور فرق اچي ويو آهي. ان باوجود ايم ڪيو ايم جي سياسي طور مراعت يافتہ هجڻ جو اهو حال آهي جو ان جو وفد هندوستان ۾ وڃي پاڪستان جي خلاف ڳالهائي ٿو پر سرڪار ان تي مڪمل خاموش آهي. جي پاڪستان ۾ ٻي ڪا ڌر اهڙي ڳالهہ جو هندستان ۾ وڃي جزوي طور اشارو بہ ڏئي ها تہ ملڪ دشمنيءَ ۽ غداريءَ جي الزام ۾ جهليا پيا هجن ها. نجم سيٺيءَ رڳو دهليءَ ۾ سنجيده قسم جو ليڪچر ڏنو تہ ڪيس ايجنسيون ڪٺي ويون ۽ بين الاقوامي دٻاءَ جي مجبوريءَ ۾ ڪيس ڇڏيو ويو يعني اڄ بہ پاڪستان ۾ ايم ڪيو ايم کانسواءِ ٻيو ڪير آهي جنهن کي ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ڪجهہ بہ ڇا سڀ ڪجهہ چوڻ جو اڻ لڪيل اختيار ڏنو ويو هجي؟ جي هو سوين هزارين ماڻهو ماري ڇڏين، ٻيو تہ ٺهيو پنهنجي آباديءَ منجهان، پنهنجا مخالف ۽ خود پنهنجا اڳواڻ بہ مارائي ڇڏين، تہ بہ وس وارا آهن. پاڪستان جا هي چئمپين ٿين تہ بہ وس وارا آهن ۽ هندستان ۾ وڃي ان خلاف ڳالهائين تہ بہ وس وارا آهن. ان ڪري ايم ڪيو ايم جي مظلوميت جي حقيقت ڪُل اها آهي تہ ان جي اسٽيبلشمينٽ وٽ اڳوڻي دادلي حيثيت ۾ ٿورو فرق اچي ويو آهي، جنهن جو سبب هندستان سان سندن لاڳاپا ڇپيا وڃن ٿا. باقي جيستائين اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو سوال آهي تہ ضرور جيئن سڄي ملڪ جي عوام سان بيروزگاري، لاقانونيت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جا مسئلا آهن، تيئن هنن سان بہ هوندا پر جيڪڏهن پاڪستان ۾ سمورين قومن ۽ آبادين جي مجموعي ترقي، کين ميسر وسيلن ۽ موقعن جي صورتحال جي پس منظر ۾ کين ڏسبو تہ اها آبادي وري بہ ٻين جي ڀيٽ ۾ مراعت يافتہ آهي، جو نہ رڳو سنڌ جا شهر سندن حوالي آهن پر ملڪ جي بيورو ڪريسيءَ ۾ کين پنهنجي آباديءَ جي تناسب جي حساب سان تمام گهڻو شيئر مليل آهي. اقتصادي وسيلن تائين هنن

جي پهچ وڏيڪ آهي. هن ڇهه سيڪڙو ملڪي آباديءَ جي ٻوليءَ ۽ ڪلچر کي قومي ڪلچر ۽ ٻولي چيو وڃي ٿو. سوال آهي تہ اهو بنيادي طور ڪهڙو ۽ ڪنهن جو ڪلچر آهي؟ ان ڪري هن آباديءَ کي مظلوم ڪنهن طور بہ چئي نٿو سگهجي، نہ سماجي معنيٰ ۾ ۽ نہ ثقافتي ۽ اقتصادي معنيٰ ۾. سياسي حوالي سان گهٽ ۾ گهٽ ڪابہ حڪومت سندن مرضيءَ ڪانسواءِ هلي نہ ٿي سگهي. حساب لڳايو وڃي تہ بيورو ڪريسي، عدليہ ۽ ٻين سمورن بنيادي سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ خانگي شعبن ۾ سندن آباديءَ جي تناسب جي حساب سان ۽ خاص طور سنڌين جي ڀيٽ ۾ ڪهڙي ۽ ڪيتري حيثيت آهي؟

هاڻي اچون ٿا ٻئي نقطي تي تہ ڇا ايم ڪيو ايم واقعي بہ بدلجي پنهنجي ماضيءَ جي ڪردار ۽ بنيادي موقف تان هٽ ڪٽي چڪي آهي؟ اها سنڌ ۾ ماڻهن کي ايم ڪيو ايم بابت وڏي غلط فهمي آهي. هن سوال کي هيئن ڪڻڻ گهرجي تہ ڇا ايم ڪيو ايم پنهنجي بنيادي مقصد ۽ ڪردار تان هٽ ڪٽي چڪي آهي، يا اها پنهنجي Process جي وڏيڪ ميچوئر ڏاڪي تي پهچي وئي آهي. مون کي ذاتي طور ان باري ۾ ڪوبہ مونجهارو نظر نٿو اچي تہ اها دراصل بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن ۾ پنهنجون اڳوڻيون حڪمت عمليون وقتي طور تبديل ڪري وڏيڪ خطرناڪ بڻجي وئي آهي. مثلن ايم ڪيو ايم ڪڏهن هڪ ڏينهن لاءِ بہ نہ چيو آهي تہ انهن جو مهاجر قوميت جو نظريو غلط هو جنهن تان هو هميشہ لاءِ هٽ ڪٽي چڪي آهي. هنن ڪڏهن بہ ايئن نہ چيو آهي تہ سنڌ تي تاريخي مالڪي ۽ حڪمرانيءَ جو مستقل حق فقط سنڌين جو آهي. هنن ڪڏهن ايئن نہ چيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو ملڻ گهرجي. هنن ڪڏهن بہ ايئن نہ چيو آهي تہ ٻهاري ۽ ٻيا هندوستاني مسلمان، پاڪستان ۽ پس و پيش سنڌ ۾ هرگز نہ اچڻ گهرجن. جڏهن تہ تازو الطاف حسين لنڊن ۾ پنهنجي سالگرهہ جي تقريب ۾ اهو نظريو پيش ڪيو آهي تہ هاڻي ڇاڪاڻ تہ بہ قومي نظريو رد ٿي چڪو آهي، ان ڪري هندستان جي مسلمانن کي پاڪستان ۾ اچڻ جي ڪليل اجازت ڏني وڃي. ايم ڪيو ايم استيبلشمينٽ، پنجاب ۽ فوج تي جن ”حقن“ جي باري ۾ بظاهر ايڏي تلخ ڳالهہ ڪري ٿي ڇا ان جو سبب اهو آهي تہ هو سنڌ دوست ٿي ويا آهن؟ پلا ايم ڪيو ايم جي حقن جي ”ڦرجڻ“ سبب پنهنجي ”مظلوميت“ جو داستان بيان ڪري پنجاب ۽ استيبلشمينٽ خلاف بظاهر ڳالهائي ٿي، اهي ”حق“ ڪهڙا آهن؟ اهي ”حق“ ڪنهن جي وسيلن تي مالڪيءَ جا آهن؟ ايم ڪيو ايم ماضيءَ ۾ تہ

اهي “حق” بار بار پنهنجي هر بيان، ڊاڪيومينٽ، ڪتاب، پمفليٽ وغيره ۾ واضح پئي ڪيا آهن. هيئنر رڳو فرق اهو آهي تہ انهن ”حقن“ تان هٿ نہ کنيو ويو آهي، پر ابهام واري ڊپلوميٽڪ بولي ڳالهائي وڃي ٿي پر هڪ دفعي بہ ذميواريءَ سان ايئن نہ چيو ويو آهي تہ هي جن ”مهاجر حقن“ جي ڳالهہ ماضيءَ ۾ ڪندا رهيا آهن انهن تان ذهني توڙي عملي طور هٿ کڻي چڪا آهن. هڪ طرف ايم ڪيو ايم جي اها صورتحال آهي تہ ٻئي طرف اسان وٽ سندن هزارين وڪيل وينا آهن، جن مان ڪي بدنيتيءَ سان تہ ڪي ذهني سادگيءَ ۽ سياسي نابالغيءَ سبب چوويهہ ڪلاڪ سندن وڪالت ۾ پورا آهن. هن مسئلي کي اسان جي لکندڙن/ دانشورن (؟) جي اڪثريت بہ پنهنجي غير سياسي ائپروچ ذريعي منجهايو آهي. اسان وٽ مصيبت اها آهي تہ هر ماڻهو هر موضوع تي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو مجاز آهي، خاص طور سنڌي اخبارن ۾ لکندڙن جي گهڻائي آهي غير سياسي ذهنن جي ۽ گهڻي ياڱي لکي ئي سياسي موضوعن تي ٿي. نتيجي ۾ انتهائي سنجيده اشوز کي غير سنجيدگيءَ سان کڻڻ اسان وٽ معمول بڻجي ويو آهي. سنڌ ۾ سياسي پسماندگيءَ ۽ قومي طور ڪيترن معاملن ۾ پٺتي رهڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اسان ڪيترن بنيادي معاملن ۾ واضح ناهيون ۽ ان ڏس ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ انهن اشوز ڏانهن اسان جي غير سنجيده روش آهي. ايم ڪيو ايم جي حوالي سان بحث مباحثي ۾ ساڳئي قسم جي صورتحال سامهون آئي آهي. ڪالهہ اسان جي روش حد کان وڌيڪ تنگ نظريءَ واري هئي ۽ اڄ جائز حد کان وڌيڪ سپ ٽپڙ ڏيڻ واري ٿي وئي آهي. جڏهن تہ ضرورت حقيقت پسند ۽ ريشنل سوچ جي آهي. جنهن ۾ اوليت پنهنجن مستقل قومي مفادن جي تحفظ جي هجڻ گهرجي.

هن ڏس ۾ سڀ کان آخري ۽ اهم سوال اهو آهي تہ آخر ايم ڪيو ايم پونم ۾ چو ٿي شامل ٿيڻ چاهي يا پنهنجي بنيادي سوچ تي قائم رهندي سنڌي ماڻهن جي همدردي حاصل چو ٿي ڪرڻ چاهي؟ منهنجي خيال ۾ ان جا بنيادي سبب هيٺيان آهن.

1. ايم ڪيو ايم ملڪ جي بدليل ۽ بدلجندڙ صورتحال ۾ پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي اخلاقي طور ڪمزور حيثيت جو پنهنجن مخصوص مفادن خاطر فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. کين خبر آهي تہ آمريڪا پاڪستان مان هٿ ڪڍي هندستان تي هٿ رکي چڪو آهي. روس ۽ چين بہ هندستان کي اوليت ڏيڻ شروع ڪئي آهي ۽ نتيجي ۾ هن ريجن ۾ ڪابہ امڪاني تبديلي آئي تہ اها

پس وي پيش هندستان جي حق ۾ ويندي، ان ڪري ايم ڪيو ايم واضح طور هندستان جي سپورٽ ڪرڻ شروع ڪئي آهي.

2. ايم ڪيو ايم سمجهي ٿي تہ سندن مقصدن جو بنياد تہ ڪٺي سنڌ جا وسيلا آهن پر ان سلسلي ۾ سندن وڏي رڪاوٽ سنڌين بجاءِ پنجاب ٻڌبو جو ڪراچي پاڪستان جو نيول هيڊ ڪوارٽر آهي ۽ پنجاب سمنڊ کان سواءِ هلي نہ سگهندو. سنڌين کي تہ هو ڪا طاقتور ڌر سمجهن ئي نہ ٿا، جو کين خبر آهي تہ وڏيرا ابن الوقت آهن ۽ مڊل ڪلاس سان واسطو رکندڙ ڌرين جو "وزن" ئي ڪيترو آهي. سنڌ جي عوام کي هو "ديهي" سمجهي کين ڪا قوت مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن. ان ڪري ايم ڪيو ايم هن سڄي سياسي Process مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ پنجاب کين ايئن آسانيءَ سان سنڌ جا ٽپڙ اکيلي سر کڻڻ ڪونہ ڏيندو. اهو ئي سبب آهي جو ايم ڪيو ايم پنجاب تي مسلسل دٻاءُ وجهي ان کي Defence تي رکڻ چاهي ٿي، پر ياد رکڻ گهرجي تہ اها سموري ڇڪتاڻ جن وسيلن جي بنياد تي ٿي رهي آهي، اهي سنڌ ۽ سنڌين جا آهن، جن کي في الحال تہ ڪا اهم ۽ وزنائتي ڌر سمجهڻ لاءِ تيار ئي نہ آهي. ٻئي طرف اسان جو اهو حال آهي جو اسان پنهنجن پيرن تي بيهي پاڻ کي سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ڌر مڃائڻ جو افعال بہ نہ ٿا رکون. سنڌ مان صرف ٻن ڌرين کي ئي اهم سمجهيو وڃي ٿو. هڪ پ پ، جيڪا هن سڄيءَ صورتحال کان لاتعلق ٻڌيل آهي ۽ ٻي ايم ڪيو ايم، جنهن جو ڪردار اسان جي سامهون آهي. ايم ڪيو ايم يا ڪنهن بہ ڌر سان ڳالهائڻ ۽ ويهڻ ۾ حرج ناهي، جيڪڏهن طاقت جو توازن اسان جي حق ۾ هجي يا اسان ان مان پنهنجا بنيادي مفاد حاصل ڪري سگهون. هينئر تہ اسان قوم طور ڪا ڌر ئي نہ ٿا ليکيا وڃون. ايم ڪيو ايم سڄي دنيا ۾ اها پروپيگنڊا پئي ڪري تہ سنڌ ۾ مظلوم ترين ڌر ايم ڪيو ايم ۽ مهاجر آهن.

3. ايم ڪيو ايم طرفان پونم ۾ شموليت جي خواهش جو هڪ سبب مٿين سطح تي ٿيندڙ جوڙ توڙ ۽ ايندڙ مڪاني چونڊون بہ آهن، ڪراچيءَ ۾ سٽي گورنمينٽ ٺاهي پئي وڃي. ايم ڪيو ايم کي اندروني طور مٿين سطح تي وڏي سپورٽ حاصل آهي، جي ايئن نہ هجي تہ پوءِ ايم ڪيو ايم جي بظاهر پاڪستان مخالف اسٽينڊ جو نوٽيس ڇو نہ ٿو ورتو وڃي؟ مٿئين سطح تي اها "Move" آهي تہ جي اڳتي هلي چونڊون ٿيون تہ بہ ان کان اڳ اهڙو انتظام ڪجي، جو پ پ کي Replace ڪيو وڃي. اهو فارمولا اڳ بہ مختلف شڪلين ۾ سنڌ ۾ استعمال

ڪيو ويو آهي ۽ ان جا نتيجا اسان جي سامهون آهن. جام صادق جو دؤر، مظفر شاهه جو دؤر، لياقت جتوئيءَ جو دؤر وغيره ان جا چٽا مثال آهن. سنڌ ۾ ننڍا ننڍا گروپ گڏائي ۽ انهن کي ايم ڪيو ايم سان گڏائي ڪو سيٽ اپ جوڙيو ويندو، هونئن به ڪراچيءَ ۾ سٽي گورنمينٽ جي ٺهڻ کان پوءِ صوبائي حڪومت جي عملي طور ڇا حيثيت هوندي ۽ ان جو ڪهڙو حشر ڪيو ويندو؟ اهو ڏسڻ لاءِ هاڻي گهڻو انتظار ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

4. ان ڏس ۾ ٻيو اهم ترين سبب اهو به آهي ته ايم ڪيو ايم سڄيءَ دنيا ۾ پاڻ کي مظلوم ترين ڌر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي. جيڪڏهن ڪيس پوئم ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي، سنڌي، بلوچ، پشتون ۽ سرائيڪي گڏجي ان کي مظلوم قومن جي ڌرين جي ڏارا ۾ شامل ٿيون ڪن ته پوءِ ايم ڪيو ايم جو وڏي ۾ وڏو مسئلو حل ٿي ٿو وڃي، يعني سندن ان مسلسل هلندڙ پروپيگنڊا کي اخلاقي ۽ سياسي مدد ملي ويندي، هو دنيا کي چئي سگهندا ته سندن مظلوم حيثيت کي پنجاب کانسواءِ سمورين مظلوم قومن طرفان تسليم ڪيو ويو آهي.

باقي جيستائين سوال آهي ايم ڪيو ايم جي زباني دعوائن جو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ پنهنجي طئه ٿيل "مقصد" لاءِ صورتحال آهر موقف بدلائڻ جو جيڪو مثال ايم ڪيو ايم قائم ڪيو آهي ان جو مثال پاڪستان ۽ نڌيو ڪنڊ ته ڇا دنيا ۾ نه ملندو! جيترا زباني ۽ لکت ۾ معاهدا هر دؤر ۾ مختلف ڌرين سان ايم ڪيو ايم ڪيا آهن، ان جو سمورو رڪارڊ لفظ به لفظ نه رڳو موجود آهي پر ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن تي نقش ٿيل آهي. انهن سمورن معاهدن جو ڇا ٿيو؟ پ پ پ جي پهرين قائم علي شاهه حڪومت سان ايم ڪيو ايم 72 نقطن تي اتحاد ڪيو، ڇا هو ان تي بيٺا؟ قائم علي شاهه سنڌ جا سڀ ٽپڙ ايم ڪيو ايم حوالي ڪيا پر پوءِ به سندس حڪومت هڪ ڏينهن به فضيلت سان هلڻ نه ڏني وئي، پوءِ سنڌ ۾ ايندڙ هر حڪومت سان هنن اتحاد ڪيو، هر شيءِ جا مالڪ به ٿيا پر ان اتحاد جو معمولي ڀرم به نه رکيو ويو. مان ته تجويز ٿو ڏيان ته ڪو ادارو اُهي سمورا معاهدا جيڪي لکت ۾ موجود آهن، شايع ڪري، هيئنر به ساڳي صورتحال آهي. پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ مفاد تحت اتحاد جوڙڻ ۽ وري ٽوڙي ڇڏڻ ايم ڪيو ايم لاءِ معمول جي ڳالهه آهي. اهو هنن لاءِ ڪڏهن مسئلو رهيو ئي نه آهي. انهن سمورين ڳالهين باوجود مان سمجهان ٿو ته سياست ۾ مخالف ترين ڌرين ويندي دشمنن سان به اتحاد لازمي هوندا آهن پر تڏهن جڏهن طاقت جو توازن گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي حق ۾ هجي.

ڪالاباغ ڊيم جي سلسلي ۾ به ته پنجاب اسان کي لکت ۾ ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهي، پوءِ اسين ڇو نه ٿا اهو قبول ڪريون؟

ان ڪري هن سڄي بحث جو حاصل مطلب اهو آهي ته هي معاملو ايترو سادو ۽ سادگيءَ جو ناهي، جنهن کي تڙ تڪڙ ۾ ابهرائيءَ سان کنيو وڃي. سڀ کان اڳ سنڌي ماڻهو پنهنجي سر هڪ مضبوط سياسي قوت طور منظم ٿين، اُڀرن ۽ تسليم ڪن. ايم ڪيو ايم رڳو اسان کي پنهنجي مفاد لاءِ پولڙو ڪري ۽ نچائي ۽ استعمال ڪري پر دل سان سمجهي ته سنڌ ۾ سنڌين کانسواءِ سندن قصو نه هلندو ۽ اسان جڏهن به جنهن به فورم تي ساڻن گڏ ويهون، ان ۾ وڏي ۾ وڏي ڌر طور تسليم ڪيا وڃون. تڏهن اهي اتحاد اسان کي فائدو ڏئي سگهن ٿا. هيئنر صورتحال اها آهي ته ايم ڪيو ايم جي وڏي ۾ وڏي حمايت ڪندڙ سائين امداد شاهه جي ته ڪا پارٽي به ناهي، بيون ڌريون اسيمبليءَ ۾ هڪ سيٽ کٽڻ جي لائق به نه آهن ۽ سامهون سنڌ مان کٽبو ايم ڪيو ايم کي جنهن کي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ سيٽن جو وڏو تعداد ملي ٿو اهڙيءَ صورتحال ۾ ان اتحاد ۾ اسان جو قومي طور ڇا وزن هوندو؟ اسان کي ته پاڻ موقعي جو فائدو وٺي اردو ڳالهائيندڙ عوام ڏانهن ڀائپيءَ جي وک وڌائڻ گهرجي ۽ کين محسوس ڪرائڻ گهرجي ته اها متعصب ۽ ٻين قوتن جي هٿن ۾ مسلسل کيڏندڙ سياست نه رڳو سنڌي عوام ۽ سنڌ جي وحدت خلاف آهي پر خود اردو ڳالهائيندڙ عوام جي به جائز مفاد ۾ نه آهي. اها آپگهات جي سياست آهي، جنهن مان ڪنهن کي به فائدو ڪونهي، نه سنڌ کي، نه سنڌي قوم کي ۽ نه اردو ڳالهائيندڙ عوام کي.

(روزاني عبرت، 2001ع)

# سنڌ ۾ سنڌين کي ديوار سان نہ لڳايو!

ملڪ ۾ هن وقت مسلم ليگ جي حڪومت آهي ۽ ان کي بہ سال پورو ٿي چڪو آهي. مسلم ليگ جڏهن گذريل سال ملڪ جي اقتدار جون واڳون سنڀاليون هيون تہ ملڪ جون حالتون معمول موجب يا ايئن ڪٽي چئجي تہ مطمئن ڪندڙ نہ هيون. الزامن جي هڪ ڊگهي چارج شيٽ هٿ ۾ ڏئي، پ پ پ جي حڪومت کي روانو ڪيو ويو هو ۽ مسلم ليگ لاءِ راءِ عامہ کي تيار ڪيو ويو. اهو تاثر ڏنو پئي ويو تہ مسلم ليگ جي حڪومت ماضيءَ جي اُبتڙ هڪ نئين سوچ سان ملڪ کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندي. اڄ جڏهن مسلم ليگ جي حڪومت کي هڪ سال پورو ٿيڻ تي آهي تہ نہ صرف ملڪ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪا پيش رفت نہ ٿي آهي ۽ حالتون اڳي کان وڌيڪ غير يقينيت جو شڪار ٿيون آهن. پر هن حڪومت عام طور سڄي عوام ۽ خاص طور سنڌي عوام کي سخت مايوس ڪيو آهي. جڏهن ميان نواز شريف جي موجوده حڪومت آئي

هئي ۽ هر سطح تي تاريخي مينڊيٽ ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ جون دعوائون ٿيڻ شروع ٿيون هيون ۽ تڏهن ملڪ جي روشن خيال ماڻهن سمجهيو ٿي تہ متان بہ مسلم ليگ پنهنجي ماضيءَ جي فرقي پرستيءَ (Communalism) جي سياست مان سبق پرائي پنهنجي سياسي ڪردار ۽ روين ۾ ڪا تبديلي آڻيندي پر بدقسمتيءَ سان هاڻوڪي حڪومت جي لڳ ڀڳ هڪ سال جي ڪار گذاري ۽ "ڪارنامن" کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ اهي انومان شايد درست نہ هئا. جيتوڻيڪ مسلم ليگ جي سياست جا بنياد شروع کان فرقي پرستيءَ ۽ عوام جي مختلف حصن ۾ متڀيد (Discrimination) رهيا آهن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ اڳوڻي مسلم ليگ وٽ متڀيد جا بنياد مذهبي فرقہ پرستي (Religio_ Communlisam) تي مبني هئا ۽ اجوڪي مسلم ليگ وٽ اهي بنياد مذهبي فرقہ پرستيءَ سان گڏ نسلي، قوميتي ۽ علائقائي متڀيد وارا آهن. يعني گذريل پنجاهہ سالن ۾ مسلم ليگ ترقي اها ڪئي آهي ۽ پنهنجي سوچ ۾ وسعت اها آندي آهي جو ان پنهنجي تنگ نظريءَ جو دائرو مذهبي فرقي پرستيءَ مان وڌائي نسلي، قوميتي ۽ علائقائي تعصب تائين وڌايو آهي. اهو سڀ ڪجهہ هڪ اهڙي پارٽي ڪري ٿي جيڪا پنهنجو اُصولي سياسي جواز ۽ بنياد ( Political Rationale) بظاهر جمهوريت کي ڄاڻائي ٿي. جڏهن تہ جمهوريت جو روح ئي ڪنهن بہ تفريق کان سواءِ عوام جي حاڪميت ۽ سندن حقن جو تحفظ آهي. حقيقت اها آهي تہ انهيءَ فرقي پرستيءَ جي سياست سان هن ننڍي کنڊ توڙي پاڪستان ۽ مجموعي طرح عوام کي جيڪو نقصان ٿيو آهي ۽ بدستور ٿي رهيو آهي، ان لاءِ ملڪي سياسي تاريخ جا گذريل پنجاهہ سال اسان کي گهڻو ڪجهہ ٻڌائين ٿا.

سنڌ جي حوالي سان ڳالهہ ڪبي تہ مسلم ليگ جي هاڻوڪي حڪومت سنڌ جي عوام کي نہ رڳو پنهنجي هڪ سال جي ڪارڪردگيءَ ذريعي سخت مايوس ڪيو آهي پر ساڳئي وقت بدظن پڻ ڪيو آهي ۽ کين اهو احساس وڌيڪ شدت سان ڏياريو آهي تہ ساڻن هن ملڪ تہ ڇا پر خود پنهنجي صوبن/ وطن ۾ بہ اکيائيءَ ۽ ٻئي درجي وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي. بہ اکيائي تہ ڇا ايئن محسوس ٿي رهيو آهي جڻ تہ سنڌ تي واڪ اوور (Walk Over) ڏنو ويو هجي يا سنڌ کي ڪو مفتوح علائقو Conquered Territory سمجهي ان جي سمورن مادي وسيلن ۽ سياسي خود مختياريءَ کي مالِ غنيمت جيان ورهايو پيو وڃي. بدقسمتيءَ سان اهو

سڀ ڪجهہ بہ هميشہ جيان جمهوريت، پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ ٿي ڪيو پيو وڃي. منهنجي خيال ۾ بهتر ٿيندو تہ موجوده حڪومت بابت سنڌي ماڻهن جي ذهنن ۾ جيڪي سنجيده تحفظات پيدا ٿيا آهن، انهن جي سببن تي ترتيب وار ڳالهہ ٻولهہ ڪجي.

سڀ کان پهرين ڳالهہ مسلم ليگ حڪومت جي سنڌ ۽ سنڌي عوام بابت پاليسي آهي. حڪومت جي روين سبب سنڌ جي عوام توڙي سڄاڻ ماڻهن ڪي ان باري ۾ شديد ڳڻتي پيدا ٿي آهي تہ مسلم ليگ جي موجوده حڪومت سڄي ملڪ جي نمائندگي ڪرڻ بدران ڇڙ تہ هڪ صوبي، جنهن جي اڳ ئي ملڪ ۾ حاڪماڻي حيثيت آهي، جي ترجماني پئي ڪري. خاص طور تي سندس سنڌ بابت پاليسي سراسر ناانصافيءَ، تعصب ۽ بہ اڪيائيءَ تي مبني آهي. هڪ طرف ملڪي سطح تي مادي ۽ مالي وسيلن جي ورڇ ۽ فيصلہ ڪن سطح تي سياسي معاملن ۾ نمائندگيءَ جي حوالي سان سنڌ سان ٻئي درجي جو سلوڪ ڪيو پيو وڃي تہ ٻئي طرف سنڌ اندر وري هڪ اقليتي حڪومت مڙهي سنڌ جي اڪثريتي عوام کي هر سطح تي پاسيرو ۽ پنتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. محسوس ايئن پيو ٿئي تہ سنڌ تي اڪثريتي عوام جي مالڪي ۽ سندن سياسي نمائندن جي اقتدار ۽ اختيار تي حق کي تسليم ڪرڻ بدران هڪ مخصوص ۽ متعصب نسلي سياسي گروهہ کي سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو آهي. مسلم ليگ حڪومت جي اها پاليسي نہ رڳو جمهوريت جي روح جي منافي آهي، پر اها سياسي اخلاقيات جي عالمي ۽ مهذب قدرن موجب بہ هڪ بي واجبي ۽ ڏوهہ آهي تہ ڪنهن علائقي جي اڪثريتي عوام ۽ اصلي نمائندن بجاءِ ڪنهن نسلي متعصب سياسي، اقليتي گروهہ کي ناجائز طور مالڪيءَ جو حق ۽ پيل جو پروانو ڏنو وڃي. اها روش خود پاڪستان جي سياسي وحدت لاءِ بہ سخت هاڃيڪار آهي. جي اها روايت پئي ۽ اهو سلسلو شروع ٿيو تہ پوءِ نہ رڳو رياست ۽ ان جو آئيني ڍانچو ۽ اُصولي معاهدو پنهنجو سياسي Rationale (اُصولي ۽ منطقي جواز) وڃائي ويهندو پر خود ملڪ جي سياسي وحدت ۽ پس و پيش ان جو وجود خطري ۾ پئجي ويندا. موجوده حڪومت طرفان سنڌ جي هزارين نوجوانن کي بيروزگار ڪرڻ، سنڌ سان مالي وسيلن جي ورڇ ۾ بہ اڪيائي ڪرڻ ۽ ملڪ جي فيصلہ ڪن سطح تي سنڌ کي ڪا نمائندگي نہ ڏيڻ جا رويا تہ پنهنجي جاءِ تي پر خود سنڌ اندر جنهن طريقي سان سنڌين کي هر شعبي ۾ ۽ هر سطح تي پاسيرو

ڪيو ويو آهي ۽ ڪيو پيو وڃي. ان سان ڪجهه حلقن جي ان خيال کي هٿي ملي ٿي تہ ميان صاحب جي موجوده حڪومت باقاعده هڪ ايجنڊا تحت سنڌين کي سنڌ توڙي ملڪي معاملن ۾ پاسيرو ڪرڻ جي عمل ۾ ڏر بڻجي رهي آهي.

جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم پاڻ کي بظاهر مهاجر قومي موومينٽ مان ڦيرائي متحده قومي موومينٽ ۾ تبديل ڪيو آهي پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ ان جي روايتي سوچ، ڪردار ۽ روين ۾ تر جيترو فرق نہ آيو آهي. ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت سندس موجوده ڪردار آهي. سنڌ ۾ بظاهر تہ حڪومت مسلم ليگ جي آهي ۽ وڏ وزارت جي منصب تي ويٺل بہ هڪ مسلم ليگي لياقت جتوئي آهي پر عملي صورتحال ڏُٺائي ٿي تہ اقتدار جون اصل واڳون ايم ڪيو ايم حوالي آهن ۽ ايم ڪيو ايم چوويهہ ئي ڪلاڪ اهو ئي ڪجهہ ڪرڻ ۾ رُڌل آهي، جيڪو ڪجهہ اها ماضيءَ ۾ ڪندي رهي آهي. فرق رڳو اهو آهي جو اهو سڀ ڪجهہ هينئر اقتدار جي مالڪ هئڻ سبب انتظامي مشينري ۽ سرڪاري وسيلن ۾ ذريعن سان ڪيو پيو وڃي. سنڌ توڙي ملڪ جي باشعور ماڻهن جي شروع کان اها راءِ رهي آهي تہ اهڙي قسم جي متعصب، نفرت انگيز ۽ سازشي سياست نہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي حق ۾ آهي ۽ نہ سنڌ توڙي ملڪ جي سموري عوام جي حق ۾ پر جڏهن سرڪاري سطح تي اهڙي سياست جي پُٺڀرائي ڪئي ويندي هجي ۽ ان کي هر طرح سان سگهہ بخشي ويندي هجي تہ پوءِ نتيجا بہ لازماً اهڙا ۽ ايئن نڪرندا، جيئن اهي سامهون اچي رهيا آهن. انگريزيءَ جي مشهور چوڻي آهي تہ، "جڏهن رياستن ۽ حڪومتن جا زوال شروع ٿيندا آهن تہ اتي جي حڪمرانن جي مَت ڪسجي ويندي آهي. هتي بہ لڳي ٿو تہ حڪمرانن جي مت مڪمل طور ڪَسجي چڪي آهي ۽ سندن متعصب اکيون اهو ڪجهہ ڏسڻ کان قاصر آهن، جيڪو ڪجهہ دور انديش ماڻهن کي مستقبل ۾ نظر اچي رهيو آهي. پراوا گهر ساڙڻ جو مطلب آهي پس و پيش پنهنجو جهڳو جهڻ ڪرڻ لاءِ سامان گڏ ڪرڻ. ايم ڪيو ايم هن وقت سنڌ اندر جڻ تہ هڪ الڳ سياسي رياست قائم ڪيو ويٺي آهي ۽ ان جي ناجائز ڪمن ۽ قدمن جي ڪا حد نہ رهي آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر ان جا هٿ هاڻي رياست ۽ ان جي ماتحت ادارن جي صوابديدي اختيارن ۽ استحقاق کي بہ مسخ ۽ مجروح ڪرڻ لڳا آهن. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر ڪيس ايترو ڇيڪ ڇو ڇڏيو ويو آهي؟ اچو تہ مثال طور سندس اهڙن ڪجهہ قدمن ۽ ان ڏانهن وفاقي حڪومت جي پٺڀرائيءَ واري روش جو ڪجهہ مختصر جائزو وٺون.

1. سنڌ حڪومت, مسلم ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جي هڪ تحريري ناهه تحت قائم ڪئي وئي هئي, جمهوري نظام ۾ عوام کي اهو حق حاصل هوندو آهي ته اهو پنهنجي حڪومت جا Terms of References معلوم ڪري سگهي. اهو حق هر جمهوري سرشتي ۾ عوام جو استحقاق هوندو آهي. موجوده سنڌ حڪومت جي قيام جي پهرين ڏينهن کان وٺي سنڌ جو عوام ۽ ان جا سجاڻ فرد مطالبو ڪندا رهيا آهن ته ان ناهه کي پڌرو ڪيو وڃي پر اڄ تائين ان ناهه کي پڌرو ڪرڻ بدران ڳُجهو رکيو ويو آهي. ان مان ئي ان ناهه جي اصليت ۽ پٽ وائکي ٿي وڃي ٿي. يعني جنهن معاهدي تحت سنڌ جي اڪثريتي عوام تي هڪ سياسي اقليت جي حڪومت مڙهي وئي آهي, عوام کي ان معاهدي جي ڄاڻ جي حق کان به محروم رکيو ويو آهي.

2. پ پ حڪومت تي جيڪي الزام هڻي ان کي گهر پيڙو ڪيو ويو هو انهن ۾ هڪ اهو به هو ته سندن دؤر ۾ سنڌ ۾ عدالت کان ٻاهران قتل ( Extra Judicial Killings) ٿيا پر معراج خالد واري نگران حڪومت دوران خود هاڻوڪي قانون واري وفاقي وزير خالد انور سپريم ڪورٽ ۾ بيان ڏيندي چيو هو ته ڪين اهڙا ڪي به ثبوت نه مليا آهن. سندس اهڙو بيان رڪارڊ تي آهي. چيو وڃي ٿو ته ايم ڪيو ايم ـ مسلم ليگ معاهدي جو هڪ نقطو اهو به هو ته اهڙن مبينه طور مارجي ويل ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن جي وارثن کي سنڌ حڪومت معاوضو ڀري ڏيندي. سڀ کان پهرين ڳالهه ته خالد انور جهڙي ذميوار منصب تي ويٺل شخص جي اهڙي بيان کانپوءِ اهڙو مطالبو غير واجبي ٿي وڃي ٿو. اطلاع ته اِهي آهن ته هوم ڊپارٽمينٽ جي ڪيترن اعليٰ سطحي اجلاسن ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجي اها دعوي ثابت نه ڪري سگهي ۽ نيٺ طئه اهو ڪيو ويو ته ان لاءِ هڪ عدالتي جاچ ڪميشن مقرر ڪئي ويندي ۽ ان جي رپورٽ جي روشنيءَ ۾ معاوضي ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويندو پر افسوس جو پنهنجي ئي حڪومت جي فيصلي تحت اهڙي عدالتي جاچ ڪميشن جي قيام ۽ ان جي رپورٽ جو انتظار ڪرڻ بدران ايم ڪيو ايم کي باضابطه طور ٻن قسطن ۾ ڏهه ڪروڙ ۽ ڳُجهي نموني وڏي رقم ڏني وئي آهي. هاڻي ان مان سواءِ ان جي ٻيو ته ڪجهه ثابت نه ٿو ٿئي ته هڪ طرف ايم ڪيو ايم جا سراسر ناجائز مطالبا مڃجي رهيا آهن ته ٻئي طرف سنڌي عوام جي جائز ۽ بنيادي مسئلن کي ليکي ۾ ئي نه ٿو آندو وڃي. هڪ طرف گذريل دؤر ۾ رياست جي سيني کان حساس حڪومتي شعبي يعني گهرو وزارت طرفان

دهشتگرد طور پڌرو ڪيل ۽ پوليس جي مقابلي ۾ مارجي ويلن لاءِ ته ڪروڙين روپيا ورهايا پيا وڃن ته ٻئي طرف اهي سمورا مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ بي گناهه شهري جيڪي دهشتگرديءَ جو بک بڻيا، تن جي معاوضي بابت حڪومت خاموش ۽ لاتعلق بڻيل آهي. ڇڻ ته اهي هن ملڪ جا شهري هئا ئي ڪونه ۽ سندن دهشتگردن هٿان بي موت مارجڻ جائز هو؟ ايم ڪيو ايم جي مارجي ويل ڪارڪنن لاءِ دعوي ڪئي ٿي وڃي ته اهي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڇڪرين ۽ ويڙهه ۾ نه پر ماوراءِ عدالت قتل ٿيا هئا، ته اهو اجان تائين هڪ تڪراري معاملو آهي، جيڪو نه ته پ پ جي اڳوڻي حڪومت تي الزام هڻندڙ موجوده حڪومت ثابت ڪري سگهي ۽ نه وري خود ايم ڪيو ايم پنهنجي دعوي ڪي ٺوس ثبوتن سان ثابت ڪيو آهي پر ٻئي طرف يوسف جکراڻي ۽ ٽنڊو بهاول جي شهيدن، جن بابت ثابت پڻ ٿي چڪو آهي ته بنا ڪنهن ڏوهه جي ايجنسين قتل ڪيا هئا، تن جي وارثن کي ته اڄ تائين ڪو معاوضو ڏيڻ جي ننڍي ڳالهه به نه ڪئي وئي آهي. ان مان پڻ سندن متعصب روين ۽ نفرتن جي ثابتي ملي وڃي ٿي.

3. ڇيو وڃي ٿو ته مسلم ليگ ايم ڪيو ايم معاهدي جو هڪ شرط اهو به هو ته ايم ڪيو ايم جي سمورن قيد. ڪارڪنن کي غير مشروط طور آزاد ڪيو ويندو. حڪومت جي هاڻوڪن قدمن مان لڳي ٿو ته اها ڳالهه درست آهي، گذريل سال دوران ايم ڪيو ايم جي سنگين ڏوهن ۽ وارداتن جي ڏس ۾ جهليل سوين ڪارڪنن کي آزاد ڪيو ويو آهي. ڪن جي ڪيسن تان مورڳو هٿ ڪنيو ويو آهي ته ڪيترن سزا يافته مجرمن کي قانوني ترميمن ذريعي پيرول تي آزاد ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سزا يافته مجرمن کي سياسي مراعات طور قانون ۾ ترميمون ڪري آزاد ڪرڻ جي ملڪ ۾ انوکي روايت وڌي وئي آهي. دنيا ۾ شايد اهو پهريون مثال آهي. انهن سزا يافته قيدين ۾ ڪجهه اهڙا هئا جيڪي نه رڳو سنگين ڏوهن ۾ ملوث هئا پر انهن تي عام شهرين کان علاوه خود رياستي ادارن طرفان ڪيس ڪيا ويا هئا. جيڪڏهن حڪومت کي ناجائز طور اها سياسي مراعات ۽ فائدو ڏيڻو ئي هو ته اها رعايت سمورن سياسي پارٽين جي قيد ڪارڪنن کي ڪنهن به تفريق کان سواءِ ملڻ گهرجي ها پر حڪومت ايئن نه ڪري پنهنجي سڌي جانبداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي.

4. صوبائي حڪومت جي ماتحت مختلف ادارن ۾ نوڪرين تي بندش باوجود ڪيل ڀرتين جي معاملي ۾ به ڪنهن قانون، اُصول ۽ اخلاق جو ڪو لحاظ

نہ رکيو ويو آهي. خاص طور تي اهي وزارتون جن جا قلمدان ايم ڪيو ايم حوالي آهن، انهن ۾ تہ بنهہ ڀيل ڪئي وئي آهي. تعليم کاتي ۾ هڪ طرف اچڻ شرط، ايڊهاڪ طور ڪم ڪندڙ سوين استادن ۽ ملازمن کي برطرف ڪيو ويو تہ ٻئي طرف تازو اخباري اطلاعن موجب 350 ليڪچرار ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ ٻئي طرف گذريل سال جي ڪميشن پاس نوجوانن کي صرف ۽ صرف تعصب ۽ بہ اکيائيءَ جي بنياد تي آرڊر جاري نہ پيا ڪيا وڃن. تعليم کاتي جا اختيار مڪمل طور تي سرڪاري مشينريءَ کان کسي هڪ اقليتي سياسي گروهہ حوالي ڪيا ويا آهن، جنهن پنهنجي تعصب جي انتها ڪري ڇڏي آهي. تازو پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين رٽائرڊ جسٽس عبدالقادر شيخ کي هٽائي "پنهنجي" ماڻهوءَ کي ان جي جاءِ تي آندو ويو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ايم ڪيو ايم سنڌ جي گورنر تي دٻاءُ وڌو تہ ڪميشن جو چيئرمين تبديل ڪري ان جي جاءِ تي سندن نامزد ڪيل ماڻهو مقرر ڪيو وڃي. اطلاعن موجب گورنر ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ايم ڪيو ايم فوري طور گورنر جي اختيارن ۽ Rules of Business ۾ قانوني ترميم ڪري گورنر کان پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين مقرر ڪرڻ جو استحقاق ۽ اختيار کسي سنڌ جي وزارت تعليم جنهن جو قلمدان وٽن آهي، حوالي ڪري ڇڏيو ۽ نيٺ ڪميشن جي چيئرمين کي تبديل ڪيو ويو.

لوڪل گورنمينٽ جي ادارن (SMC, HMC, KDA, KMC) وغيره ۾ بہ ساڳيءَ طرح بي انداز ۽ هڪ طرفيون ڀرتيون ڪيون ويون آهن ۽ ڪيون پيون وڃن. مثال طور حيدرآباد ضلعي جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ تازو چاليهہ سيڪريٽري رکيا ويا آهن، جن مان 30 ايم ڪيو ايم جا باضابطہ رڪن چيا وڃن ٿا ۽ باقي ڏهہ سيٽون بہ ڪجهہ سنڌي وزيرن کي ان واعدي تي ڏنيون ويون آهن تہ سندن وزارتن ۾ بہ ايم ڪيو ايم جا نامزد ڪيل ماڻهو رکيا ويندا، انتهائي ڄاڻو ذريعن موجب سنڌ حڪومت جي ڪيبنيٽ ۾ فيصلو ٿيو هو تہ سمورن کاتن ۾ ڀرتين لاءِ انٽرويوز جا نتيجا چيف سيڪريٽريءَ معرفت وزير اعليٰ هائوس اُماڻيا ويندا ۽ نوڪرين جا آرڊر سي ايم هائوس جاري ڪندو، پر ايم ڪيو ايم ڪابينا جي ان فيصلي جي ڀڃڪڙي ڪندي نوڪرين جا آرڊر سڌيءَ طرح پاڻ جاري ڪرڻ شروع ڪيا آهن. جيڪا سراسر قانون جي ڀڃڪڙي آهي، پر پوءِ بہ ان تي ڪابينا جا ٻيا وزير ۽ وڏو وزير خاموش آهن. ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي تہ هڪ اردو

ڳالهائيندڙ ڪاموري لوڪل گورنمينٽ جي سيڪريٽري احمد مقصود حميديءَ کي بہ ان ڪري هٽايو ويو جو هن ايم ڪيو ايم سان ان غير قانوني قدمن ۾ پوريءَ طرح سهڪار نہ ڪيو. ان کان پوءِ تسنيم صديقي (جنهن جون ايم ڪيو ايم سان وفاداريون مشهور آهن) کي ان جاءِ تي آندو ويو آهي.

5. چيو وڃي ٿو تہ سنڌ جي وڏي وزير لياقت جتوئيءَ بہ گذريل سال اڳوڻن وڏن وزيرن جيان لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پنهنجي لاءِ خاص ڪوٽا مختص ڪري اهي سيٽون ورهايون پر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج، جسٽس وجيهہ الدين سندس اهڙو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو ۽ اهي داخلائون ٿي نہ سگهيون. جنهن جو واضح مطلب اهو ٿيو تہ ڪوبہ وزير، وڏي وزير سميت ان جو مجاز ناهي تہ اهو ڪن پروفيشنل يا اعليٰ تعليمي اداري ۾ اڳ ۾ ئي موجود باءِ- لاز کي باءِ پاس ڪري پنهنجي ڪوٽا مختص ڪرڻ يا سيٽون ورهائڻ جو حق نٿو رکي پر تازو ڄاڻو ذريعن موجب سنڌ جي تعليم واري وزير گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي طور تي 613 ايم ڪيو ايم جي نامزد ڪيل شاگردن کي داخلائون ڏياريون آهن. هن ڪاليج ۾ هر سال فقط 600 شاگردن کي ميرٽ تي داخلا ڏني ويندي آهي پر هن سال مقرر انگ يعني 600 کان علاوه صرف ايم ڪيو ايم جي نامزد ڪيل اميدوارن کي اضافي 613 سيٽون ڏنيون ويون آهن. سوال آهي تہ جڏهن وڏي وزير جي اهڙي قدم کي هاءِ ڪورٽ رد ڪري چڪي آهي تہ پوءِ آخر تعليم جو ايم ڪيو ايم وزير اهڙي قدم کڻڻ جو مجاز ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

6. ايم ڪيو ايم جي متعصب ۽ بدنيت پاليسين جو ڇيهہ اتي ئي نہ ٿو ٿئي پر تازو مڪاني ادارن جي وزير ڊاڪٽر فاروق ستار ميونسپل ايمرجنسي نالي هڪ فيصلو پڌرو ڪيو آهي تہ ڪراچي رورل جي يونين ڪائونسلن جا فنڊ هنگامي طور ڪراچي اربن جي علائقن تي خرچ ڪيا ويندا. اهڙي فيصلي سان ايم ڪيو ايم پنهنجي تعصب ۽ تنگ نظريءَ جي حد ڪري ڇڏي آهي. هونئن تہ سڄي ڪراچي اسان جي آهي. اها سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ان جي ترقي بہ سنڌ جي مجموعي ترقيءَ جو حصو آهي پر ايم ڪيو ايم جو اهڙو فيصلو بدنيتيءَ ۽ حد درجي جي تنگ نظريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي تہ ڪراچي رورل، جتي سنڌي آباديءَ جي قطعي اڪثريت آهي، جي شاهوڪار يونين ڪائونسلن جا فنڊ، ڪراچيءَ جي انهن مخصوص علائقن تي خرچ ڪيا وڃن، جتي ايم ڪيو ايم جو سياسي اثر آهي. هن کان اڳ ڪراچي ڏکڻ جي 3 ڪروڙ روپين جي بجيٽ بہ

ساڳئي طرح پنهنجي مخصوص علائقن ڏانهن منتقل ڪئي وئي آهي. لياريءَ جي ترقياتي اسڪيمن جون سڀ رقمون پڻ ايم ڪيو ايم پنهنجن علائقن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيون آهن. هي تہ هڪ قسم جو انتظامي ۽ سياسي فاشزم آهي ۽ افسوس جو سنڌي وزيرن ۽ ميمبرن جا چپ بہ چُرڻ لاءِ تيار نہ آهن.

اهي تہ فقط چند نوس مثال آهن جن مان ثابتي ملي ٿي تہ ايم ڪيو ايم سنڌ سان ڪهڙا نہ راڳا ڪري رهي آهي ۽ ظاهر آهي تہ ان ۾ مسلم ليگ جي ڏرياڻتي ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. حد تہ اها آهي جو جنهن شخص کي نواز شريف پنهنجي اڳوڻي حڪومت ۾ سرڪاري ميڊيا تي دهشتگرد قرار ڏنو ۽ ان خلاف فوجي آپريشن ڪيو ويو اهو جڏهن ٽيليفون رستي "نائن زيرو" تي تقرير ڪري ٿو تہ ملڪ جو وزيراعظم ۽ سنڌ جو وڏو وزير سندس تعظيم ۾ اُٿي بيهن ٿا. ان کان وڌيڪ مسلم ليگ حڪومت جي ايم ڪيو ايم ۽ ان جي غلط ڪارين سان جانبداريءَ جو ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو؟

هن سڄيءَ ڳالهہ ٻولهہ جو تت هيءُ آهي تہ سنڌ سان هڪ صوبي طور وفاق اندر ۽ سنڌي ماڻهن سان هڪ قوم طور پنهنجي وطن ۽ صوبي سنڌ اندر ٻئي درجي ۽ بہ اڪيائيءَ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي ۽ ان جي ڪا حد ۽ ڪو لحاظ نہ رهيو آهي. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن منجهہ اهو احساس تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين کي هن ملڪ ۾ صوبي اندر ديوار سان لڳايو پيو وڃي ۽ اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ سنڌ ۽ سنڌين سان اها هلت جيئن سنڌين جي حق ۾ ناهي، تيئن اها پس و پيش هن ملڪ جي حق ۾ بہ نہ ويندي ۽ اها روش صرف سنڌ ۽ سنڌين سان ئي نہ پر جمهوريت جي روح ۽ ملڪ جي وجود ۽ وحدت سان بہ دشمني آهي. جيڪو نواز شريف اڄ هڪ بنگال (اڳوڻي اوير پاڪستان ۽ هاڻوڪي بنگلاديش) کي درست قرار ڏئي رهيو آهي، ان کي پنهنجن روين ۽ پاليسين سان هڪ ٻئي "بنگلا" جا بنياد نہ وجهڻ گهرجن.

(روزاني "سنڌ" حيدرآباد — 4 مارچ 1998ع)

# چا سنڌي دانشورن کي سنڌ جو
# ڪيس نہ وڙهڻ گهرجي ؟

چون ٿا تہ سنڌي پريس تمام گهڻي ترقي ڪري وئي آهي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ هڪ حد تائين صحيح بہ آهي تہ اڳ جي ڀيٽ ۾ اها ڪجهہ منظم پروفيشنل لاڙن سان سلهاڙيل ۽ جديد شعور سان هم آهنگ بہ آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ سنڌي پريس پنهنجي ڪردار ۽ ڪارج جي حوالي سان سماج جو هڪ اهم ۽ نهايت اثرائتو هٿيار ٿي پئي آهي، سماج جا اهي مسئلا، جن کي اسان جي روايتي پريس ڪابہ اهميت نہ ڏيندي هئي، اهي اڄ اسان جي شعور جي ايجنڊا تي آهن تہ ان ۾ بہ سنڌي پريس جو بنيادي ڪردار آهي. ٻي سڀ ڪان اهم ڳالهہ تہ ڇاڪاڻ تہ اسان جي پريس جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ افرادي قوت جو تعلق گهڻي ڀاڱي هيٺين وچئين طبقي سان آهي، ان ڪري ان محروم، ڪمزور پر نهايت اهم طبقي کي بہ سياسي، سماجي ۽ هڪ حد تائين فڪري ٽيڪ بہ سنڌي پريس ڏني آهي. جيتوڻيڪ اهي سڀ حقيقتون آهن پر سنڌي پريس جي حوالي سان هڪ Draw Back بہ سامهون آيو آهي. جيتري تعداد ۾ اسان وٽ اخبارون نڪرن ٿيون ۽ پريس وڏي آهي، ان جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ گهربل پروفيشنل افرادي قوتون تمام گهٽ آهن. مان سڄاڻ افرادي قوت جي تہ ڳالهہ ئي نہ ٿو ڪريان پر اسان وٽ تہ

واسطيدار شعبي ۾ گهربل پروفيشنل افرادي قوت بہ ناهي. ان سڄي ڪوٺ جو نتيجو هي نڪتو آهي جو اخبارن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ نهايت غير معياري لکڻيون بہ شايع ڪيون وڃن ٿيون. مضمون نگاريءَ جو فن بہ ادب ڪان وٺي صحافت تائين اسان وٽ هوندئن ئي تمام گهٽ بلڪ ناپيد آهي. سياسي مضمون نگاري نہ رڳو هڪ حساس ڪم آهي پر ان سان انصاف ڪرڻ لاءِ اعليٰ سطح جو سياسي شعور گهرجي. اسان وٽ عام طرح اخبارن ۾ ٻن قسمن جا ليکڪ مضمون لکن ٿا. هڪڙا سياسي علم کان عاري، مايوس ۽ بدظن سياسي ڪارڪن ۽ ٻيا ادب جي شعبي مان آيل صحافي. اسان جي سياسي ادارن ۾ ڪارڪنن جي علمي، فڪري ۽ سياسي تربيت ٿئي نہ ٿي، ان ڪري انهن جو رويو بہ گهڻي ڀاڱي جذباتي، اڀرو ۽ خيالي هجي ٿو. جڏهن تہ ادب کان آيل صحافين صحافت جهڙي Objective شعبي کي بہ داخليت پسنديءَ جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. هر شعبي جو پنهنجو بنياد، رويو ۽ هڪ قسم جو مزاج ٿئي ٿو نہ رڳو اهو پر هر شعبي جو ڪردار ۽ ڪارج بہ الڳ ٿئي ٿو اسان وٽ ان فرق ۽ فرض جو خيال نٿو رکيو وڃي.

تازو 6 آڪٽوبر جي روزانہ "ڪاوش" ۾ منصور عليءَ جي نالي سان "ڇا سنڌي دانشورن کي اسلام آباد جو ڪيس وڙهڻ گهرجي؟" جي عنوان هيٺ هڪ مضمون شايع ٿيو آهي. مضمون ۾ "سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ" پاران ايم ڪيو ايم جي پٽيشن خلاف سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل درخواست جي حوالي سان راءِ زني ڪئي وئي آهي. سڄو مضمون پڙهڻ ڪانپوءِ واضح ٿئي ٿو تہ مضمون نگار جا بنيادي نقطا چار آهن، جن بابت هن تفصيل سان پنهنجو "عجيب" موقف بيان ڪيو آهي، سندس اهي نقطا هيٺين ريت آهن.

(الف) سنڌي دانشور سنڌ سان مخلص ناهن، سندن پاران سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ ڪليل موقعي پرستي آهي.

(ب) ايم ڪيو ايم ڇاڪاڻ تہ موجوده حالتن ۾ ڪمزور آهي، ان ڪري "ايم ڪيو ايم جي ڏيري ڪتي" مٿان پٿر نہ وسائڻ گهرجي.

(ت) سنڌي دانشور سنڌي عوام بدران "اسٽيبلشمينٽ ۽ اسلام آباد" جو ڪيس وڙهي رهيا آهن.

(ج) ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي جهيڙي ۾ سنڌي دانشورن کي اڻ ڌريو رهڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ مضمون جو مواد ايترو ڪمزور ۽ هوائي آهي جو ان کي تہ جواب

ڏيڻ جيتري اهميت بہ نہ ڏيڻ گهرجي، پر هي ڪنهن هڪ ليکڪ جي مضمون جو معاملو ناهي، اها بہ هڪ نفسيات آهي، اهو بہ هڪ لاڙو آهي، ڪيترا ماڻهو ايئن بہ سوچين ٿا. اهي ڪنهن بہ معاملي جي اهميت کي سمجهڻ، ان کي ٿورو گهرائيءَ سان پرکڻ ۽ نہ رڳو سماج پر پنهنجي بہ فڪري تربيت ڪرڻ بدران پنهنجي ناپختہ شعور جي اختراع جي چاچر ۾ ڇيرون ڪن ٿا. ان ڪري ضروري آهي تہ انهن جي روين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي تہ جيئن فڪري پسماندگيءَ جي ور چڙهيل هن سماج ۾ بہ صحيح سائنسي شعور ڏانهن ويندڙ ڪي گس نڪرن. منهنجي خيال ۾ بهتر ٿيندو جو اسان "فاضل" مضمون نگار جي بيان ڪيل نقطن تي ترتيب وار ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هلون.

(الف) ليکڪ پنهنجي مضمون ۾ اهو تاثر ڏنو آهي تہ سنڌي دانشور سنڌ سان مخلص ڪونهن. انهن موقعن جو فائدو وٺي، موقعي پرستيءَ جو مظاهرو ڪري اسٽيبلشمينٽ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ سنڌ جو ڪيس داخل ڪيو آهي. ليکڪ پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ اڄ سنڌ ۾ غربت ۽ ڪرپشن جي صورت ساڳي آهي پر جيئن تہ اسلام آباد جي تخت تي اقتداري صورت تبديل ٿي وئي آهي، تڏهن سنڌي دانشورن پنهنجن روين کي تبديل ڪرڻ جو وجهہ وٺي، پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن جي اڏيءَ تي سنڌي ماڻهن جي مجموعي مفادن جو ڳلو ڪٽڻ شروع ڪيو آهي، ان جي سڀ کان آسان ۽ سولي صورت ايم ڪيو ايم جي ٻڌل چور تي لفظي بيانن جون لنيون وسائي، سستي شهرت حاصل ڪري حڪمران طبقي جي يادگيريءَ تي رهڻ جا جتن ڪري رهيا آهن."

سنڌ ۾ "علم جي غربت"، پختي شعور جي کوٽ سبب هوائي، بي بنياد ۽ بي مقصد ڳالهيون ڪرڻ جي رسم عام آهي، پسماندگي فقط سماجي زندگي ۽ معيشت ۾ نہ هوندي آهي پر اها ذهنن، روحن، تصورن ۽ روين ۾ بہ ٿيندي آهي. هي سڀ انسان جي ثقافتي پسماندگيءَ جا اهڃاڻ آهن. دليل ۽ گهرائيءَ سان ڳالهہ ڪرڻ جي جيڪا روايت اڄ کان اڍائي هزار سال اڳ يونان ۾ هئي، اها اسان وٽ اڄ بہ ناپيد آهي. ساڳي روش جو شڪار اسان جو "فاضل" مضمون نگار بہ ٿيو آهي. سنڌي دانشور سنڌ سان ڪيئن مخلص ناهن؟ اهي ڪيس ذريعي حڪمران طبقي کان پنهنجن ڪهڙن "مفادن" لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن؟ ۽ ايم ڪيو ايم جي جواب ۾ سنڌ جو حقيقي ڪيس پيش ڪرڻ آخر ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح

موقعي پرستي آهي؟ انهن ۽ اهڙن ٻين ممڪن انيڪ سوالن بابت ليکڪ پنهنجي مضمون ۾ ڪابہ سنجيده راءِ نہ ڏني آهي. "بحث برائي بحث" خاطر هن فضول ۽ اجائي ڊيگهہ ۾ وڃي غير ضروري صفايون پيش ڪرڻ کان بهتر آهي تہ مان "سنڌ ڪيس" متعلق اصل حقيقت بيان ڪريان.

ڪجهہ عرصو اڳ ايم ڪيو ايم طرفان بظاهر وفاقي ۽ سنڌ حڪومت خلاف سپريم ڪورٽ ۾ هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو، جنهن ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ويو تہ مهاجر، يعني اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جي آباديءَ جو 60 سيڪڙو آهن، ان ڪري کين سنڌ جي معاشي وسيلن، روزگار، اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلائن، صوبائي توڙي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ان تناسب جي حساب سان حصو ڏنو وڃي. نہ رڳو اهو پر پٽيشن ۾ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪئي وئي تہ سنڌ ۾ ساڻن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ظلم ٿي رهيو آهي ۽ ان جو سنڌن مرضيءَ موجب حساب ٿيڻ گهرجي. ٻئي طرف حڪومت بہ ان ڪيس خلاف سپريم ڪورٽ ۾ پنهجو ڪيس داخل ڪيو. ظاهر آهي تہ حڪومت ايم ڪيو ايم جي جواب ۾ فقط انهن ڳالهين ۽ الزامن جي وضاحت ڪئي، جن جو تعلق حڪومت ۽ رياست جي مفادن سان هو. ان سڄي تناظر ۾ سنڌ ۾ ڪجهہ سڄڻ ۽ سڄاڻ ماڻهو اهو محسوس ڪندا تہ ڇاڪاڻ تہ حڪومت سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي قومي ۽ بنيادي تاريخي حقن جي تحفظ کي پنهنجو اولين فرض نہ ٿي سمجهي، ان ڪري ضروري آهي تہ ان فورم تي ايم ڪيو ايم جي ڪوڙي ۽ من گهڙت پروپيگنڊا جو توڙ ڪرڻ لاءِ سنڌي ماڻهن جو صحيح موقف پيش ڪرڻ گهرجي. ان ئي مقصد ۽ خيال کي ذهن ۾ رکي "سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ" فيصلو ڪيو تہ سپريم ڪورٽ ۾ سنڌ جو ڪيس بہ پيش ڪيو ويندو. هن سڄيءَ تحريڪ جو بنيادي مقصد اهو واضح ڪرڻ هو تہ سنڌ جي مالڪيءَ جو حق تاريخي ۽ اُصولي طور فقط ۽ فقط سنڌين وٽ آهي ۽ رهڻ گهرجي. ڪابہ سياسي پارٽي يا حڪومت پوءِ اها ڪٿي چونڊيل ئي ڇو نہ هجي، اهو حق ڪنهن طور بہ نہ ٿي رکي تہ اها سنڌ ۽ سنڌين جي تاريخ، سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حقن بابت ڪو فيصلو ڪري. ان موقف ۽ خيال کي "سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ" پنهنجي عدالتي درخواست (سنڌ ڪيس) ۾ چٽيءَ طرح واضح ڪيو آهي، ان جي باوجود ايئن چوڻ تہ سنڌي دانشورن اهو ڪيس اسٽيبلشمينٽ ۽ اسلام آباد جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪيو آهي، نهايت ئي افسوسناڪ ڳالهہ آهي. ايئن چوڻ تہ سراسر بدنيتي ۽ روايتي ساڙ آهي

يا جهالت ۽ بيوقوفي، تيون سبب گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ نہ ٿو سجهي. هن سڄي ڪيس ۾ مان پاڻ هڪ ادنيٰ ڪارڪن طور شريڪ رهيو آهيان. مون کي ڄاڻ آهي تہ ڪيتري نہ وڏي جاکوڙ محنت ۽ جانفشانيءَ کان پوءِ ڪيس جو دستاويز تيار ڪيو ويو هو سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اهو سڄو ڪم محمد ابراهيم جويي جهڙي سنڌ جي اعليٰ پايي جي فڪري استاد ۽ دانشور جي رهنمائيءَ هيٺ ٿيو آهي. محمد ابراهيم جويو جيڪو سڄي زندگي اسٽيبلشمينٽ جو مخالف رهيو آهي ۽ جنهن جي اُصول پسندي ۽ سنڌ سان بي لوث عشق ڪنهن بہ شڪ کان بالاتر آهي، ان جي نگرانيءَ هيٺ ٿيندڙ ڪم تي اهڙا ڇسا ۽ ابهرا رمارڪس ڏيڻ تي رڳو افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو.

ان حوالي سان هڪ ٻي ڳالهہ بہ واضح ڪرڻ چاهيندس. سنڌ جي هڪ اها بہ بدقسمتي رهي آهي تہ اسان وٽ پختي ۽ متحرڪ "Political Intelligentsia" جي سخت کوٽ پئي رهي آهي. ون يونٽ جي دؤر ۾ اها ڪجهہ پيدا ٿي، پر وري 70ع جي ڏهاڪي کان پوءِ ان جو اهو ڪردار نہ رهيو. مان ليکڪ جي ان اعتراض سان بلڪل سهمت آهيان تہ ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌي دانشورن جو ڪوبہ متحرڪ ۽ سرگرم ڪردار نہ رهيو آهي پر جي ڏٺو وڃي تہ هاڻي هڪ حد تائين اها کوٽ پوري ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ اها هن وقت بہ پنهنجي بلڪل ابتدائي مرحلي ۾ آهي پر بهرحال اڳ جي ڀيٽ ۾ ڳالهہ ڪجهہ اڳتي سري آهي. ان ڪري اهڙي مرحلي ۾ ان تي اجايا چوهہ چنبڙ بدران ان کي هٿي ڏيڻ گهرجي. مان ايئن نہ ٿو چوان تہ تنقيد نہ ڪرڻ گهرجي، ضرور ڪرڻ گهرجي پر ٺلهن مهڻن ۽ الزامن واري انداز ۾ نہ پر تخليقي انداز ۾ اها تنقيد جنهن کي انگريزيءَ ۾ "Positive Criticism" چئبو آهي.

**(ب) "فاضل" مضمون نگار جو ٻيو نقطو:**

چاڪاڻ تہ موجوده حالتن ۾ ايم ڪيو ايم ڪمزور آهي، ان ڪري مٿس ڪابہ تنقيد نہ ڪرڻ گهرجي، هو پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو:

"جيڪڏهن اسان ان حوالي سان ڏسون ٿا تہ اسان کي انتهائي حيرت جهڙو منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو هن وقت ٻارهين بور جو انگريزي ڳالهائيندڙ هر سنڌي دانشور اسلام آباد ۾ وڃي ايم ڪيو ايم کي گاريون ڏيڻ "سنڌ تي اصل حق سنڌي ماڻهن جو آهي" واريون ڳالهيون ڪري پنهنجيءَ ٻِرِ ۾ وڏا مورچا سنڀالي وينو آهي، جڏهن تہ ايم ڪيو ايم آپريشن نالي موچڙي جي زبيٽ هيٺ آهي ۽ پاڻ وارا يار

وتائي فقير وانگر ٻاراڻي سنگت جي صلاح تي ايم ڪيو ايم جي ڏہري ڪتي مٿان پٿر وسائي رهيا آهن.”

هاڻي ان ۾ آهي ڪو عقل، فضيلت ۽ سنجيدگيءَ جي ڳالهہ؟ اسان جو مانوارو ليکڪ سمجهي ۽ چوي ٿو تہ آپريشن جي نالي ۾ اڳ ئي “ويچاري ڪمزور” ايم ڪيو ايم سان ظلم ۽ بغداد ٿي رهيو آهي ۽ مٿان وري رهيل ڪسر دانشور پوري ڪري رهيا آهن. ڪيڏي نہ سادگي ۽ معصوميت سان ايم ڪيو ايم جي وڪالت ڪئي وئي آهي. هيءَ اها ئي ٻولي آهي جيڪا ڪميونسٽ پارٽيءَ جي منافق پناهگير نفسيات مان پيدا ٿي آهي. ايم ڪيو ايم روزانو شهرن ۾ بيگناهہ ماڻهو ويني ماري، وزيرن جي آفيسن تي راڪيٽ لانچر پيا وسن. حڪومت پنهنجي ڪل بچائڻ ۾ پوري آهي. ايم ڪيو ايم سنڌ جي 60 سيڪڙو وسيلن تي مالڪيءَ جون دعوائون پئي ڪري، مهاجر صوبي جا نعرا پيا لڳن ۽ اسان جو “فاضل” ليکڪ چوي ٿو تہ ايم ڪيو ايم مظلوم ۽ سرڪاري عتاب هيٺ آهي. ان کي “سچ” بہ نہ چئو تہ مٿان ان جو بار بہ سندس ناتوان جسم تي گران گذري. اها آهي اصل ۾ پنهنجن ماڻهن کي ذهني ۽ روحاني ۽ پس و پيش سياسي طرح جڏو ۽ مُڏو ڪرڻ جي ڳالهہ. هي آهي اسان جي نام نهاد پڙهيل لکيل ماڻهن جي ذهني ڏيوالپڻي جي صورتحال. ان حوالي سان هڪ مثال ڏيڻ چاهيندس. 4 جولاءِ 1995ع تي “ڊان” اخبار ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جو هڪ خط ڇپيو جيڪو هن انگلينڊ، هالينڊ ۽ ٻين ملڪن جي دؤري ڪانپوءِ واپسيءَ تي لکيو. خط ۾ شاهہ صاحب هڪ جملو لکيو تہ:

“On Account of Urdu, we lost East Pakistan”

يعني: (اردوءَ جي ڪري اسان اوڀر پاڪستان وڃايو). شاهہ صاحب جملو ڇا لکيو، ڊان جهڙي معتبر اخبار ۾ نہ کُٽندڙ بحث ڇڙي پيو. ايم شفيق احمد، ڊاڪٽر ايم بي اعظمي، سيد اشفاق حسين رضوي ۽ سيد جعفر حسين جهڙن اردو ڳالهائيندڙ دانشورن ان جي جواب ۾ خط لکيا ۽ سخت احتجاج ڪيو. جڏهن تہ شاهہ جي ڳالهہ بہ درست هئي پر معلوم ٿيو تہ اردو دانشور پنهنجي ٻوليءَ ۽ مفاد جي باري ۾ ڪيڏا نہ محتاط آهن ۽ هو غلط تہ نهيو پر جي ڪو ماڻهو سندن “مفادن” خلاف ڪا درست ڳالهہ بہ ڪري ٿو تڏهن بہ هو ان کي برداشت ۽ بخش نہ ٿا ڪن. ٻئي طرف اسان جي ماڻهن جو هيءُ حال آهي جو جيڪڏهن چار سڄاڻ ماڻهو قومي مفادن ۾ ڪو قدم کڻن ٿا تہ بہ “فاضل” مضمون نگار جهڙن ليکڪن جا لشڪر مٿن

جهلون وجهڻ لاءِ آتا وينا آهن. مختصراً اهو ته اسان جو ليڪ اهو چاهي ٿو ته ايم ڪيو ايم کي اهو پروانو ڏئي ڇڏجي ته اها جيئن وڻي تيئن سنڌ ۽ سنڌين جي حقن کي مالِ غنيمت سمجهي لُٽيندي رهي ۽ ان جي خلاف ٿوري به مزاحمت ڪبي ته اها ايم ڪيو ايم جي شان ۾ گستاخي ۽ "موقعي پرستي" ٿيندي.

(ت) بحث هيٺ مضمون جو ٽيون نقطو هيءُ آهي ته سنڌي دانشور سنڌي عوام بدران اسٽيبلشمينٽ ۽ اسلام آباد جو ڪيس وڙهي رهيا آهن. مضمون نگار لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم جو وجود سنڌ ۾ ڪيترين ئي سماجي ۽ سياسي براين واري دائري ۾ رکي سگهجي ٿو پر ايم ڪيو ايم کي بهانو بڻائي جڏهن مرڪز وٽ سنڌي ماڻهن جو ڪيس رکڻ بدران فقط ايم ڪيو ايم تي تنقيد ڪئي وڃي، تڏهن طعنن کي تمغا سمجهندڙ ماڻهو سوچي رهيا آهن ته "سنڌي دانشور ڪنهن جو ڪيس وڙهي رهيا آهن؟"

هتي به ساڳي هوائي ۽ هوا ۾ لٽيل هڻڻ واري ڳالهه ڪئي وئي آهي. ليکڪ ماڻهن بدران اسٽيبلشمينٽ ۽ اسلام آباد جي مفادن جو پوراءُ ڪري رهيو آهي؟ مون کي لڳي ٿو ته ليکڪ ٿوري ايمانداريءَ ۽ فضليت جو مظاهرو ڪري ها ته جيڪر ايئن ڪڏهن به نه لکي ها. "سنڌ ڪيس" جو اصل ۽ بنيادي نقطو ئي اهو آهي ته پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ مهاجرن سان نه پر اصل ظلم ٿيو ئي سنڌين سان آهي. ان لحاظ کان رياست سنڌي ماڻهن جي مجرم آهي، جو اها نه رڳو سنڌين جي تاريخي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي بلڪ اها ان لاءِ بنيادي طور ذميوار به آهي ۽ ان کي ئي دراصل ان جو حساب ڪرڻو آهي. مان سمجهان ٿو ته جي اهڙو موقف اختيار ڪرڻ سان به اسٽيبلشمينٽ ۽ اسلام آباد راضي ٿين ٿا ۽ سندن مفادن جو پوراءُ ٿئي ٿو ته پوءِ اسان کي وڏيڪ عرصو اسٽيبلشمينٽ جو مخالف نه رهڻ گهرجي.

(ج) ليکڪ جو آخري نقطو هيءُ آهي ته ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي جهيڙي ۾ سنڌي ماڻهن کي اڻ ڌريو رهڻ گهرجي.

"...... ڇو ته هن وقت ايم ڪيو ايم ڪمزور آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ به دٻاءُ هيٺ آهي، جيڪڏهن سنڌي دانشور ايم ڪيو ايم ۽ اسلام آباد وچ ۾ ڪنهن هڪ ڌر جو ساٿ ڏيڻ بدران پاڻ ٽئين ڌر بڻجي مرڪز وٽ سنڌ جو ڪيس پيش ڪن ته جيڪر سنڌي ماڻهن جي حالتن ۾ سني تبديليءَ جو امڪان پيدا ٿي پوي پر جيئن ته اهو ڪم نه فقط سنو آهي پر ان ۾ رسڪ جو فيڪٽر به موجود آهي، ان ڪري

سنڌي دانشور ان قسم جو ڪوبہ قدم کڻڻ کان لنوائي رهيا آهن.....

..... جيڪڏهن دانشور ٿوري دير صبر کان ڪم وٺي، ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي وچ واري جهيڙي ۾ پنهنجي اسٽيبلشمينٽ جا هٿ مضبوط ڪرڻ بدران سنڌ جي ماڻهن جي سورن جا داستان بيان ڪري، سنڌ جي بيروزگارن، مظلوم هارين، غريب پورهيتن ۽ ڏکي زندگي گذاريندڙ بين پورهيتن لاءِ اسلام آباد ۾ صداءِ حق بلند ڪرڻ جي حيثيت ۾ اچي وڃي ۽ جيڪڏهن سنڌ هڪ دفعو پنهنجن پيرن تي بيهي رهي تہ پوءِ ايم ڪيو ايم جو مسئلو آسانيءَ سان حل ڪري سگهجي ٿو ان ڪري سنڌي دانشور کي ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۾ سرڪار جو ساٿ ڏئي، پنهنجن قومي مفادن جي پيرن تي ڪهاڙو نہ هڻڻ گهرجي.“

سپ کان پهرين ڳالهہ تہ ليکڪ اهو ڪيئن طئي ڪري ڇڏيو تہ سنڌي دانشور سرڪار ۽ اسٽيبلشمينٽ جو ساٿ ڏئي رهيا آهن. سنڌ ڪيس جي متن ۾ تہ هڪ سٽ بہ اهڙي ناهي جنهن ۾ اهو تاثر ملي يا اهڙيءَ ڪنهن روش جو اشارو بہ ملي. هيءَ پنهنجي طرفان ڪنهن تي بہ بي بنياد الزام هڻي وري ان تي نڪ جي پڪائيءَ سان بحث ڪرڻ واري ڳالهہ آهي. ليکڪ جي ان ڳالهہ مان تہ اهو شڪ ايئن وڏيڪ پڪ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو تہ هن سنڌ ڪيس جو مڪمل متن پڙهڻ جي تڪليف بہ گوارا نہ ڪئي آهي، نہ تہ اهڙي ڳالهہ ڪندي کيس پاڻ کي بہ ٿوري لڄ اچي ها. حڪومت تہ سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجو ڪيس پاڻ وڙهي رهي آهي، ٽئين ڌر سنڌ ڊيموڪريٽس طرفان ڪيس داخل ڪرڻ جو مطلب ئي اهو آهي تہ اسان ٻنهي ڌرين کي سنڌ بابت ڳالهائڻ ۽ ڪوبہ فيصلو ڪرڻ جو اهل ۽ مجاز نہ ٿا سمجهون. ان مان اهو مطلب ڪيئن ٿو ڪڍي سگهجي تہ سنڌي دانشور اسلام آباد جي حمايت ڪري رهيا آهن. ٻي ڳالهہ تہ اهو چوڻ سراسر غلط آهي تہ هي جهيڙو ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي وچ ۾ آهي، اسان جو ان ۾ ڪجهہ بہ نہ وڃي. ايم ڪيو ايم کي بہ رياستي ايجنسين ۽ اسٽيبلشمينٽ ئي پالي تاتي وڏو ڪيو آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻي منجهن ڪجهہ جزوي اختلاف پيدا ٿي پيا آهن. سندن اصل جهيڙو آهي ئي سنڌ ۽ ان جي وسيلن کي ڦٻائڻ تي. اهڙي معاملي ۾ سنڌي ماڻهو ۽ سندن سجاڳ ادارا توڙي فرد آخر ڪهڙيءَ طرح لاتعلق رهي سگهن ٿا؟ سچو جهيڙو آهي ڇا تي؟ آخر هيءَ سڄي بازار ڪنهن جي پُٺي لُٽجي؟ ان تي ضرور سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي.

(روزانہ ڪاوش حيدرآباد، سيپٽمبر 1995ع)

# پ پ – ايم ڪيو ايم ٽاهه جا نقطا پڌرا ڪيا وڃن!

دهشتگرديءَ جي هڪ ڊگهي دؤر کان پوءِ نيٺ ايم ڪيو ايم، پ پ پ حڪومت کي پنهنجن ئي شرطن تي ۽ صرف پنهنجا مطالبا مڃرائڻ واسطي مذاڪرات جي ٽيبل تي ويهارڻ ۾ ڪامياب وئي، حڪومت ان ٽاهه کي پيل ته پنهنجي ڪاميابي قرار ڏئي پر حقيقت ۾ اها ڪاميابي ايم ڪيو ايم جي آهي. ان کان وڏيڪ سندن ڪاميابيءَ جو ٻيو ڪهڙو دليل ٿيندو جو هيتري دهشتگردي ڪرڻ باوجود ساڻن مذاڪرات ۾ حڪومت جو رويو دفاعي ۽ صفايون پيش ڪرڻ وارو هو. جڏهن ته ايم ڪيو ايم جو رويو جارحانه ۽ شدت پسند هو. هنن ڳالهين ٻولهين کان اڳ ايم ڪيو ايم باقاعده هڪ سياسي ۽ سفارشي مهم هلائي ۽ اهڙو تاثر ڏنو ڇڻ ته حڪومت جي ساڻن ٽاهه نه ڪيو ته ان جو سنڌ ۾ حڪومت ڪرڻ

لڳ ڀڳ ناممڪن آهي، يعني ان ڪان وڌيڪ ڪنهن حڪومت جي ڪمزوريءَ جو ٻيو ڪهڙو دليل ٿي سگهي ٿو ته مذاڪرات ڪان فقط ٻه ڏينهن اڳ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ شعيب بخاري سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تي اها دعويٰ ڪئي ته جي حڪومت ايم ڪيو ايم سان ڳالهيون نه ڪيون ته سنڌ ۾ امن ڪڏهن به قائم ٿي نه سگهندو. شعيب بخاريءَ جي ان دعويٰ ۽ بيان جو ان ڪان سواءِ ٻيو ڪهڙو مطلب ٿي سگهي ٿو ته ڪراچيءَ ۾ اها سموري دهشتگردي هو ڪري رهيا آهن ۽ جي حڪومت ساڻن ۽ سندن مرضيءَ موجب ناهه نه ڪيو ته ڪراچيءَ ۾ امن جو قيام ممڪن ٿي نه سگهندو. پر حڪومت ان بيان جو ڪوبه نوٽيس نه ورتو ۽ نيٺ ايئن ئي ٿيو جيئن ايم ڪيو ايم پئي چاهيو. اعتراض ان تي ناهي ته حڪومت ڪي ايم ڪيو ايم سان ڳالهيون نه ڪرڻ ڪپن ها پر اعتراض جوڳي ڳالهه فقط اها آهي ته انهن جي شڪل ۽ بنياد اهو نه هجڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم يا ڪنهن ٻيءَ ڌر سان جائز بنيادن تي عوامي مفادن پٽاندڙ مذاڪرات ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر جيڪا روايت هيئنر پئجي رهي آهي اها درست ناهي. ان جو مطلب ٿيو ته حڪومت وٽ فقط انهن ڌرين جي اهميت آهي يا اها فقط انهن ڌرين سان ڳالهيون ڪري سگهي ٿي، جيڪا دهشتگرديءَ جي بازار گرم ڪري ۽ بليڪ ميلنگ جهڙا ڪارڻ استعمال ڪري. اجان به بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته آخر پ پ پ، ايم ڪيو ايم کي حڪومت ۾ شامل ڪري ته ڇو ڪري؟ پ پ پ وٽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جي قطعي اڪثريت آهي ۽ اها اڪيلي سر سنڌ ۾ حڪومت ڪرڻ جي مجاز آهي. رهي ڳالهه ڪراچيءَ جي ترقياتي ڪمن جي ته هڪ ته ڪراچيءَ مان ايم ڪيو ايم جا چونڊيل نمائندا مخالف ڌر ۾ ويهي به سٺو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته خود حڪومت ڪراچي پيڪيج جي نالي ۾ ڪراچيءَ جي ترقياتي اسڪيمن لاءِ هڪ نهايت وڏي رقم مختص ڪئي آهي. تازو محترمه بينظير ڀٽو خود به اعلان ڪيو آهي ته ڪراچيءَ جي هر ضلعي جي ترقي ۽ بهبود لاءِ ڪراچي پيڪيج ۾ 25 ڪروڙ مختص ڪيا ويا آهن. ان ڪري ايم ڪيو ايم جي اها واويلا ته ان کي حڪومت ۾ نمائندگي نه ٿي ڏني وڃي، ڪنهن طرح به درست ناهي. ڇا ضروري آهي ته ايم ڪيو ايم هر دؤر ۾ حڪومت ۾ هجي؟ ڇا ايم ڪيو ايم مخالف ڌر ۾ ويهي ڪراچيءَ جي عوام لاءِ دهشتگرديءَ کانسواءِ ڪوبه مثبت ڪردار ادا نه ٿي ڪري سگهي؟ ان ڪري هڪ ته ان ناهه جو اُصولي طرح بنياد ئي غلط آهي. ٻيو اهم نقطو هيءَ آهي ته آخر اهي ڪهڙا مطالبا آهن جن جي مڃجڻ

ڪان پوءِ ايم ڪيو ايم حڪومت سان ناهه لاءِ راضي ٿي وئي آهي. اخبارن ۾ آيو آهي ته ايم ڪيو ايم مذاڪرات لاءِ ايجنڊا طور ڏهه مطالبا لکيا هئا ۽ حڪومت اهي سمورا مطالبا تسليم ڪري ورتا آهن. نه رڳو تسليم ٿيا آهن پر انهن تي عملدرآمد به شروع ٿي چڪو آهي. محترمه بينظير ڀٽو صاحبه خود به اهڙو اعلان ڪيو آهي. ان ڪري سوال آهي ته آخر اهي مطالبا ڪهڙا آهن ۽ ڪٿي اهي اُصولي طرح قانون، انصاف ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن جي نفيءَ ۾ ته ناهن. حڪومت کي چاڪاڻ ته عوام چونڊيو آهي ۽ اقتدار تائين به عوام جي ڪري پهتا آهن، ان لاءِ اها پابند آهي ته اها ڪنهن به ڌر سان جيڪو به معاهدو يا ناهه ڪري ٿي ته اهو پڌرو ڪيو وڃي ۽ اهو ڪنهن به صورت ۾ مخفي نه رکيو وڃي ته جيئن حڪومت کي مينڊيٽ ڏيندڙ عوام اهو ڏسي ۽ پروڙي سگهي ته ڪٿي سندن مفادن جو سودو ته نه ڪيو ويو آهي. چيو ٿو وڃي ته انهن مان هڪ اهم مطالبو ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن مٿان ڪيسن جي خاتمي ۽ سندن آزاديءَ جو آهي ۽ اخباري اطلاعن موجب وڏن ڪيسن کي ڇڏي حڪومت باقي ڪيس معاف ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هڪ طرف حڪومت پاران ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن کي آزاد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي، ٻئي طرف سنڌ جا نوجوان، قومي ڪارڪن بنا ڪنهن واضح الزام يا ڏوهه جي ثابتيءَ جي سنڌ جي جيلن ۾ ناحق سڙي رهيا آهن، پر حڪومت سندن سار لهڻ ته ٺهيو پر رڳو سندن ڪيسن کي عام عدالتن ۾ هلائڻ لاءِ به تيار ناهي. جنهن جو واضح مثال ترقي پسند پارٽيءَ جي ڊاڪٽر دودي مهيري ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ بشير قريشيءَ جا ڪيس آهن، نه انهن تي الزامن کي ڪورٽن ۾ ثابت ڪيو وڃي ٿو ۽ نه ڪين پنهنجي بي گناهي ثابت ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو. ان ڪري حڪومت جا اهي ٻٽا معيار ڇا ٿا واضح ڪن؟ ڇا ان سان اهو واضح ٿي نه رهيو آهي ته هن ملڪ ۾ ٻيو ته ٺهيو پر خود پ پ پ جهڙي جمهوريت جي دعويدار پارٽيءَ آڏو به رڳو انهن جي اهميت آهي جيڪي جمهوري فضيلتن ۽ آئيني طريقن بجاءِ دهشتگرديءَ، بليڪ ميلنگ ۽ ڌڦڙ دونس کي پنهنجو شعار بڻائين ٿا. ان ڪري حڪومت کي اهي سمورا مطالبا پڌرا ڪرڻ گهرجن، جن جي تسليم ٿيڻ ڪان پوءِ ايم ڪيو ايم حڪومت سان ناهه لاءِ تيار ٿي وئي آهي.

(هفتيوار سنڌو، حيدرآباد – 1 جنوري 1995ع)

# حڪومت – ايم ڪيو ايم ڇڪتاڻ:
# سنڌ جو ڇا ٿيندو......؟؟؟

سنڌ جي شهرن جي صورتحال بدستور ساڳي آهي بلڪ هاڻي ته دهشتگرديءَ جا واقعا سنڌ جي بين اهڙن ننڍين ننڍين شهرن ۾ پڻ ٿي رهيا آهن جتي سياسي طرح ايم ڪيو ايم جو اثر آهي. اخباري اطلاع ۾ ايم ڪيو ايم جا رويا ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ڏينهون ڏينهن حالتون وڌيڪ خراب ۽ سنگين ٿي رهيون آهن. ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سماجي زندگي جڻ ته هڪ عرصي کان بلڪل مفلوج آهي. هڪ طرف ماڻهن ۾ هڪ چڱي وقت کان ٿيندڙ دهشتگرديءَ سبب سخت ڌهڪاءُ، خوف ۽ ڪاوڙ آهي ته ٻئي طرف غير يقينيت، امن امان جي قيام بابت حڪومت جي بار بار ٿيندڙ اعلانن تي هاڻي ماڻهن جو ڪوبه ويساهه نه رهيو آهي ۽ چئي نٿو سگهجي ته ايندڙ وقت ۾ حالتون اڃان ڪيترو وڌيڪ خراب، غير محفوظ ۽ غير يقينيت جو شڪار رهنديون. ان ڳالهه جو به ڪو امڪان نظر نٿو اچي ته ڪو حڪومت ـ ايم ڪيو ايم ڇڪتاڻ ڪنهن مثبت منطقي نتيجي تي

پهچندي. بهرحال حڪومت ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪردار جو الڳ الڳ جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪجهه نتيجا ضرور ڪڍي سگهجن ٿا، سڀ ڪان اڳ ايم ڪيو ايم جو جائزو ٿا وٺون.

اها ڳالهه ته بلڪل واضح آهي ته ايم ڪيو ايم پهرين ڏينهن کان پ پ جي حڪومت کي دل سان تسليم نه ڪيو آهي، ان جا ڪجهه سبب آهن. هڪ ته الائجي ڇو جڏهن به پ پ اقتدار ۾ ايندي آهي تڏهن عام تاثر اهو هوندو آهي ته ملڪ تي سنڌين جي حڪمراني قائم ٿي وئي آهي، جڏهن ته حقيقت ان جي بلڪل اُبتڙ هوندي آهي. اهو صحيح آهي ته پ پ کي گذريل پنجويهن سالن کان سنڌ جو اڪثريتي مينڊيٽ حاصل ٿيئي رهيو آهي ۽ ان جي قيادت ۾ سنڌي عنصر گهڻو آهي پر ان ڳالهه جو قطعي طور اهو مطلب ناهي ته ڪو پ پ مڪمل طور سنڌي عوام جي قومي مفادن جي محافظ ۽ ترجمان پارٽي آهي، نه پ پ ڪڏهن اهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ نه ان ڪڏهن پاڻ کي سنڌي ماڻهن سميت ملڪ جي مظلوم قومن جي عوام جي قومي حقن جو علمبردار سمجهيو آهي. پ پ ته ماڳهين نام نهاد "پاڪستاني قوم" جي تصور جو پرچار ڪندي ملڪ ۾ موجود قوميتن جي الڳ وجود جو ئي انڪار ڪندي رهي آهي پر پوءِ به اها هڪ عجيب ۽ تلخ حقيقت آهي ته پ پ کي اردو ڳالهائيندڙ ۽ پنجابي حڪمران طبقو سنڌ جي قومي پارٽي سمجهندو رهيو آهي. سو پ پ جي موجوده حڪومت سان ايم ڪيو ايم جي دشمنيءَ جو هڪ بنيادي سبب ته اهو آهي. جيتوڻيڪ موجوده دهشتگرديءَ جا ٻيا به سبب آهن پر ايم ڪيو ايم جي پ پ حڪومت کان ذهني نفرت جو هڪ نفسياتي سبب اهو به آهي. هي ته ڪٽي ايم ڪيو ايم آهي پر جنهن به سياسي پارٽيءَ ۾ اڪثريت اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي رهي آهي ان جو شروع کان پ پ ڏانهن اهڙو رويو رهيو آهي. جنهن زماني ۾ ايم ڪيو ايم جو وجود نه هو ۽ سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جا نمائنده سياسي فورم جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ پاڪستان جهڙيون پارٽيون هونديون هيون، تنهن زماني ۾ به سندن رويو پ پ ڏانهن نفرت ڀريو هوندو هو. سو هڪ ته ان پس منظر سبب ايم ڪيو ايم طرفان حڪومت کي تسليم ئي نه ڪيو ويو آهي.

ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ايم ڪيو ايم طرفان ٿيندڙ دهشتگرديءَ جو ٻيو سبب حڪومت خلاف هڪ نفسياتي دٻاءُ پيدا ڪرڻ آهي ته جيئن اها بليڪ ميل ٿي سندن ناجائز ۽ سنڌ دشمن مطالبن آڏو سرنگون

ٿئي. اها ڳالهہ ان حقيقت مان بہ واضح ٿئي ٿي تہ ايم ڪيو ايم جي قيادت بار بار اهو چوندي رهي آهي تہ جيستائين حڪومت ساڻن ڳالهيون نہ ڪندي ۽ سندن مطالبا نہ مڃيندي تيسين سنڌ ۾ امن جو قيام نہ ٿيندو. اها ڳالهہ اڻ سڌيءَ طرح ايم ڪيو ايم طرفان اهو اعتراف ڪرڻ جي مترادف آهي تہ هيءَ سموري دهشتگردي ايم ڪيو ايم ئي ڪري رهي آهي. ايم ڪيو ايم جي اها حڪمت عملي يقينن گهڻيءَ حد تائين ڪامياب وڃي ها جيڪڏهن ملڪ جون حالتون اڄ جيان بدليل نہ هجن ها. هڪ تہ ڪنهن حد تائين پ پ جي حڪومت بہ پنهنجي ماضيءَ جي تجربي مان ڪجهہ سکيو آهي ۽ اها ايم ڪيو ايم کي اڳ جيان بليڪ ميلنگ جي بنياد تي ناجائز مراعتون ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، ٻيو تہ اسٽيبلشمينٽ بہ هاڻي ايم ڪيو ايم ڏانهن وقتي طور رويا تبديل ڪيا آهن. ان جا بہ خاص طور تي ٻہ سبب آهن. هڪ تہ هاڻي اها ڳالهہ واضح ٿي وئي آهي تہ ايم ڪيو ايم جا هندستان سان لاڳاپا آهن ۽ اها باقاعده هندستان سان ڪنهن معاهدي تحت سنڌ جي شهرن ۾ اهو تاثر ڏيڻ لاءِ دهشتگردي ڪري رهي آهي تہ پاڪستان ۾ اندروني طرح ڪو استحڪام نہ آهي. چيو وڃي ٿو تہ حڪومت توڙي فوج وٽ اهڙيون رپورٽون ۽ ٺوس دستاويزي ثبوت موجود آهن. جن مان ايم ڪيو ايم ۽ هندستان جي لاڳاپن جو ڏس ملي ٿو. ان کان علاوه ملٽري جي رويي ۾ وقتي تبديليءَ جو ٻيو سبب اهو آهي تہ فوج اهو سمجهي ٿي تہ هٿياربند قوت ذريعي سياڻي فوج لاءِ بہ ڪو وڏو خطرو پيدا ڪري سگهي ٿي. اصل ۾ فطرت پنهنجو ڪم ڪندي رهي ٿي. اها ڪيڏي نہ عجيب صورتحال آهي جو ايجنسين جنهن تنظيم کي سنڌي ماڻهن جي قومي جمهوري جدوجهد کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو اها اڄ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن کي ڇيهو رسائڻ سان گڏ حڪومت ۽ ايجنسيون تہ ٺهيو پر خود فوج ۽ رياست کي بہ اکيون ڏيکاري رهي آهي ۽ سندن لاءِ بہ خطرو بڻجي رهي آهي.

جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم ۽ عام اردو ڳالهائيندڙ بہ مختلف ۽ الڳ الڳ شيون آهن. اهو صحيح آهي تہ ايم ڪيو ايم کي عام اردو ڳالهائيندڙ جي سياسي حمايت گهڻي حد تائين حاصل آهي پر پوءِ بہ ان کي عام اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي وسيع تر مفادن جي ترجمان پارٽي سڌي نٿو سگهجي. بلڪل ايئن جيئن پ پ پ کي عام سنڌي ماڻهو تہ ووٽ ڏئي ٿو پر پ پ ۽ سنڌي ماڻهن جا مفاد بہ الڳ الڳ شيون آهن. اهو صحيح آهي تہ ايم ڪيو ايم ۽ عام اردو ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کي هڪ شيءِ سڏي نٿو سگهجي پر موجوده Crisis جو هڪ تاريخي Politicio_

Economic پس منظر بہ آهي. اصل ۾ جڏهن پاڪستان ٺهيو ۽ لڏپلاڻ ٿي تہ وڏا حادثا ٿيا ۽ انهن جا تاريخي طور غير معمولي اثر مرتب ٿيا. بلوچستان ۽ سرحد تہ هوندئن ئي پنجاب ۽ سنڌ جي پيٽ ۾ گهٽ پنتي هئا. سنڌ ۾ جيڪو بہ پڙهيل لکيل وچون طبقو هو يا سماجي طور باشعور ۽ سگهارو طبقو هو اهو هڪ ڏک سان هندستان لڏايو ويو. نتيجي طور سنڌي سماج جي چيلهہ ڇڄي ٿي وئي، ڇو تہ سنڌي مسلمان تہ سخت پسمانده هئا ۽ سنڌي وڏيرو ايترو جاهل، خود پرست ۽ موقعي پرست هو جو هو پنهنجي طبقاتي ۽ ذاتي مفادن جي نڪ کان اڳتي ڏسي نٿي سگهيو هن کي پنهنجي اجتماعي قومي مفادن جو ڪو شعور نہ هو. پنجاب ۾ بہ ملٽري بيورو ڪريسي تہ تمام گهٽ هئي پر سول بيورو ڪريسيءَ ۾ اتي بہ افرادي قوت گهٽ هئي. جڏهن تہ ٻئي طرف هندستان مان جيڪي مسلمان پناهگير ٿي آيا، هڪ تہ اهي شهري ماڻهو (Urban) هئا، ٻيو هي سماجي ۽ ذهني طور گهڻو اُسريل هئا. ٽيون تہ پاڪستان جي ٺهڻ شرط اقتدار لياقت علي خان کي ملي ويو. انهن سمورن Factors سبب مهاجر زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پنهنجي آباديءَ جي تناسب جي حساب سان تمام گهڻو اڳتي اچي ويا. ان ڳالهہ جو اندازو ان حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڪستان جي قيام کان پوءِ ملڪ جي سول بيورو ڪريسيءَ ۾ ستر سيڪڙو مهاجر هئا پر وقت گذرڻ سان حالتون تبديل ٿيڻ لڳيون. ايوب خان جي دؤر ۾ ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ کان ڦيرائي اسلام آباد ڪيو ويو. ٻيو تہ سنڌي، بلوچ، پٺاڻ، سرائيڪي ۽ ٻيا عنصر بہ آهستي آهستي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ داخل ٿيڻ لڳا. واپار، صنعت، نوڪرين ۾ انهن کي ٿورو گهڻو حصو ملڻ لڳو ۽ اها صورتحال آهستي آهستي وقت جي حساب سان وڌندي وئي، نتيجي ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو اڳ جي پيٽ ۾ سمورن شعبن ۾ اهو تناسب نہ رهيو ۽ هنن ايئن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو تہ اها سندن حق تلفي ٿي رهي آهي، يعني پاڪستان جي مخصوص حالتن سبب کين جيڪي مراعتون حاصل هيون، اهي جڏهن گهٽ ٿيڻ لڳيون تڏهن هنن ان کي پنهنجي حق تلفي سمجهڻ شروع ڪيو. ان ڪري هن سڄي Crisis جو هڪ Politicio Economic سبب اهو بہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ سان گڏ اردو ڳالهائيندڙ دانشور بہ اهو آواز اُڀاري رهيا آهن تہ سندن مهاجرن جا حق ماريا پيا وڃن. اهو صحيح آهي تہ سڄي ملڪ جيان بيروزگاري ۽ ٻيا مسئلا اردو ڳالهائيندڙ عوام سان بہ آهن ۽ اهي حل ٿيڻ گهرجن، پر حقيقت اها

آهي تہ ان جي باوجود اڄ بہ ڪين پنهنجي آباديءَ جي تناسب جي لحاظ کان زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ وڏيڪ حصو مليل آهي. جيتري قدر موجوده دهشتگردي ۽ حڪومت جي رويي جو سوال آهي تہ جيتوڻيڪ اها دهشتگردي تہ ڪا نئين ڳالهہ ناهي پر البتہ حڪومت جو ان معاملي تي اختيار ڪيل موقف ضرور هڪ نئين ۽ وڏي تبديلي آهي. موجوده حڪومت پهريون دفعو ان حد تائين ايم ڪيو ايم کي Expose ڪيو آهي ۽ ان کي ڪليل ۽ واضح نموني دهشتگرد تنظيم طور پڌرو ڪيو آهي. اصل ۾ حڪومت جي ان رويي مان لڳي ٿو تہ ملڪ جي فوج ۽ طاقتور ايجنسين بہ ايم ڪيو ايم ڏانهن جزوي ۽ وقتي طور پنهنجو رويو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن کان فوج کي اها خبر پئي آهي تہ ايم ڪيو ايم باقاعده هندستان جي ايجنٽ جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي تڏهن کان هنن ايم ڪيو ايم کي پنهنجي لاءِ سخت خطرو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ حڪومت جي رويي ۾ تبديليءَ جو بنيادي سبب بہ اهو آهي. ان حوالي سان مان سنڌ جي ڪجهہ قومپرست حلقن جي موقف تي بہ پنهنجي راءِ ڏيڻ چاهيندس. مثلاً تازو آريسر صاحب ۽ عزيز الله ٻوهيي پنهنجن بيانن ۾ اها ڳالهہ چئي آهي تہ پنجاب سنڌ کي ورهائڻ چاهي ٿو ۽ ايم ڪيو ايم سندن هٿن ۾ کيڏي رهي آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ جي قومپرستن کي بدليل حالتن کي نظر ۾ رکي، انهن جي Study ڪري پنهنجي روايتي موقف تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. پنجاب تي ڀيو ڪٽي کهڙو بہ الزام هڻجي پر ان تي موجوده حالتن ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي سازش جو الزام نٿو هڻي سگهجي، ڇو تہ اسان جي مفادن جي حوالي سان نہ بہ ڪٽي پر اهو تہ سندن مفاد ۾ بہ ناهي. هڪ تہ ڪراچي پاڪستان جو نيول هيڊ ڪوارٽر آهي. پنجاب اهو ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ جيڪو شهر صنعت، بندرگاهہ ۽ Navigation جي لحاظ سان بين الاقوامي اهميت جو هجي، اهو ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪري ڇڏجي. اهو تہ سندن مفاد ۾ بہ ناهي. فرض ڪجي تہ جي سپاٽي ڪراچي سنڌ کان الڳ ٿي ٿئي تہ ظاهر آهي تہ ان جي پنهنجي الڳ اسيمبلي هوندي ۽ ان ۾ قطعي اڪثريت بہ اردو ڳالهائيندڙن جي هوندي. فرض ڪجي تہ جي اهڙي صورتحال هجي تہ ڇا ايم ڪيو ايم پنجاب کي ڪراچيءَ ۾ گهڙڻ بہ ڏيندي. پنجاب اهو ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ سنڌ ٻہ حصا ٿئي. ان ڪري اها ڳالهہ ڪرڻ سياسي طرح هڪ ڪمزور ۽ وائڙي ڳالهہ آهي، ها باقي پنجاب اهو ضرور چاهيندو تہ سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جا پاڻ ۾ مستقل اختلاف ۽ نفرتون

رهن ته جيئن سنڌ يا پوري ملڪ تي پنجاب جي بالادستيءَ جو سوال شدت سان نه اُڀري. ان ڪري اسان کي اهو ضرور خيال ڪرڻ گهرجي ته ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد ۽ سنڌ دشمن ڪردار ۽ عام اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ وقت محتاط رهجي. ايم ڪيو ايم کي عام اردو ڳالهائيندڙ عوام کان ڌار ڪري سندس ڪردار کي وائکو ڪجي.

هن وقت جيڪا صورتحال آهي، ان ۾ ته في الحال موجوده بحران جو بظاهر ڪوبه حل نڪرندو نظر نٿو اچي. حڪومت زباني طرح ته سٺو Stand وٺي رهي آهي پر اها عملاً ڪو نتيجو ڏيکاري نه سگهي آهي ۽ جيڪڏهن اها صورتحال گهڻو وقت ايئن هلي ته شايد حڪومت جي ڳالهين جو ڪوبه اثر نه رهي. ان حوالي سان هڪ ٻي ڳالهه تي به سوچڻ گهرجي ۽ اها هيءَ ته پ پ پ هڪ سياسي پارٽي آهي، جيڪا هن وقت حڪمران به آهي. في الحال ته اها سٺو موقف اختيار ڪري هڪ مضبوط Stand وٺي بيٺي آهي پر هن ملڪ جو سياسي ڪلچر اهڙو آهي جو ان تي ڪنهن طور به اعتبار نٿو ڪري سگهجي. منهنجي ذاتي راءِ آهي ته جي اندر ئي اندر ايم ڪيو ايم ۽ فوج وچ ۾ ڪا Understanding پيدا ٿي وئي ته حڪومت 180 ڊگرين جو ڦيرو ڪائي پنهنجو موقف تبديل ڪرڻ ۾ دير نه ڪندي. ان ڪري حڪومت جا وڏا وڏا بيان ڏسي گهڻو خوش فهميءَ جو شڪار به نه ٿيڻ گهرجي. حڪومت کان ٻاهر وينل سمورن سنڌ دوست تنظيمن، ادارن ۽ فردن کي اهو سوچڻ گهرجي ته جي اهڙي امڪاني صورتحال پيدا ٿي وڃي ته پوءِ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ ڇو ته اسان جي سامهون بنيادي سوال پ پ پ حڪومت جي بقا جو نه پر سنڌ جي وحدت ۽ بقا جو آهي.

(پندرهن روزه عبرت ميگزين – 15 جون 1995ع)

# سنڌ جا مفاد:
# ايم ڪيو ايم جو ڪردار

### عبرت پئنل: جامي چانڊيو، لالا رحمان سمون، جئه پرڪاش، شبير نظاماڻي ۽ سرفراز وسطڙو

جامي چانڊيو: مان توهان سمورن دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن هن اجوڪي فورم ۾ شريڪ ٿي اسان جي ڪوٺ کي مان ڏنو آهي. مان سمجهان ٿو ته اجوڪي فورم ۽ ان ۾ ٿيندڙ بحث مباحثي جي وڏي اهميت آهي. اڄ نه رڳو پاڪستان پنهنجي تاريخ جي عجيب دؤر مان گذري رهيو آهي، پر سنڌ نهايت نازڪ دؤر مان پئي گذري. ضرورت آهي ته سمورن بنيادي مسئلن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو وڃي. اڄ جي موضوع جي به وڏي اهميت آهي. پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي اتحاد پونم ۾ متحده جي امڪاني شموليت جي سوال تي سنڌ ۾ وڏي پئماني تي بحث مباحثو هلي رهيو آهي. ان حوالي سان نه رڳو ايم ڪيو ايم جي ماضي، حال ۽ مستقبل بابت بحث مباحثو ٿي رهيو آهي، پر خود سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي تضادن، مسئلن ۽ اتحاد جي امڪاني صورت تي به ڳالهه ٻولهه ٿي رهي آهي. اسان چاڪاڻ ته سول سوسائٽيءَ جو هڪ فورم آهيون ۽ ان جي نمائندگي ڪريون ٿا، ان ڪري اسان جو مقصد اهو ئي آهي ته هن مسئلي تي اسان جي ليڊرشپ ۽

سجاڻ ماڻھو ڪليل طريقي سان ڳالھہ ٻولھہ ۽ ڊائلاگ ڪن. ان ڏس ۾ ھن فورم جي چڱي ڳالھہ اھا آھي تہ خود متحده جي ليڊرشپ مان آفتاب شيخ صاحب شريڪ ٿيو آھي. اسان ان اُميد تي ڳالھہ ٻولھہ جو آغاز ڪريون ٿا تہ ھي فورم ضرور ھن معاملي جي سنجيدگيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪندو.

سڀ کان پھرين مان متحده جي اڳواڻ آفتاب شيخ کي ڳالھائڻ جي دعوت ڏيان ٿو اھا ڳالھہ واضح ڪندو ھلان تہ سنڌ جي عوام کي يقينن متحده بابت نہ رڳو ماضيءَ ۾ شڪايتون ۽ خطرا درپيش رھيا آھن پر اھا صورتحال بدستور موجود آھي. جيتوڻيڪ متحده جي قيادت جا بيان ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ بظاھر مختلف اچي رھيا آھن. پر سنڌ جو عوام توھان کي ٻڌڻ چاھي ٿو تہ توھان جو ھاڻي مھاجر قوميت جي سوال بابت ڇا رويو آھي ۽ سنڌ کي ٻن قومن ۽ ٻن ٻولين جو صوبو تسليم ڪرڻ جي نظريي تي ايم ڪيو ايم بدستور قائم آھي يا نہ؟ يا ٻھارين جو مسئلو آھي. ڪوٽا سسٽم جو مسئلو آھي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھہ تہ سنڌ جي ورھاڱي بابت ايم ڪيو ايم جي رويي بابت توھان جو ڇا چوڻ آھي؟ انھن سمورن سوالن بابت اوھان پنھنجي پارٽيءَ جو موقف ٻڌايو تہ جيئن بحث مباحثي کي اڳتي وٺي وڃي سگھون. سنڌ جي مختلف قومپرست پارٽين جي اڳواڻن ۽ ٻين سجاڻ دوستن کي بہ ساڳي گذارش ڪندس تہ توھان ھن معاملي بابت پنھنجي راءِ واضح طور سنڌ جي عوام آڏو رکو.

آفتاب شيخ: سڀ کان اڳ مان اھا ڳالھہ واضح ڪريان تہ اڄوڪي ھن فورم ۾ اسان جو اچڻ ۽ توھان ساٿين سان ويھڻ ان ڳالھہ جو ثبوت آھي تہ سنڌ جي سياست تبديل ٿي رھي آھي، بلڪ مثبت رخ اختيار ڪري رھي آھي. سنڌ ۾ جيڪي مظلوم قومون رھن ٿيون، انھن ۾ باھمي اشتراڪ پيدا ٿي رھيو آھي. اھو ھڪ اھڙو عمل آھي جنھن ۾ ڪوبہ شڪ ناھي تہ ماضيءَ ۾ وڏيون تلخيون رھيون آھن، سنگين غلطيون بہ ٿيون آھن. اسان جو (سنڌين ۽ اردو ڳالھائيندڙن جو) وڏو تاريڪ ماضي رھيو آھي، جھيڙا بہ ٿيا، مطالبا بہ ٿيا، وڏا وڏا اختلافي بيان بہ ٿيا. ٿيون ڏينھن منھنجو ھڪ انٽرويو ھڪ سنڌي اخبار ۾ ڇپيو آھي، جنھن ۾ مون صاف ڳالھہ ڪئي آھي، ڪجھہ لڪايو نہ آھي، جيڪو اسان جو موقف آھي. اسان واضح ڪيو آھي، متحده ھڪ سياسي پارٽي آھي ۽ ان تلخ ماضيءَ باوجود اسان اڄ ھڪ ھنڌ وينل آھيون، توھان تمام بنيادي ڳالھيون ڪيون آھن، مان متحده جو موقف پيش ڪندس. مان واضح ڪريان تہ زيتون جي ٽاري تہ نہ کڻي آيو آھيان پر

پيغام اهو ئي ڪٽي آيو آهيان ۽ توهان ڪي اهو قبول نه آهي ته ماشاءَ الله. مان ٿورو ماضيءَ ۾ به ويندس، پر اصل سوال حال جو آهي. دنيا ۾ اتحاد ٺهي ۽ ڊهي رهيا آهن. ڪالهه جا دشمن دوست بڻجي رهيا آهن ۽ ڪالهه جا دوست دشمن بڻجي رهيا آهن. اسان ته هڪ ٻئي جا دشمن نه هئاسين. ها البته اختلاف ضرور هئا، مفاد به مختلف هئا، اسان به هتي رهون ٿا، سنڌو درياهه جو پاڻي پيون ٿا. هر ڪو چوي ٿو ته توهان جي قدرتي Equation سنڌين سان ٺهي ٿي، ڪيترن ئي اشوز تي اسان جا پاڻ ۾ جهيڙا به ٿيا آهن. پر اڄ تائين گڏ ويٺا آهيون. مان توهان کي ٻڌايان ته جي متحده توهان وٽ آئي آهي ته اها ايئن نه آئي آهي، طاقت سان آئي آهي، متحده گڏريل اسيمبليءَ ۾ به 45 اسيمبلي ميمبرن جي حامل هئي، 28 صوبائي اسيمبليءَ جا هئا، 12 قومي اسيمبليءَ جا ۽ 5 سينيٽر هئا. سو اسان خالي هٿ ڪٽي نه آيا آهيون، اسان طاقت گڏ ڪٽي آيا آهيون. جي توهان ماضيءَ ۾ ويندؤ ته پوءِ ٻنهي طرفن ڏي گهڻو حساب ڪتاب نڪرندو. ماضيءَ ۾ اسان گڏ نه هئاسين، ڇو ته اسانکي وڙهائيندڙ ٻيون قوتون هيون. اسان کي "وڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي پاليسيءَ تحت وڙهايو ويو. سوال آهي ته ڇا رڳو ماضيءَ تي ويهي روئون ۽ لڪير کي ڪٽيون يا اڳيان ڪو حل به آهي. توهان مون کي گاريون ڏيندؤ ته به مان ٻڌي هليو ويندس، مان توهان کي صرف اهو چوڻ آيو آهيان ته متحده تي اهو الزام غلط آهي ته ان ماضيءَ ۾ سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، جيئن توهان به چيو اهو غلط آهي. ڪڏهن به ايئن نه ٿيو آهي. اسان جو اُصولي موقف آهي ته سنڌ جو ورهاڱو اسان نٿا چاهيون ۽ واضح ٿو ڪريان ته اهو غلط آهي. ٻيو توهان روين جي ڳالهه ڪئي آهي، اسان 1947ع ۾ هتي آياسون. 1947ع کان 1971ع تائين ايم ڪيو ايم نالي ڪابه شيءِ نه هئي، اسان جهڙا به هئاسون، سٺا يا خراب، پر ايم ڪيو ايم نه هئي، مهاجر جماعت اسلامي ۽ نوراني صاحب ۽ ٻين سان گڏ هئا. اهو مهاجر سياست جو سلسلو 1978ع کان شروع ٿيو آهي، اسان جو نواب مظفر جي سياست سان ڪوبه واسطو نه آهي. ايم ڪيو ايم پهرين شاگرد جماعت جي صورت ۾ جنم ورتو. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ APMSO جي نالي سان. ماضيءَ ۾ نٿو وڃڻ چاهيان ته اهو ڇو ٿيو پر توهان پڇيو آهي ته ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن جن سان توهان کي ممڪن آهي ته دلچسپي نه هجي، سوال آهي ته مهاجر سياست شروع ڇو ٿي؟ پاڪستان جو ڪيپيٽل ڪراچيءَ مان اسلام آباد منتقل ٿيڻ، لياقت علي خان جي قتل، مارشل لا ريگوليشنز ايوب جي دؤر، ان کان پوءِ ايوب خان

جي سامهون فاطمہ جناح جي سپورٽ ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪيترا ادارا نيشنلائيز ٿيا، پاڙ پيدا ڪيا ۽ ڪجهہ ٻين اسان تي مسلط ڪيا، ون يونٽ جي سنڌي عوام مخالفت ڪئي، پر مهاجرن ان جو ساٿ نہ ڏنو مون کي معلوم آهي تہ سنڌين کي ان جو ڏک ٿيو. 1983ع ۾ تحريڪ هلي، سنڌي وڙهيا، اسان چپ رهياسين، سنڌين جو ساٿ نہ ڏنوسين، ان جو بہ سنڌي ڀائرن کي ڏک آهي، اسان کي معلوم آهي، اسان پنهنجون غلطيون مڃون ٿا ۽ ايئن غلطيون توهان جون بہ آهن.

**جامي چانڊيو:** شيخ صاحب مسئلو رڳو ساٿ نہ ڏيڻ جو نہ آهي، سنڌ جي عوام کي ايم ڪيو ايم بابت جيڪي تضاد آهن، ان جو سبب اهو آهي تہ انهن پنهنجي سياست جا جيڪي بنياد وڌا، اهي پس و پيش سنڌ جي وحدت، سنڌي عوام جي مستقل قومي مفادن توڙي مجموعي طرح سنڌ جي خلاف هئا ۽ آهن. اسين چاهيون ٿا تہ توهان انهن اشوز تي اچو ۽ متحده جي انهن سوالن بابت پوزيشن واضح ڪريو. مثلن سنڌ ۾ ٻي قوميت جو سوال، سنڌ جي سياسي اقتدار تي هميشہ سنڌي عوام جي مالڪيءَ جي حق جو سوال، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌ ۾ قومي ٻولي بڻجڻ جو سوال، سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش جو سوال، ڪوٽا سسٽم جو سوال، سنڌين جي شهرن ۾ موجود ملڪيتن تي قبضن جو سوال، نفرتن جا بنياد اهي ئي آهن، توهان انهن اشوز تي اچو.

**آفتاب شيخ:** مان اچان ٿو انهن سوالن تي، سڀ کان وڏو مسئلو قوميت جو آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ڀائرن کي وڏي ۾ وڏي شڪايت اها آهي تہ سنڌ ۾ ٻي قوميت جي ڳالهہ نہ ڪئي وڃي. سنڌي سمجهن ٿا تہ سنڌ ۾ صرف هڪ قوميت سنڌي آهي ۽ جڏهن ٻي قوميت جو سوال اُٿي ٿو تہ پوءِ دوستن کي اعتراض ٿين ٿا ۽ ظاهر آهي تہ اهو معاملو تمام حساس آهي. مان اڄ توهان جي سامهون تمام اهم پاليسي بيان ڏئي رهيو آهيان، تمام ذميواريءَ سان. اسان جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ رهندڙ صرف سنڌي آهن. جيڪو بہ سنڌ ۾ رهي ٿو اهو سنڌي آهي، اسان جي بنيادي سڃاڻپ سنڌي آهي پر اسان جڏهن چئون ٿا تہ اسان مهاجر سنڌي آهيون يا پنجابي سنڌي آهيون يا بلوچ سنڌي آهيون تہ اهو توهان کي خوش دليءَ سان قبول ڪرڻ گهرجي. اسان سنڌي بہ آهيون ۽ سنڌ جو هڪ ڪلچرل يونٽ بہ آهيون. اسان سنڌي تہ آهيون پر گڏوگڏ اسان جي جيڪا پنهنجي سڃاڻپ (مهاجر) آهي اسان ان کي بہ وڃائڻ نٿا چاهيون. اسان جي پهرين سڃاڻپ سنڌي جي آهي پر ذيلي شناخت مهاجر جي آهي. ان ۾ ڪا بہ خرابي نہ آهي، اسان کي سنڌي هجڻ تي فخر

آهي، اسان جا وڏا هتي دفن ٿيا، اسان به هتي دفن ٿينداسين ۽ اسان جو اولاد به هتي دفن ٿيندو، مان واضح چوان ٿو ته سنڌ ۾ ڪا به قوميت نه آهي، مهاجر اسان جي ذيلي شناخت آهي، ٻيو توهان Right of Rule جي ڳالهه ڪئي. توهان ان ۾ صرف هڪ ڌر جي ڳالهه ڇو ٿا ڪريو؟ سنڌ ۾ رهندڙ جڏهن سڀ سنڌي آهن ته پوءِ توهان اهو سوال ڇو ٿا اُٿاريو؟ جڏهن سڀ سنڌي آهن ته پوءِ اهو حق سمورن کي آهي ۽ هئڻ گهرجي، سنڌ جا وسيلا سنڌين جا آهن، اسان اهو قبول نٿا ڪريون ته تيل نڪري هتي ۽ انڊسٽري لڳي اسلام آباد ۾. سنڌي زبان جي توهان ڳالهه ڪئي آهي، اسان کي ڪو اعتراض نه آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي زبان قرار ڏنو وڃي. اردو ته سڄي ملڪ جي قومي رابطي جي زبان آهي. جيستائين بنگلاديش ۾ ڦاٿل پاڪستانين جو سوال آهي ته اسان جو موقف بلڪل واضح آهي، جڏهن اُهي ماڻهو ملڪ ۾ شامل ٿيا هئا ته انهن وٽ پاڪستان جو سچاٽپ ڪارڊ هو اهي پاڪستانيءَ جي حيثيت ۾ شامل ٿيا هئا، انهن جو ڏوهه رڳو اهو آهي ته 1971ع جي جنگ ۾ انهن پاڪستان جي فوج جو ساٿ ڏنو ۽ اڄ تائين اتي ڦاٿل آهن. اهو هڪ سياسي اشو آهي، اڄان هلي ٻيو انهن کي واپس اچڻ گهرجي، اهو انهن جو حق آهي، اسان پنهنجي موقف تي قائم آهيون، اسان جن اشوز تي موقف تبديل ڪيو آهي اهو واضح آهي، اسان اهو به واضح ڪرڻ ٿا گهرون ته جيئن سياٽي توهان اهو نه چئو ته پوءِ ڦري ويا.

**جي اين مغل:** يعني توهان جو چوڻ واضح آهي ته ٻهاري اچڻ گهرجن.

**آفتاب شيخ:** بلڪل واضح موقف آهي، رڪارڊ تي موجود آهي. اسان ڪيئن غلط ڳالهه ڪريون. ها اڳتي هلي جڏهن ڪي ڳالهيون ٿيون، ڪا ڏي وٺ ٿئي ته ان تي به ڳالهائي سگهجي ٿو ۽ ان جي به ڪا شڪل ڪڍي سگهجي ٿي. اڳي اسان جو پاڻ ۾ جهيڙو هو مختلف اشوز تي اسان جي پوزيشن ٻي هئي ۽ توهان جي ٻي هئي پر جيڪڏهن الله اهڙو ڏينهن آڻي ٿو جو اسان گڏ ويهنداسين ته مان اهو نٿو چوان ته اسان ان موقف تان هٽ ڪٽي وينداسين، پر جڏهن ڳالهيون ٿينديون ته ممڪن آهي ڪو ٽيون رستو به نڪري اچي، پر هينئر اهڙي صورتحال نه آهي. ڏسو مان واضح ٿو ڪريان ته ڪيترن اشوز تي اڃا به اسان جي پوزيشن مختلف آهي پر اهو واضح رهي ته اسان سنڌ ۾ سنڌي عوام جي خلاف نه آهيون. سنڌي اسان جا ڀائر آهن، مهمان نواز آهن، پيار ڪرڻ وارا آهن، مون سنڌ ۾ چاليهه سال وڪالت ڪئي آهي. سڄيءَ سنڌ ۾ هليو آهيان، هر ماڻهوءَ کي سڃاڻان ٿو اها

سامهون جي ڳالهه نه آهي ته سنڌي واقعي هن ملڪ جي ٻي سموري عوام کان پُرخلوص، همدرد ۽ مهمان نواز آهن. ڏسو مان اجا به هڪ ٻي ڳالهه ٿو ڪريان ته اج به ٻنهي پاسي ايترو مواد آهي جو جيڪڏهن توهان انهن کي منفي طريقي سان استعمال ڪرڻ چاهيو يا ٻنهي ڌرين کي الڳ ڪرڻ چاهيو ته الڳ ڪري سگهو ٿا. مسئلو اپروچ جو آهي، رويي جو آهي، غلطيون ٻنهي پاسي آهن. ماضيءَ ۾ ٻئي ڌريون ٻين جي هٿن ۾ کيڏيون آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جڏهن ٻئي دوست توهان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو آهي ۽ توهان ان کي چڏي ڏيڻ چاهيو ٿا ته ٺيڪ آهي، ڇڏي ڏيو. صورتحال کي هيئن ڏسو ته اسان ان موڙ تي پهچي ويا آهيون جو ٻي ڌر توهان آڏو وضاحتون ڪرڻ ۽ پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ آئي آهي، گهڻي تباهي ٿي چڪي آهي، هاڻي اهو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي، سنڌ مان آفيسر هٽائي رڳو فوجي آفيسر ويهاريا پيا وڃن، اسان ته سائين گنهگار آهيون پر هو جيڪي اچن پيا انهن کي سنڀاليو.

**جي اين مغل:** اسان چاهيون ٿا ته ٻن اشوز تي توهان وڌيڪ واضح ٿيو ۽ اسان کي مهرباني ڪري ٻڌايو هڪ ته توهان جو ڪوٽا سسٽم جي اشو تي ڇا اسٽينڊ آهي ۽ ٻيو ته تازو الطاف حسين به چيو آهي ته هندستان جي سمورن مسلمانن کي حق پهچي ٿو ته اهي چاهين ته هتي آباد ٿين ۽ چاهين ته اُتي ئي رهن.

**آفتاب شيخ:** ڪوٽا سسٽم 14 آگسٽ 1993ع تي ايڪسپائر ٿي چڪو هو ان کي وري 20 سال ليز ڏني وئي آهي. سوال آهي ته ڪوٽا سسٽم ڪنهن کي فائدو پهچائي رهيو آهي؟ راجه ظفر الحق مون کي انگ اکر ڏنا ۽ زور پريو ته اهو هجڻ گهرجي، اڳ اسان جو ڪيس اهو هو ته ان سان مهاجرن کي نقصان ٿو رسي، هاڻي ته صورتحال اها آهي ته ان سان مهاجرن ۽ سنڌين ٻنهي کي نقصان پيو رسي، ٻيو ته اسان پبلڪ ۾ وڃي اهو اسٽينڊ نٿا وٺي سگهون ته اسان اها جنگ ڇڏي ڏني. سبب اهو آهي ته اسان هڪ سياسي تحريڪ ۽ پارٽي آهيون، ان مان اسان کي ڪيترو فائدو ۽ نقصان آهي، اهو ته اسان کي معلوم آهي ته هي پهرين وارو ڪوٽا سسٽم نه رهيو آهي، اسان کي ووٽن لاءِ وري به عوام وٽ وڃڻو آهي، ان ڪري ڪوٽا سسٽم تي اسان جو اسٽينڊ ڪابه تبديلي نه ڏيڻ آهي. ٻيو جيڪو توهان چيو ته اسان جو مسلمانن بابت بيان هو اها ڳالهه ان پس منظر ۾ ڪئي وئي هئي ته توهان جڏهن بارڊر بند ڪري ڇڏيا ته توهان هندستان جي مسلمانن جي ان حق کي رد ڪيو ته اهي پاڪستان هجرت ڪري سگهن ٿا. الطاف ڀائيءَ جو جيڪو

بيان هو ان جو مطلب هو تہ توهان جو جيڪو بنيادي نظريو هو تہ هندستان جا مسلمان هڪ قوم آهن ۽ توهان ان لاءِ مملڪت گهري. پاڪستان جو بنياد مذهب ۽ ٻہ قومي نظريي جي بنياد تي پيو هو تہ پوءِ توهان بارڊر ڪيئن ٿا بند ڪري سگهو؟ اسان جو مطلب اهو نہ هو تہ هندستان مان ماڻهو گهرايا وڃن. هتي اڳ ئي گنجائش نہ آهي. اسان تہ نظرئي جي ڳالهہ ڪئي تہ توهان جو نظريو فيل ٿي چڪو آهي. جنهن ڏينهن توهان بارڊر بند ڪيو، ٻہ قومي نظريو ختم ٿي ويو. اسان نٿا چاهيون تہ هندستان جي ملسمانن کي وٺي اچو تہ جيڪڏهن توهان هندو مسلم جي بنياد تي هندستان ورهايو هو ۽ پاڪستان ٺاهيو هو تہ پوءِ توهان هندستان جي مسلمانن لاءِ بارڊر ڇو بند ڪيو؟ الطاف ڀائيءَ ٻيو اهو چيو تہ اوپر پاڪستان جي وجڻ کان پوءِ ٻہ قومي نظريو ختم ٿي چڪو هو.

مولا بخش چانڊيو: هڪڙي ڳالهہ تہ مان پونم جو حصو نہ آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن اهڙي پارٽيءَ جو حصو آهيان. جيڪا پونم ۾ شامل هجي. آئون هن فورم ۾ عوام پاران شريڪ ٿيو آهيان. آفتاب صاحب کي پهرين ڳالهہ تہ اسين پليڪار ڪريون ٿا. عبرت پاران نہ پر قوم پاران. ٻيو تہ اسان اهو بہ واضح ڪريون تہ هن فورم ۾ توهان کي ڪو ڪٽهڙي ۾ نٿا بيهاريون. اهو تاثر نہ وٺڻ گهرجي. ٻيو تہ جڏهن معاملا وڏا هجن تہ لهجا بہ تلخ ٿي سگهن ٿا. آفتاب صاحب مقبول استاد رهيو آهي، مون لاءِ محترم آهي، پر هتي مسئلو قوميت جو آهي. مان اهو بہ واضح ڪريان تہ توهان جو بار بار اهو چوڻ بہ سٺو نٿو لڳي تہ. ”توهان مجو يا نہ. مان بڌائي هليو ويندس.“ اها سني روايت نہ آهي. اسان کي توهان جو موقف ٻڌڻ گهرجي ۽ توهان کي اسان جو موقف ٻڌڻ گهرجي. توهان چيو تہ ماضيءَ ۾ وڃڻ نہ گهرجي، پر اسان وٽ جيڪي سوال آهن. جيڪي اختلاف آهن. جيڪي مسئلا آهن انهن جو تعلق ماضيءَ سان آهي. مان واضح ٿو ڪرڻ گهران تہ انهن جو بنياد اسان جي طرف کان نہ پيو آهي، ڪڏهن بہ نہ پيو آهي. فرد ٿي سگهن ٿا پر توهان اسان جي قوم کي ڏوهاري قرار نٿا ڏئي سگهو ۽ اهو چوڻ بہ درست نہ آهي تہ اهو صرف معاشي مسئلو هو. سڄي معيشت تہ توهان ڀائرن وٽ هئي. معاشي مسئلو ڪيئن هو؟ سنڌي عوام ٻهراڙين ۾ هو. شهر ۾ مارڪيٽ توهان جي حوالي هئا. انهن جو توهان سان معاشي جهيڙو ڪهڙو هو؟ توهان سٺو چيو تہ توهان جو نواب مظفر جي سياست سان ڪو تعلق نہ آهي. اها چڱي تبديلي آهي، پر جنهن بہ توهان جو ڪالهوڪو انٽرويو پڙهيو هوندو، ان وٽ بہ اهي سوال تہ اُڀريا هوندا.

توهان کي اڄ بہ سنڌڙي انب جو نالو نٿو وڻي تہ ان جو نالو باب الاسلام رکيو وڃي. ڇا اسان اسلام جو ٺيڪو کنيو آهي جو انب جو نالو بہ باب الاسلام رکون؟ هي جيڪي توهان سان اڄ ڳالهيون پيون ٿين، انهن جو پس منظر ۾ بنياد ماضي آهي. جڏهن بہ شهر ۾ جلوس نڪري، سنڌين جا دڪان ۽ هوٽل ساڙي ڇڏيو. شهرن ۾ ساڙڻ لاءِ صرف اسان جون ملڪيتون هيون؟ آفتاب صاحب! اها حقيقت آهي تہ اڪثريتي سنڌي آباديءَ جي علائقن مان سنڌي لوڏي ڪڍيا ويا. اسان جا ماڻهو دربدر ڪيا ويا. اڄ بہ توهان مهاجر رهڻ تي بضد آهيو ڇو؟ جناب اعليٰ توهان پڙهيل آهيو الطاف ڀائي پڙهيل آهي. دنيا ۾ مهاجرن جا حق ڏيندا آهن ڇا؟ مهاجر تہ ڪيمپن ۾ رهندا آهن، محلن ۾ رهڻ وارا مهاجر نہ هوندا آهن. توهان مهاجر ناهيو. جڏهن توهان چئو ٿا تہ سنڌي بہ آهيون تہ مان توهان کي گذارش ٿو ڪريان تہ هڪ قدم اڃان اڳتي وڌايو. توهان ڀل چئو تہ اردو توهان جي سڃاڻپ آهي پر مهاجر ناهي، توهان سنڌ جا مالڪ بڻيا ويٺا آهيو. سنڌ جو ڪاروبار توهان جي هٿن ۾ آهي، سنڌ جي حڪومتن ۾ توهان شامل رهيا آهيو. هر حڪومت توهان کي شريڪ ڪندي آهي، ان ڪري توهان مهاجر نہ آهيو. اسان توهان کي مهاجر تسليم نٿا ڪريون. مان هن فورم تان سنڌي قومپرستن کي چوڻ ٿو چاهيان تہ هن باهہ کي پڙڪائڻ ۾ توهان جو بہ وڏو هٿ آهي. جڏهن بہ توهان بيان ڏيو ٿا چئو ٿا تہ سنڌ تي سنڌين ۽ مهاجرن جو حق آهي، ڇا جو مهاجرن جو حق آهي؟ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي آهن. مهاجرن جو ڪو حق نہ آهي. جناب اختلاف تہ ٿيا، پوءِ جلوس نڪري ايوب خان جي خلاف تہ بہ اسان جا پائر سامهون. ايم آر ڊيءَ جو جلوس نڪري تہ اسان جا پائر اسان جي مٿان گرم پاڻي ڦٽي ڪندا هئا. اهي رويا رهيا آهن. سنڌي ووٽر لسٽن جو معاملو آيو، توهان خاموش، ون يونٽ جو معاملو آيو توهان خاموش، ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو اُٿيو تہ اسيمبليءَ ۾ توهان خاموش. ايئن ڪم نہ هلندو. زباني طور ڀاءُ چوڻ سان ڪم نہ هلندو. عمل سان ثابت ڪرڻو پوندو. باقي "ڪائڻ وقت گڏ ۽ سمهڻ وقت مسيت ۾." جيستائين توهام مهاجر جي ڳالهہ تان هٽ نہ ڪٽندؤ اسان کي خوف رهندو. الله توهان کي زمين ڏني آهي، ان جو مالڪ بنايو آهي. توهان چئو ٿا تہ اڃان پرديسي آهيون. ڳالهہ صاف آهي تہ مهاجرن نالي دنيا ۾ نہ ڪا قوم ٿيندي آهي ۽ نہ انهن جا ڪي حق ٿيندا آهن. اقوام متحده وارن انهن لاءِ هڪ ادارو ناهيو آهي، اسان جو چوڻ آهي تہ توهان مهاجر نہ سنڌي آهيو. مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ شهري آبادي اسان سان محبت

جو رويو روا ٿي نہ رکيو آهي. توهان جو اجان مهاجر سڏائڻ بدشغوني آهي. پاڻ کي ڌرتيءَ جو فرزند سمجهڻ شروع ڪريو تہ مسئلو حل ٿي ويندو. باقي جيستائين پونم ۾ متحده جي شموليت جو تعلق آهي تہ متحده سئو دفعا شامل ٿئي پر هڪڙي ڳالهہ واضح هجي تہ سنڌ جي ننڍين ننڍين گروپن کي وڏا قومي فيصلا ڪرڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟ جڏهن سنڌي عوام جو 90 سيڪڙو آباديءَ جي نمائندگي رکڻ باوجود اهڙو حق پ پ پ کي بہ نہ آهي تہ پوءِ ننڍين گروپن کي اهڙو حق ڪنهن ڏنو آهي؟ جيستائين پونم ۾ متحده جي شموليت جو سوال آهي تہ..........

**رسول بخش پليجو:** هتي اسان پونم جا تنظيمي معاملا طئي ڪرڻ نہ وينا آهيون.........

**مولا بخش چانڊيو:** پونم جي حوالي سان جنرل بحث تي سگهي ٿو. وڏن ۽ بنيادي اشوز جي حوالي سان پر تنظيمي معاملا هتي اُٿارڻ نہ کپن.

**آفتاب شيخ:** اسان کي تہ اهو ئي چيو ويو هو تہ پونم جي دوستن سان مذاڪرو ٿيندو، اهو ئي سبب آهي جو اسان ان سلسلي ۾ رات الطاف ڀائيءَ سان بہ ڳالهايو. هن کان اجازت ورتي سين ۽ سندس هدايتن تحت ئي اسان هتي شريڪ ٿيا آهيون........

**يوسف لغاري:** مان توهان سان آهيان. پونم جي حوالي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ گهرجي....

**رسول بخش پليجو:** جي هتي پونم جا تنظيمي معاملا کڻي ايندؤ تہ پوءِ عوامي تحريڪ شريڪ نہ ٿيندي. جو هتي صرف پونم جا دوست نہ آهن. ٻيون بہ ڌريون آهن. پ پ وارا دوست آهن. ٻيا ماڻهو آهن......

**جامي چانڊيو:** منهنجي خيال ۾ اسان اجايو غلط رخ ۾ وڃي رهيا آهيون ۽ اهو ئي سبب آهي جو مونجهارو پيدا ٿي رهيو آهي. دراصل هي ڪو پونم جو اجلاس نہ آهي. جو ان جا تنظيمي معاملا هتي طئي ڪيا وڃن. پونم هڪڙو مظلوم قومن جو اتحاد آهي. ان ۾ متحده جي امڪاني شموليت جي حوالي سان پونم اندر توڙي ٻاهر وڏو بحث هلي رهيو آهي. ماڻهو ڳالهائي ۽ لکي رهيا آهن. هتي اسان پونم جا اندروني مسئلا حل ڪرڻ لاءِ گڏ نہ ٿيا آهيون. پر ان حوالي سان جيڪي بنيادي سوال سامهون آيا آهن. انهن تي سوسائٽيءَ جي هڪ فورم پاران بحث مباحثو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون تہ جيئن اهي اشوز وڌيڪ واضح ٿين. ان ڪري بهتر آهي تہ اسان غير ضروري بحث ۾ نہ اُلجهون.

ابرار قاضي: مان سمجهان ٿو تہ مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ ماضيءَ کي ڏسڻ تمام ضروري آهي. اڄ اسان جي دوست چيو تہ اسين سنڌي آهيون. ان تي اسان کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. اها پوءِ خبر پئي تہ سائين رات لنڊن مان اها ڳالهہ پڇي آهي. اسان ٿا چئون تہ جيڪا ڳالهہ اڄ ٿي آهي سا سپاٽي بہ رهندي يا نہ رهندي؟ بہ چار لفظ سائين استعمال ڪيا. گڏيل اشتراڪ جي باري ۾ غلط فهميون هيون. سياست تبديل ٿي آهي. تاريڪ ماضي آهي. اسين هتي قوم جا فرزند وينا آيون. جڏهن قوم جي باري ۾ ڳالهيون ڪنداسين تہ وسيع تناظر ۾ ڳالهيون ڪيون ويندييون.

مهاجر قومي موومينٽ جڏهن شروع ٿي هئي تہ ان جا بنياد ٿي هئا. 1992ع ۾ جڏهن ايم ڪيو ايم تي نواز حڪومت جو اثر پيو هو تڏهن پاويهہ تنظيمن پينل ڊسڪشن ڪيو هو ڇهہ مهينا بحث هلندو رهيو. اردو ڳالهائيندڙن جا وڏا وڏا نالا ۽ وڏا دماغ ان بحث ۾ شريڪ هئا. متو ڪنهي ڪنهي انهن ڪييون هيون تہ اهي ڪهڙيون بنيادي ڳالهيون آهن. جن جي ڪري سنڌ سان شڪايت ۽ جن جي ڪري ايم ڪيو ايم واري تحريڪ اُٿي آهي؟ اهي ٽي ڳالهيون هيون: سنڌ ۾ نوڪرين جي ڪوٽا. پروفيشنل ڪاليجز ۾ داخلا جي ڪوٽا. ڪراچيءَ جي شهري مسئلن جو حل. يعني باقي شهرن جي مسئلن جو حل نہ. صرف ڪراچيءَ جي مسئلن جو حل. مطلب تہ ايم ڪيو ايم جو جينيسز ٽيو ڪوٽا سسٽم.

اسان جي درخواست. سنڌي ماڻهن جي درخواست. اها آهي تہ اسان کي ٻڌايو وڃي تہ سنڌ ۾ محدود وسيلن ۾ سنڌ جي ماڻهن جي ڪامپيٽيشن ڪنهن سان آهي؟ ڇا اسان جو مقابلو هتي وينل ڪلچرل منارٽيءَ سان آهي؟ يا اسان جو مقابلو سڄي پاڪستان جي سيني صوبن سان آهي؟ يا اسان جو جهڳڙو سڄي هندستان جي مسلمانن سان آهي؟ سائين (آفتاب شيخ) چئي چڪو آهي تہ تمام محدود وسيلا آهن. بلڪل صحيح. محدود وسيلن تي تہ محدود ماڻهن جو گذر سفر ئي ٿي سگهي ٿو يا ايئن آهي تہ اسان جي ڪامپيٽيشن سڄي دنيا جي مسلمانن سان آهي؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ اسان کي قبول نہ آهي. اسان چونداسين تہ ايئن ٺيڪ نہ آهي. اسان کي پنهنجي ڪوٽا ڏيو مستقل ڪوٽا ڏيو جيئن اسان ٿا چئون ايئن ايم ڪيو ايم جي ليڊرشپ کي بہ چوڻ گهرجي تہ ها محدود وسيلا آهن. اسين ڪلچرل منارٽي آهيون. اها ڪامپيٽيشن آهي تہ اسان کي قبول آهي. جيڪڏهن اها ڪامپيٽيشن اڄ بہ ڊڪليئر ٿي وڃي تہ اسين ڪوٽا سسٽم تان

هٿ ڪٽي ويندا سين.

دراصل ايم ڪيو ايم جي اها پاليسي اسٽيبلشمينٽ آهي ته هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ مسلمانن جي نالي ۾ ٺهيو آهي، ان ڪري دنيا جو هر مسلمان هتي اچڻ گهرجي.... سائين (آفتاب) به اها ئي ڳالهه ڪئي. هن ايئن ئي چيو ته "ڇو ته به قومي نظريو آهي، ان ڪري هندستان جي مسلمانن لاءِ دروازا کوليا وڃن....." معنيٰ ته اهي سنڌ ۾ اچڻ کپن، اهي اسان جي وسيلن تي قابض ٿين..... ڪوٽا سسٽم جي حوالي سان اسان جو بنياد ئي اهو آهي ته اسان کي ٻڌايو وڃي ته اسان جو مقابلو ڪنهن سان آهي. توهين (ايم ڪيو ايم) اُٿي بيهو ۽ چئو ته اڍائي لک بهارين جو قصو بند ڪريو. عجب جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن 71ع ۾ اهو قصو ٿيو هو تڏهن به 2 لک 50 هزار هئا، هاڻي به ساڳيا 2 لک 50 هزار وارو قصو آهي. ان دوران ڪراچيءَ ۾ بهارين جون به ڪالونيون ٺهي چڪيون آهن. اها ڳالهه نٿي سمجهي وڃي، اسان جو موقف نٿو ٻڌو وڃي. اُصول ٿا ٻڌائين ته هي موقف آهي اسان جو......

سنڌ جا بنيادي مستقل مفاد آهن، سنڌي قوم جا بنيادي مفاد پنج آهن. اسان جو وطن آهي ان کي ٽوڙڻ جي ڳالهه به نه ڪئي وڃي، پر ايئن نه ٿيو آهي، رابطا ڪائونسل ۾ ڳالهه ڪن ٿا، آفيشل موقف ڪونهي. عظيم طارق جو بيان موجود آهي ته ان وقت تائين مهاجر حق حاصل تي نٿا سگهن جيستائين مهاجر وزير اعليٰ نه هجي. مطلب ته ڪراچي صوبو نهندو. سائين (آفتاب شيخ) چوي ٿو ته اهڙو بيان ڪونه آيو هو. آئون چوان ٿو ته آيو هو. مهاجر رابطا ڪائونسل وڃي آهي. لنڊن مان فون اچي ٿو. اهو پڇي ٿو ته توهان جو ڇا خيال آهي؟ ڇا ٿيڻ گهرجي؟ هي چون ٿا ته بلڪل سنڌ کي ٽوڙيو وڃي ۽ وري چون ٿا ته آفيشل اسٽيبلشمينٽ ڪونهي. دراصل هي به زبانون استعمال ڪرڻ واري ڳالهه آهي. هڪڙي پاسي کان چئو ٿا ته مهاجر صوبو ناهيو وڃي ۽ ٻئي جي وات مان چئو ٿا ته اسان نٿا چئون. هي ايم ڪيو ايم جو ماضي آهي، ان کي هر حالت ۾ سامهون رکيو وڃي. ٻي ڳالهه اها آهي ته هيءَ ڌرتي اسان جي آهي، ان تي ابد تائين اسان جي سياسي حاڪميت هجڻ گهرجي. جيستائين ٻيون ڌاريون سنڌي قوم ۾ ضم نه ٿيون ٿين، هي قصو ايئن ئي رهندو. اهو عالمي قانون آهي ته ڪنهن علائقي جي بنيادي ۽ مقامي ماڻهن کي ئي ان ڌرتيءَ جي حڪمرانيءَ جو حق آهي. ٽين ڳالهه آهي اسان جي زبان، ان کي مستقل اڪثريت ۽ بالادستيءَ واري حيثيت ۾ هجڻ گهرجي. 1951ع جي آدمشماريءَ ۾ اسان جي اردو ڳالهائيندڙ آبادي ويهه سيڪڙو هئي. هاڻي اهي

پنجتيهہ سيڪڙو ٿي ويا آهن. انهن جي واڌ جي شرح جو اصل ڪارڻ اهو نہ آهي تہ ان آباديءَ ۾ جمر جي شرح وڌيڪ آهي پر اصل سبب اهو آهي تہ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهو ٻاهران ايندا رهيا آهن. اسان جي ڪورٽ جي زبان سنڌي هئي، آفيشل ٻولي سنڌي هئي، جنرل ٽڪا خان آيو ان هڪڙو فرمان جاري ڪيو تہ هاڻي سنڌي فائنل ختم. ان تي سنڌي ماڻهن گوڙ ڪيو اخبارن گوڙ ڪيو. ڪيترن ئي اسڪولن مان سنڌي پڙهائڻ وارو نظام ختم ڪيو ويو. اڳي اسان کي اردو/ سنڌي ڪمپلسري ۽ اردو/ آسان سنڌي پڙهايا ويندا هئا. ان سان ٻنهي برادرين ۾ ويجهڙائپ ٿي رهي هئي، پر جڏهن ٽڪا خان جو فرمان آيو تہ اسان جي اردو ٻائرن ان تي ڪوبہ اعتراض نہ ڪيو تہ اسان کان اسان جي سنڌي زبان نہ کسي وڃي. پاڻ خوش ٿيا. چوٿون بنياد آهي تہ سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي سنڌ جو حق آهي، ان تي اردو ڳالهائيندڙ ڀائرن اسان جو ساٿ نہ ڏنو آهي. باقي ڪڏهن ڪڏهن بيان وغيره ايندا رهيا آهن ۽ پنجون وسيلا، جن تي ايم ڪيو ايم گوڙ ڪندي رهي آهي پر ان مامري تي بہ اها سنڌ جي اڪثريتي عوام سان گڏ نہ رهي آهي. دراصل 14 سالن کان ايم ڪيو ايم وارن تقريرون ڪري جيڪي نفرتون ۽ ڪدورتون وڌايون آهن، انهن کي بہ آهستي آهستي ڏاڪي بہ ڏاڪي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيو تہ ايم ڪيو ايم مختلف ذرين سان جهيڙا ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو. الطاف حسين لنڊن ۾ وينو هو اتان تقرير ڪيائين تہ مون وٽ فلاڻي اردو ڳالهائيندڙ ڇوڪريءَ سان ٿيل ريپ ڪيس جي آغا خان مان آيل رپورٽ موجود آهي، جنهن ۾ ريپ جي تصديق ٿيل آهي. الطاف حسين جي ان بيان سان ٻئي ڏينهن 10، 15 ماڻهو مارجي ويا. الطاف جي ڪوڙ ماڻهو مارايا، جڏهن تہ ان ڪيس بابت مڪمل رپورٽ مون وٽ موجود آهي. هن ڪتاب ۾ اها رپورٽ شامل آهي، جنهن ۾ آغا خان وارن ڄاڻايو آهي تہ ڪو ريپ نہ ٿيو. مطلب تہ ايم ڪيو ايم جي اجوڪي مؤقف کي سمجهڻ لاءِ ان جو ماضي ڏسڻ بہ انتهائي ضروري آهي، نہ تہ ڪيترين ئي غلط فهميون پيدا ٿينديون.

**عبرت:** هاڻي اسان سنڌ جي سينيئر صحافي جي اين مغل صاحب کي دعوت ڏيون ٿا تہ هو هن اهم موضوع تي ڳالهائي.

**جي اين مغل:** سڄيءَ سنڌ مان ماڻهو هن صورتحال جو غور سان جائزو وٺي رهيا آهن ۽ انهن جي ذهنن ۾ تمام گهڻا سوال آهن. ايم ڪيو ايم جي دوست جيڪا ڳالهہ ڪئي، هن چيو تہ ڪيس ملزم سمجهيو وڃي ٿو. آئون چوڻ اهو چاهيان ٿو تہ 47ع کان وٺي اسان جي سنڌي سياست سان حڪمران طبقي جي جيڪا هلت

رهي آهي، تنهن ۾ اسان جي سياستدانن کي ملزم ڪري بيهاريو ويو آهي. اسان جي ڪنهن سنڌي سياستدان، سنڌ جي اشو تي اسٽينڊ ورتو آهي ته ڪيس ملڪ دشمن سڏيو ويو آهي. هنن (ايم ڪيو ايم وارن) تي هندستاني ايجنٽ هجڻ جا الزام ته هاڻ لڳا آهن، پر اسان تي ته اهي الزام 47ع کان وٺي لڳندا رهيا آهن. هندستان ۾ ڪو مهينو خالي نه آهي، جڏهن ڪانفرنسون نه ٿينديون هجن ۽ هي ويندا نه هجن پر جيڪڏهن ڪنهن ڪانفرنس ۾ سنڌي وڃن ٿا ته ان ڪانفرنس جو خاص نوٽيس ورتو وڃي ٿو. دراصل اسان کي ئي اڪيوزڊ ڊڪليئر ڪيو وڃي ٿو. اڪيوزڊ ته سنڌين کي ڪيو ويو آهي. اها شڪايت ته اسان سنڌين کي آهي، هنن کي ته اها شڪايت نه هئڻ گهرجي. آئون نٿو سمجهان ته ڪو ماڻهو اهو نه چاهيندو ته سنڌ ۾ امن نه هجي. هرڪو چاهيندو ته ڀائيچارو هجي. سنڌي ماڻهو جو مزاج صوفياڻو رهيو آهي، اهو فساد ته ڪنهن به حالت ۾ نٿو چاهي..... اسان هاڻ جيڪڏهن چاهيون ٿا ته گڏجي ويهون ۽ وري ڪو چوي ته بس بابا هاڻي گهڻو آهي ته شارٽ ڪٽ مان ته ڳاهه نه ٿيندا آهن. جيڪڏهن ان طريقي سان ڳاهه ٿيو ته ان سان فائدي بدران نقصان ٿيندو. بلڪل نهڻ گهرجي، پر جيڪي اصل پاڙون آهن، جيستائين اهي نه ڪڍنداسين، دل مان ڪدورتن کي نه ڪڍنداسين، تضادن جا اصل ڪارڻ معلوم ڪري انهن جو حل نه ڪڍنداسين ۽ دل جي صفائي ۽ صاف نيت سان اڳتي نه وڌنداسين ته ايئن ته ڳاهه نه ٿيندو. ايئن ته مسئلا حل نه ٿيندا، اهي ته موجود رهندا. سنڌ جي سياسي ليڊرشپ کي منهنجو عرض آهي ته فيصلا ان کي ئي ڪرڻا آهن ۽ ڪين ڪڏهن ڪڏهن تمام وڏا فيصلا ڪرڻا پوندا آهن، ته ڪڏهن وري تاريخ جو جبر اهڙا فيصلا اڳيان آڻي بيهاريندو آهي جو ان آڏو اها سياسي ليڊرشپ ڏاڍي ننڍي لڳندي آهي. تاريخ اسانکي ٻڌائي ٿي ته ننڍن اڳواڻن مان وڏا اڳواڻ تڏهن ڦُٽندا آهن، جڏهن اهي ڏکين حالتن ۾ وڏا فيصلا ڪندا آهن. اسان کي به معروضي حالتن کي سامهون رکي مستقل بنيادن تي فيصلا ڪرڻا آهن. باقي عارضي طور ٺهڻو آهي ته پوءِ ته ڪا به ڳالهه نه آهي. جيڪڏهن مستقل هم آهنگي ڪرڻي آهي ته اسانجي سياستدانن کي Statesmen ٿيڻو پوندو. مدبر ۽ Statesmen آسمان تان ڪونه لهندا آهن، انهن مان ئي پيدا ٿيندا آهن، موجود سياسي ليڊرشپ مان ئي مدبر ايندا آهن، جيڪي تاريخ ساز فيصلا ڪندا. آئون مؤدبانه گذارش ڪريان ٿو ته هن وقت سياسي ليڊرسپ کي جيڪو اشو اڳيان آهي اهو سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ هڪڙو وڏو اشو آهي. ان ۾ انهن

ڪي اهو معاملو حل ڪرڻ لاءِ مڪمل طور ميچوئر ٿيڻو پوندو، سچائيءَ سان ان مسئلي کي حل ڪرڻو پوندو. مون کي اميد آهي ته هو ايئن ڪندا. آئون سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ايئن نه ٿيو ته پوءِ آخري فيصلو سنڌ جو عوام ڪندو. ايوب کهڙو هيرو هو پوءِ عوام ان کي رد ڪري ڇڏيو. آئون سمجهان ٿو ته هن وقت ڪنهن به سياسي ڌر سنڌ جي ماڻهن جي مرضيءَ ۽ مفادن خلاف فيصلو ڪيو ته مستقبل ۾ ان جو سڀ کان وڏو نقصان به ان سياسي ليڊرشپ کي ٿيندو. اهو منهنجو مشورو آهي ۽ اها گذارش به آهي ته فيصلا سوچي سمجهي ڪجن. آئون ٿورو ہي ڳالهه به ڪندس. يوسف لغاري منهنجو دوست آهي، هو ۽ آئون گڏ رهيا آهيون. هن تازو هڪ مضمون لکيو ته هن جي الطاف حسين سان ملاقات ٿي. ان ۾ الطاف حسين چيو ته تون لکي ڏي، آئون صحيح ٿو ڪريان. پوءِ هن اهو به لکيو ته آئون پنج سئو دفعا چوان ٿو ته الطاف حسين سڀ ڳالهيون مڃڻ لاءِ تيار آهي. هاڻي هتي آفتاب شيخ چئي ويو آهي ته بهاري اچڻ گهرجن، ڪوٽا سسٽم ختم ٿئي ته آئون يوسف لغاريءَ کان پڇڻ گهران ٿو ته هن جي الطاف حسين جي انهن معاملن تي ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ ان باري ۾ ڪهڙي گارنٽي ڏني؟.....

منهنجي پونم کي گذارش آهي ته پونم جي ليڊرشپ فيصلو تاريخ ۽ عوام آڏو جوابدار ٿي، سنڌ جي مفادن ۾ ڪري. آئون عبرت جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو- مهرباني.

**عبرت:** هاڻي ڳالهه ٻولهه شفٽ ٿا ڪريون محترم يوسف لغاريءَ ڏانهن. پاڻ سنڌ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جا اڳواڻ آهن ۽ ڪين گذارش آهي ته پنهنجن خيالن جو اظهار ڪن.

**يوسف لغاري:** آئون پوءِ ڳالهائيندس. پهرين قادر مگسي يا پليجو ڳالهائي وٺن.

**قادر مگسي:** آئون دير سان آيو آهيان، توهان ڳالهايو پوءِ آئون ڳالهائيندس.

**يوسف لغاري:** نه آئون پوءِ ڳالهائيندس، پهرين ٻيا ڳالهائين.

**عبرت:** اهو استحقاق ته عبرت جو آهي ته ڪنهن کي ڳالهائڻ جي پهرين دعوت ڏي.....

هاڻي اسين ترقي پسند پارٽيءَ جي سربراهه ۽ پونم سنڌ جي ڪنوينر ڊاڪٽر قادر مگسيءَ کي دعوت ڏيون ٿا ته هڪ پارٽيءَ جي سربراهه ۽ پونم سنڌ جي ڪنوينر شپ واري ذميوار جي حيثيت ۾ هن معاملي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

**ڊاڪٽر قادر مگسي:** آئون معذرت خواهه آهيان جو دير سان پهتس. دراصل

ڳالھہ ھيءَ آھي تہ اسان پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاھڻ جي پوزيشن ۾ اچي ويا آھيون. ھڪڙو پوليٽيڪل پروسيس آھي، الاھي ڳالھيون بحث ھيٺ ايندڙيون آھن، گمانن ۾ ايندڙيون آھن. سوين سال بحث پيا ھلندا آھن. ڏھاڪن تائين ڳالھيون پيون ھلنديون آھن. جڏھن ڇنڊڇاڻ جي نتيجا سامھون ايندا آھن تہ پوءِ انھن کي ھيٺ سماج ۾ لاڳو ڪيو ويندو آھي. مثال طور فلسطين جو مسئلو آھي. 1918ع ۾ بلفورڊ ڊڪليئريشن وارو مسئلو آھي. 48ع ۾ فلسطين جي ورھاست ٿي. ٽريڪ ٽو ڊپلوميسيءَ تحت 1952ع کان ڳالھيون انڊر گرائونڊ شروع ٿيون. 20_20 سال ڳالھيون ھليون، پوءِ حنان آشراوي جي شڪل ۾ ۽ پوءِ فلسطين جا نمائندا ۽ اسرائيل جا نمائندا باقاعدي سيني جي سامھون ڳالھيون شروع ڪن ٿا. آئون ان راءِ جو آھيان تہ اسان ايم ڪيو ايم جي قيادت سان سال بہ سال ڳالھايون. ھو اسان کي ٻھاري اشو ڪوٽا سسٽم، سنڌي ٻولي، سنڌ جي دائمي مسئلي تي مطمئن ڪري بہ وٺن، پر ڇا ايئن نہ ٿيندو آھي تہ ھڪ پيرو ٺاھ ڪرڻ بعد تنظيمون انھن ٺاھن جون ڌجڪڙيون ڪنديون آھن. وري نوان نوان نعرا ڪڍي ايندا آھن ۽ ايئن بحث ٽوڙي جھيڙا ھلندا رھندا آھن. اسرائيل ۽ فلسطيني ڪالھہ ٺھيا، اڄ اسرائيل انھن تي بمباري پيو ڪري، حماس دفاع پيو ڪري، فلسطيني بچاءَ جي جنگ پيا وڙھن. ايئن ٿيندو رھندو آھي، سلسلا ھلندا رھندا آھن، ٽُٽندا آھن، ڪوبہ فيصلو جيڪڏھن پريشر ۾ ڪيو وڃي، لالچ ۾ ڪيو وڃي، خوف ۾ ڪيو وڃي تہ ان فيصلي مان اھا اميد ڪري سگھجي ٿي تہ اھو فيصلو مدبراڻو نہ ھوندو. سنڌي قوم آزاد نہ آھي، پاڻ اقتدار اعليٰ جا مالڪ نہ آھيون، جو پاڻ پولنگ اسٽيشن ٺھرايون ۽ ماڻھن کي چئون تہ اچو ووٽ وجھو عوام ريفرنڊم ۾ شرڪت ڪري، جيئن اريٽيريا ۾ ٿيو پر اسان نہ اقتدار اعليٰ جا مالڪ آھيون ۽ نہ سنڌ آزاد ۽ خود مختيار حيثيت ۾ آھي ۽ نہ ئي اسان انفرادي طرح ايئن ڪري سگھون ٿا. ڪنھن بہ تنظيم جو يونين ڪائونسل يا ديھي سطح تي نيٽ ورڪ نہ آھي، جو اسان خانگي طور پولنگ اسٽيشنون قائم ڪري يا دستخطي مھم ھلائي ماڻھن جي راءِ معلوم ڪريون. اسان سڀ وڌ ۾ وڌ تعلقي سطح تي ڪم ڪريون ٿا. پارلياماني پارٽي پ پ آھي، جيڪا اڳ ۾ ايم ڪيو ايم سان ٺھيو ويٺي آھي. سنڌين جو 87ع، 88ع واري ويڙھہ ۾ روڄن تان اڃا رت ڪونہ سُڪو ھو جو بينظير صاحبہ عزيز آباد ھلي وڃي ايم ڪيو ايم کي وزارتون ڏنيون. 93ع ۾ وزارتون ڏنيون. بينظير کان ڪنھن بہ ڪالم نويس اھا پڇا نہ ڪئي تہ تو سنڌين جي قاتلن سان ٺاھ ڇو ڪيو آھي؟

ان وقت يونٽي ۾ پيس جو ڊڪليئريشن بہ اچي ويو جنهن ۾ سنڌ کي بہ قومي ملڪ قرار ڏنو ويو. اسان جا دانشور ان ڊڪليئريشن تي صحيحون ڪري آيا. سوال اهو آهي تہ جڏهن نفرتون چوٽ چڙهيل هيون، رت جون هوليون پئي کيڏيون ويون، ان وقت اسان سڀ حامي هئاسين تہ بابا وارو ڪريو نہ تہ سنڌ ورهائجي ويندي......
هاڻي جڏهن سنڌ ۾ نئون دؤر شروع ٿي رهيو آهي، تڏهن اڳي جيڪي ڪالم نگار "امن امان" پيا ڳالهائيندا هئا، سي چون ٿا تہ بابا چو ٿا نهو ڪريو چا پيا؟ هي وڏي تاريخ جي غلطي پيا ڪريو؟ آئون چوڻ چاهيان ٿو تہ هي جيڪو فيصلو ٿئي پيو اهو پريشر تحت نہ پيو ٿئي، ان ۾ ڪنهن بہ بي عهدي جي لالچ نہ آهي، ڊالرن جي لين دين جي نتيجي ۾ نہ پيو ٿئي ۽ نہ ئي بين الاقوامي ايجنسين جي ساز باز جو نتيجو آهي. بحيثيت هڪ حلالي پٽ جي، بحثيت هڪ سنڌ جي نمڪ حلال جي، مهاجر دهشتگرديءَ خلاف ويڙهہ ڪندڙ هڪ ادنيٰ سپاهيءَ جي حيثيت ۾۔ اسين سمجهون ٿا تہ هيءَ جيڪا ورهاست آهي، اها سنڌ جي لاءِ دائمي خطرو آهي. سنڌين ۽ مهاجرن ۾ جيتري تائين تفريق رهندي، نفرت رهندي، جيستائين انهن معاملن تي سياست رهندي، ان وقت تائين اهو خطرو رهندو تہ سنڌ دائمي طرح نسلي ۽ لساني بنيادن تي ورهائجي ويندي. صرف سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي بنياد تي نہ ورهائبي، سنڌي ۽ پناڻ جي بنياد تي بہ ورهائبي. پوءِ اسان جي مجبوري هوندي تہ بابا فلاڻي يونين ڪائونسل تنهنجي، فلاڻو ضلعو تنهنجو. ان بنياد تي سنڌ ورهائجي ويندي يا تہ اهو قبول ڪري وٺون. يا تہ اهو تہ هڪ موقعو آيو آهي، ايم ڪيو ايم Initiate ڪيو آهي، سنڌ جي ماڻهن طرفان Initiate نہ ڪيو ويو آهي. اسان سنڌي ماڻهن پنڪا موڪليا هجن. ڪي نياڻين ميڙ الطاف حسين ڏي لنڊن موڪليا هجن تہ بابا هاڻي خدا جي نالي نهو. پوءِ هو شرط رکن ۽ اسان انهن تي ويهي ڳالهايون. هي پراسيس ايئن ڪونهي. ايم ڪيو ايم Initiate ڪيو آهي تہ سنڌ ۾ جيڪا نسلي لساني ورهاست آهي، ان جي حل لاءِ اهي ڪونہ ڪو عمل ڪرڻ گهرن ٿا. اسان جيڪي ڌرتيءَ کي ماءُ جو درجو ڏيون ٿا، تن قومپرست ڌرين گڏجي هڪ آسان فارمولا ناهيو آهي. خوشقسمتيءَ سان ان وقت پونم موجود آهي. هي قادر مگسيءَ طرفان پيغام ڪونہ آهي، هي رسول بخش پليجو يا لغاريءَ طرفان نہ آهي، پر هي سنڌي ماڻهن طرفان آهي. پونم جي حيدرآباد واري گڏجاڻيءَ ۾ ٽن شرطن تي فارمولا ناهيو ويو آهي. جيڪڏهن پونم ۽ متحده جو تعلق آهي تہ ان ۾ تي شيون واضح ڪري ڏنيون هيوسين. هڪڙو تہ پونم ۾ اهو شريڪ ٿي

سگهندو. جيڪو اسلام آباد ڊڪليئريشن کي قبول ڪندو. ان ۾ لکيل آهي تہ پاڪستان ۾ چار مظلوم قومون سنڌي، بلوچ، پختون ۽ سرائيڪي آهن. انهن جون ٻوليون انهن جي سرزمين جون قومي ٻوليون آهن. مادر وطن تي حق انهن قومن جو هوندو. وسيلن تي حاڪميت بہ اُنهن قومن جي هوندي ۽ ڌارين جي آبادڪاري مڪمل طور ختم ڪئي ويندي. اسان ٻيو شرط اهو رکيو تہ پونم ۾ فقط اهڙي ڌر شريڪ ٿي سگهندي جيڪا انهن مظلوم قومن مان ڪنهن هڪ جي نمائندگي ڪندي هوندي. ٽيون نقطو اهو آهي تہ اها ڌر چئني محڪوم قومن جي دائمي مؤقف ۽ عمل خلاف نہ هوندي. ڪابہ ڌر ڪابہ پارٽي قومن کي غلام رکڻ لاءِ ڪو ڪم ڪري، ڪابہ ڌر يا پارٽي قومن جي مادر وطن کي ورهائڻ جي ڳالهہ ڪري، ان جي وسيلن تي قبضي گيريءَ جي ڪوشش ڪري، اها پارٽي ڊس ڪئاليفائيڊ آهي. اها پونم اتحاد ۾ شامل ٿي نٿي سگهي. اهي ٽي بنيادي شرط آهن. جن تحت اسان نالي وٺڻ کان سواءِ چيو هو تہ جيڪي جيڪي خواهشمند آهن سي انهن ٽن نقطن تي اسان کي اپروچ ڪري سگهن ٿا. پوءِ اسان انهن سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪنداسين. انهن ڳالهين جي روح کي سمجهڻ کان سواءِ اخبارن ۾ چيو ويو تہ پونم اجازت ڏئي ڇڏي آهي ايم ڪيو ايم کي شرڪت لاءِ. پونم وارا ايم ڪيو ايم کي وٺي پيا اچن. ان تماشي معاملن کي سڌارڻ ۽ سنئين راهہ تي آڻڻ بدران ان کي خراب ڪيو آهي. ماڻهن کي دائمي مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ رڪاوٽون وڌيون آهن، پونم جي لائين اها آهي.

باقي بحيثيت ترقي پسند پارٽيءَ جي لائين آهي تہ هي پيچيده مسئلو آهي. اسان پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شرڪت واري نقطي کي ايڏو تہ مٿي ڪڍي آيا آهيون، جو سڄي جي سڄي رياستي مشينري ايڪٽو آهي، ڪا حمايت ۾ آهي، ڪا مخالفت ۾ آهي. هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا چئنلز آهن. "ابا هيئن نہ ڪريو هونءَ ڪريو" ايئن بحث هلي پيا آهن. اسان ان خدشي جو اظهار ڪيو هو تہ جڏهن اوهان ان بحث کي ايترو هاءِ ليول تي وٺي آيا آهيو هاڻي ان مسئلي کي حل ڪرڻ کان سواءِ ڇڏي ڏيندؤ تہ مخالف گوڙ ڪندا. سياڻي مخالف قومون ڪنهن ليڊر کي واٽ ويندي گوليون هڻي مارائي نئين سري سان سنڌي مهاجر فساد شروع ڪرائي ڇڏينديون. پوءِ صورتحال نہ منهنجي سنڀالڻ جي ٿيندي نہ توهان ان کي سنڀالي سگهندؤ. مهاجر دهشتگردي 90ع کان پوءِ سنڌين خلاف ختم ٿي وئي. پوءِ ايڪڙ ٻيڪڙ واقعا ٿيا. 91ع کان 2000ع تائين ٻورين ۾ بند

گهڻا لاش تہ مهاجرن پنهنجن ئي ماڻهن جا موڪليا آهن. سنڌين خلاف اها شدت ڪانهي. ان ماڻار واري پراسيس ۾ نہ ڪنهن ڪي جن نہ ڪن. سڀ ڪو پنهنجو رستو ونيو هلي پيو. هاڻي ان مسئلي ڪي جڏهن متي وٺي آيا آهيو. تڏهن يا تہ ان ڪي رجيڪٽ ڪبو يا قبول ڪبو. قبول آهي يا نہ قبول آهي. ان ڪانسواءِ توهان صورتحال ڪي وچ ۾ ڇڏي ڏنو تہ هتي وري فسادن جو سلسلو شروع ٿي ويندو.

مهاجر دهشتگردي ڪو نئيو مسئلو ڪونهي پر هي سوال رڳو ايم ڪيو ايم جي پندرنهن سالہ دهشتگرديءَ سان ڳنڍيل ڪونهي. هي سوال تہ 47ع ڪان ڳنڍيل آهي. 53 سالن جو سوال آهي. انهن ماڻهن اسان جي ڪلچر جي تذليل ڪئي. انهن اسان جي ٻوليءَ تي ٺوڪون ڪيون. انهن معاشي وسيلن, گهرن تي قبضا ڪيا, زمينون ڦٻايون, ڪليمن ۾ اسان جي شهرن ۽ ٻنين تي قبضا ڪيا, اسان جي نياڻين جون بي حرمتيون ڪيون. دراصل مهاجر سياست ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو آهي, ان خلاف اسان سنڌي ماڻهن جو هڪڙو ڪيس آهي, ان تي ضروري آهي تہ ڪو نہ ڪو ٺياڪڙ وچ ۾ ايندو. ڏرين ڪي ٽيبلن تي ويهاريو ويندو. بحث ٿيندو, معاملا هلندا, پر اسان ڪنهن بہ وقت پنهنجي بنيادي مؤقف تان تر جيترو بہ نہ هٽنداسين. بنيادي مؤقف آهي اسان جي ڌرتيءَ جي سلامتي, جيڪو ماڻهو اسان جي ڌرتيءَ جو دعويدار هجي, جيڪو ان ڪي ورهائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي, ان سان ڪنهن بہ صورتحال ۾ ڪنهن بہ سطح تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي ئي ڪانہ ٿي سگهي. مثال طور آفتاب شيخ چوي ٿو تہ مهاجر اسان جي سب آئڊنٽيٽي آهي. ايئن جيڪڏهن بلوچ سنڌ ۾ چون ٿا تہ اسان جي بلوچ سب آئڊنٽيٽي آهي ۽ سنڌ ۾ بلوچ قومي موومينٽ ناهي وتن سنڌ ۾ ماڇين ۽ سومرن ڪي قتل ڪندا تہ اسان انهن ڪي اها اجازت ڏينداسين ڇا؟ آئون, مولا بخش چانڊيو ۽ يوسف لغاري وغيره گڏجي ٻروچ قومي موومينٽ ناهي ڇڏيون..... اهو تہ ڪوبہ لاجڪ نہ آهي. جيڪڏهن اسان سنڌي آهيون, وڏي سڃاڻپ سنڌي آهي تہ ننڍي سڃاڻپ مگسي آهي, چانڊيو آهي, لغاري آهي, پليجو آهي, ايئن آفتاب شيخ بہ آفتاب مهاجر نہ آهي, شيخ آهي. ساڳيءَ ريت الطاف حسين سي پي, يوري يو پي جو قريشي هوندو, ڪو انصاري هوندو, يا خانزاده, راجپوت وغيره هوندا. اهي ننڍيون سڃاڻپون آهن. باقي مهاجر سڃاڻپ ڇا جي ٿيندي آهي؟ مهاجر ڪابہ سڃاڻپ نہ آهي. مهاجر جو مطلب ئي اهو آهي تہ توهان ڪنهن تڪليف سبب عارضي پناهہ ورتي آهي. توهان ڪي واپس وڃڻو آهي. اسلام جي تشريح وٺو يا اقوام متحده جي تشريح وٺو.

ٻنهي ۾ مهاجر جو مطلب ساڳيو آهي. سنڌ جي ساچاهہ وند ماڻهن کي قومپرستن تي اهو اعتبار ڪرڻ کپي، تہ هي جيڪو پراسيس شروع ٿئي پيو ان ۾ ڪوبہ پريشر نہ آهي، نہ لوڪل ۽ نہ ئي بين الاقوامي ناٽو آهي، نہ خوف آهي ۽ نہ ئي لالچ آهي. هڪ نيڪ نيتيءَ سان اسان جي ڪنوينر سردار عطاءُ الله مينگل لنڊن ۾ پراسيس شروع ڪيو آهي. ان تي بہ ڪجهہ دوستن کي اعتراض آهي تہ اسان کيس اجازت نہ ڏني هئي تہ هو اسان پاران ايم ڪيو ايم سان ڳالهائي، پر ايم ڪيو ايم وارن کيس اپروچ ڪيو پوءِ هن اسان ڏانهن پيغام موڪليو تہ هي ڊولپمينٽ ٿئي پئي. توهان ڇا ٿا چئو؟ اسان چيو تہ ڳالهہ ٻولهہ بلڪل ٺيڪ گهرجي پر اها ڳالهہ سنڌين ۽ هنن جي وچ ۾ ٿيندي، جيڪي دائمي نوعيت جا مسئلا آهن اهي حل نہ ٿيندا ان وقت تائين گاڏي پنڌ تي نہ چڙهندي. باقي اهو تہ غير ذميوار ليڊر هوندو، جيڪو چوي تہ آئون پنو کڻي ٿو اچان، توهان جيڪو وٽي سو لکي ڇڏيو آئون صحيح ٿو ڪري ڇڏيان. اهو سياسي ليڊر نٿو ٿي سگهي. اڄ جيڪو بنا پڇي ڪاغذ تي صحيح ڪري ڇڏيندو ان تي ڪهڙو اعتبار؟ ذميوار ماڻهو توري تڪي لفظ لفظ تي، پئسي پئسي تي حساب ڪتاب ڪري پوءِ لکندا آهن تہ اسان کي ڇا قبول آهي، ڇا قبول ناهي. ان اعتبار کان اسان اهو چوڻ چاهيون ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن اعتبار واري ماڻهوءَ جي اڳواٽيءَ ۾ ڪو اهڙو سلسلو شروع ٿئي ٿو تہ سنڌي مهاجر تفريق وارا مسئلا حل طرف وڃن ٿا تہ اسان کي ان پراسيس جي آجيان ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ايجنڊا کان سواءِ ٻئي جي ايجنڊا کڻي ويهنداسين تہ سنڌ ورهاست تائين پهچي ويندي ۽ اسان کي ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيندو. ان ڪري اسان ان راءِ جا آهيون تہ پونم ۾ مٿي ذڪر ڪيل نقطن تي ڪنهن ڊر کي شامل ڪري سگهجي ٿو. هاڻي اهو متحده مٿان آهي تہ اها وضاحت ڪري تہ اها انهن ٽن نقطن کي قبول ڪري ٿي يا نٿي ڪري؟ اهو متحده جي مٿي جو سور آهي، پونم جي مٿي جو سور نہ آهي. ترقي پسند پارٽي ان راءِ جي آهي تہ سنڌ ۾ هن نئين دؤر جي شروعات ٺيڪ گهرجي ۽ جيڪو بہ دوست ان بنياد تي اسان سان گڏجي ڪم ڪري تہ اسان تيار آهيون. توهان دوستن جي وڏي مهرباني جو اوهان اسان کي هي موقعو ڏنو.

**عبرت:** ڊاڪٽر قادر مگسيءَ ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ڪيون، ڪافي وضاحتون بہ ٿيون. متحده جي پونم ۾ شموليت واري نقطي جي بہ ڇنڊڇاڻ ٿي. هاڻي اسين دعوت ٿا ڏيون سنڌ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سربراهہ يوسف لغاريءَ کي تہ هو ان

باري ۾ پنهنجي پارٽيءَ جو مؤقف پيش ڪري.

**يوسف لغاري:** پونم سياسي پارٽي نہ آهي. ماڻهو ڏسن ٿا تہ پونم جو جيڪو مؤقف آهي، سو انهن ۾ وينل سياسي پارٽين جو مؤقف آهي، پر ايئن نہ آهي، سيني پارٽين جو پنهنجو آئين ۽ منشور آهي. اسلام آباد ڊڪليئريشن تي سڀئي پارٽيون متفق آهن. پونم سڄو پروگرام ان تي هلائيندي، پونم چوي ٿي تہ پنجاب جي ورهاست ٿيندي، سنڌ جي نہ ٿيندي، پنجاب تقسيم ڪري سرائيڪي صوبو ٺاهيو وڃي، باقي سنڌ جي تقسيم قبول نہ آهي. پونم قومن جو اتحاد آهي، سياسي پارٽين جو نہ. ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ان تي صحيح ڪئي آهي. پونم ۾ شامل سموريون پارٽيون پاڪستان پونم ۽ سنڌ پونم جي ڊسيپلين جون پابند آهن. افضل خان ۽ عطاءُ الله مينگل پونم پاران جيڪي فيصلا ڪن ٿا، تن سان اسين ٻڌل آهيون. پارٽيءَ جا پنهنجا مؤقف آهن. هتي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي مؤقف سان ٻڌل آهيان. پونم بابت وضاحت ڊاڪٽر قادر مگسي ڪندو. سنڌ جا ماڻهو ان اصول تي قائم آهن تہ رنگ، نسل، ٻولي ۽ مذهب جي بنياد تي سياست نہ ٿيندي. قومن کي پنهنجا وطن، ٻولي، وسيلا، ڪلچر ۽ ڌرتيون آهن. ڪن وٽ اهي موجود آهن، ڪن کان ڦُرجي ويا آهن. انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسين حصو آهيون. پونم ۾ بہ ان ڪري شامل ٿيا آهيون. مون کي جيڪڏهن اها خبر هجي ها تہ آفتاب شيخ اچي ٿو تہ آئون نہ اچان ها، چاڪاڻ تہ اسين سمجهون ٿا تہ جيڪا پارٽي سنڌ جي تفريق ۽ تقسيم چاهي ٿي، ان کي اسان ڌر قبولڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيون. باقي پونم جو فيصلو مون کي قبول آهي. چاڪاڻ تہ اتي جمهوري طريقي سان فيصلو ٿئي ٿو. مولا بخش چانڊيي صحيح چيو تہ مهاجر لفظ ادب ۽ ٻوليءَ جي غلط تشريح جو حصو آهي، اهو سياسي ٽرمنالاجيءَ ۾ استعمال ٿيو آهي. مهاجر ڪا بہ قوم نہ آهي. پناهہ وٺندڙ ماڻهو آهن، انهن کي پناهہ وٺندڙ چئو. اسلام ۾ بہ مهاجر ازم ختم آهي، حضور ﷺ جن مڪو فتح ڪيو تہ هجرت تي بندش وڌي وئي. مهاجر ۽ اسلام جي آڙ ۾ ٿيندڙ هنن جي سياست غير اسلامي تہ آهي پر قومن جي بنيادي فلسفي جي بہ خلاف آهي. مهاجرن جي سموري سياست رنگ، نسل ۽ مغل ازم جي ڪلچر جي رهي آهي. مغل هندستان فتح ڪندي مندر ڊاهيندي، مسجدون ٺاهيندي ٿي ويا، انهن ساڳيو ڪلچر هتي پاڪستان ۾ آندو. مهاجر نہ قوم آهن نہ ٻيو ڪجهہ. مهاجر شروع کان وٺي اقتدار اعليٰ تي موجود آهن. پهرئين وزيراعظم لياقت علي مهاجرن جا سڀ مفاد قائم ر کيا ۽ سنڌي قوم جي فلسفي کي رد ڪري سنڌ جي

ڏرتي ورهائڻ جو عمل شروع ڪيو. هن سنڌي ٻوليءَ کي ڌڪيو ۽ سنڌ کان ڪراچي ڦري ورتي. هن پارت کان مهاجر گهرائي شهرن ۾ پنهنجو تڪ ٺاهيو. اهو ٻج لياقت عليءَ جو وڌل آهي. نواب مظفر ۽ ٻيا ان جا ساٿي رهيا آهن. 51ع ۾ بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻولي ٺهڻ نه ڏنو ويو. ون يونٽ جي حمايت ڪيائون. 58ع ۾ مارشل لا جي حمايت ڪيائون. تعليمي ڪميشن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏئي اردوءَ کي آڻڻ واري ڪم جي هنن حمايت ڪئي. ذوالفقار علي ڀُٽي جي سنڌي هئڻ جي حيثيت ۾ هنن مخالفت ڪئي. سندس ڦاسيءَ تي مٺايون ورهايون ويون. باقي هاڻي جڃن واري ڳالهه ايئن ئي ڪن ٿا. ٻوليءَ واري بل تي هنن فساد ڪيا. ايم آر ڊيءَ واري تحريڪ جي هنن جي اردو پريس ۽ سياسي پارٽين مخالفت ڪئي. پاڪستان جي سياست نواءِ وقت ۽ جنگ هلائي آهي. بعد ۾ ايم ڪيو ايم ٺهي، ان جا سڀ مطالبا، سنڌ کي ورهائڻ کان سواءِ سڀ ڊي سي جي قبولڻ جهڙا آهن. هي ڊوميسائيل جي بنياد تي ته سنڌ جي ڪوٽا ختم ڪرڻ چاهين ٿا پر پنج سيڪڙو اجان ختم نه ٿي آهي، جيڪا لياقت علي خان ان ڊوميسائيل وارن لاءِ ٺاهي هئي. هن هندستان مان ايندڙ ماڻهن لاءِ مقرر ڪئي هئي.

**قادر مگسي:** اها 15 سيڪڙو هئي.

**يوسف لغاري:** اها ايئن آهي، اها ڪوٽا مهاجرن کي آباد ڪرڻ لاءِ هئي. هنن جي ايم سيد سان ٺاهه ڪيو پ پ سان ٺاهه ڪيو نواز شريف سان ٺاهه ڪيو، جام صادق سان ٺاهه ڪيو، اهي سڀ مطالبا سنڌي ماڻهن خلاف هئا، حڪومت مخالف نه هئا، اڄ ڏينهن تائين مهاجرن جي حلقي مان ڪوبه سنڌي ڪامياب ٿي نه آيو آهي. ٺٽي مان پليجو ۽ قادر مگسي ته هارائين ٿا، معراج محمد خان ڪٽي ٿو ان مان هنن جي نسلي سياست جي پروڙ پئي ٿي. هنن سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئيو. ميرپورخاص شهر ۾ 1947ع ۾ 51 سنڌي پرائمري اسڪول هئا، هن وقت هڪڙو آهي. هن وقت به جيڪي "برگيڊيئر وغيره اچن پيا" جي واويلا ڪري رهيا آهن، تڏهن به چيف ايگزيڪيوٽو کان وٺي پاڪستان جي يا سنڌ جي وزارتن ۾ هي اڪثريت ۾ آهن. آءِ جي، چيف سيڪريٽري ۽ سنڌ ۾ سيڪريٽرين ۾ هي اڪثريت ۾ آهن. بئنڪون هنن جي حوالي، فوج هنن جي حوالي، ٽيليويزن به هنن جي حوالي آهن ۽ ايئن به آهي ته ايم ڪيو ايم جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي سنڌيءَ، پناڻ يا پنجابيءَ کي مارڻ جي ڪيس ۾ سزا نه آئي آهي. اهو اُصول آهي ته ڪنهن به علائقي ۾ اڪثريت کي ختم ڪرڻ لاءِ رولنگ ڪلاس اتي جي اقليت کي

استعمال ڪندو آهي. هي پنجاب جا حصيدار رهيا آهن. سنڌ ۾ پنجاب جي استحصال کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هنن شيئر ورتو ۽ 52 سالن تائين سنڌ کي غلام بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو. هنن سنڌي قوم خلاف گناهہ ڪيو آهي. ان ڪري ئي اسين هنن کي ڏر تسليم نٿا ڪريون. هي پونم جي ڊڪليئريشن تي صحيح ڪن، پوءِ ئي هنن سان ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون. اصل ڳالهہ اها آهي تہ هي اعتبار لائق نہ آهن. نائون مل تہ هڪڙو هو هنن جو تہ ٻچو ٻچو نائون مل آهي. پاڙي وڪڻڻ ۾ هنن جو هٿ، هندستان سان پاڙي وڪڻڻ جو ناهہ پئي ٿيو سنڌي ماڻهو رڙيا پئي، هنن ناهہ پئي ڪيو. زمينون هنن ورهايون، هنن پ پ، جي ايم سيد، نواز شريف ۽ ايتري تائين جو ايجنسين سان بہ هنن نڀي ڪئي.

**رسول بخش پليجو:** اهو واقعي وڏو ظلم ٿيو......

**يوسف لغاري:** جن هن کي پالي وڏو ڪيو هي انهن جا بہ نہ ٿيا، تہ اسان جا ڪٿان ٿيندا؟ اها پونم جي ڊيوٽي آهي تہ هنن کان اعتبار ڪيئن وٺي؟ ڪوٽا جو مسئلو تہ پونم جي منشور ۾ ڪونهي. نوڪرين جو اشو تہ پونم جو آهي، اهي پارٽين جا اشو آهن، اهي پونم ۾ حل نہ ڪيا وڃن. اسين پونم ۾ متحده جي شموليت جا سخت مخالف آهيون. پل ڊيموڪريٽڪ پارٽي پونم ۾ ويٺي رهي تہ اها گذارش ڪندي تہ انهن تي چيڪ رکڻ لاءِ بہ ڪجهہ ڪريو. آفتاب شيخ جون ڳالهيون مختلف آهن. ڪاوش جي انٽرويو ۾ هڪڙيون ڳالهيون ڪيائين، اڄ ٻيون ڳالهيون پيو ڪري. هن جون اڄوڪيون ڳالهيون مٺيون آهن، هيءَ تہ هڪڙي ڏينهن ۾ ڦري وڃن ٿا. باقي جيڪڏهن اهڙو ناهہ ڪرڻو آهي تہ بينظير سان ڪريون، هنن سان ڇو ڪريون؟ پ پ تي اعتبار ڪونهي. بينظير کي سنڌ جي نياڻي سمجهون ٿا، ان سان ناهہ نٿا ڪريون، اها قوم ورهائڻ جي ڳالهہ نٿي ڪري، اها ٻيءَ ڳالهہ آهي تہ پنهنجو شيئر گهري ٿي...... اها پونم جي ڊيوٽي ٿيندي تہ هو ان معاملي کي ڏسي، هنن تہ شرطيہ طالبان کي بہ اجازت ڏئي ڇڏي آهي. سياڻي ايئن نہ ٿئي تہ اسين عوام وٽ جوابدار هجون، پونم کي سنکيو ڪارائڻ نہ گهرجي. ڊيموڪريٽڪ پارٽي محافظ آهي، اسانکي ڪنهن جي نيت تي شڪ نہ آهي. فيصلا سنڌ جي مفاد ۾ ڪيا ويا آهن. اسين عوام وٽ ويندا سين ۽ چونداسين تہ اسين ايم ڪيو ايم جي جعلسازي ۽ فراڊ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهيون.

**عبرت:** هاڻي اسان عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي کي دعوت ڏيون ٿا تہ هو پنهنجي راءِ پيش ڪري.

رسول بخش پليجو: آئون عبرت جو شڪر گذار آهيان تہ هن اسان کي اهو موقعو ڏنو آهي تہ اسين سنڌ جا جيڪي بنيادي مسئلا آهن, انهن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪريون. آئون ڦڏي جون ڳالهيون ڪندو آهيان. جيڪي منهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندڙيون آهن. پر چاڪاڻ تہ اهي ضروري هونديون آهن ان ڪري ڪندو آهيان. هنن جيڪو آفتاب شيخ گهرايو آئون ان خلاف هئس پر هن جو اچڻ اسان جي فائدي ۾ ٿيو. جڏهن دوستن سمجهايو تہ ڪابہ ٺڳي وغيره ڪونهي. اوهان ڪي نقط نظر سمجهڻ ۾ مدد ملندي. ڳالهہ ٻولهہ سان وڏيڪ چٽائي ٿي. خير هونءَ تہ اسان کي خبر ئي ڪانہ پوي ها تہ هي بزرگ ڇا ڇيا سوچين ۽ ڇا ڇيا ڪن؟ هي اسان کي ريئر اپرچونٽي ملي تہ هنن جي جيڪا ليٽيسٽ پوزيشن آهي, اها معلوم ٿي, سمجهڻ جو موقعو مليو.

اسين اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن خلاف نہ آهيون. روءِ زمين جي محنت ڪش عوام جي برادري ۽ دوستيءَ ڪانسواءِ هن دنيا جي نجات نہ ٿيندي. آئون يوسف لغاريءَ جي ان ڳالهہ سان متفق آهيان تہ اسين رنگ ۽ نسل جي تفريق خلاف آهيون. اسان رڳو اهو ٿا ڏسون تہ هي صحيح آهي يا غلط آهي, حق تي آهي يا ناحق تي آهي. باقي رنگ ۽ نسل جي بنياد واري سياست جي سخت خلاف آهيون. مون اردو ٻولي الاهي پڙهي آهي ۽ چاڪاڻ تہ پاڻ کي ترقي پسند سڏايون ٿا, ان ناتي ۾ اسان جو سڄو ترقي پسند سرچشمو اردو ادب رهيو آهي. هاڻي تہ آئون سڄيءَ دنيا جو ترقي پسند شاعر لطيف کي سمجهان ٿو پر جڏهن بي خبريءَ جو عالم هو تڏهن سمجهندا هئاسين تہ سنڌ ۾ رُڃ لڳي پئي آهي, باقي جوش مليح آبادي, سردار جعفري وغيره اسان جا اڳواڻ رهيا آهن. فيض احمد فيض, مجروح سلطان پوري, اختر الايمان وغيره جا اسين پوئلڳ آهيون. برصغير جي رهبرن ۾ هنن جو شمار ٿئي ٿو. مون اردو ادب کي تمام گهڻو پڙهيو آهي. هڪڙي لمحي لاءِ بہ اسان کي ڪنهن ماڻهوءَ خلاف رڳو اهو خيال ٿئي تہ هن جي ٻولي فلاڻي آهي تہ ان ڏينهن آئون ان حد تائين پاڻ کي گهٽ درجي جو فرد سمجهندس, آئون سمجهندس تہ اڄ مون هڪڙو ڪچو ۽ ڪڌو ڪم ڪيو. دراصل اسان ٻين ماڻهن جو احترام ان ڪري بہ ڪريون ٿا, جو اسان سنڌي آهيون. چاڪاڻ تہ اسان جي ورثي ۾ ماڻهن کي نفرت نہ ڪرڻ, انسان کي انسان سمجهڻ مليو آهي. ان تي مون کي فخر ٿيندو آهي تہ ڏسو اسان ڪيڏي فائدي ۾ آهيون تہ اسان جي ڪلچر ۾ نفرت, تعصب ۽ ٻين جا ٽيڙ ڪائي وچڻ شامل نہ آهي. فرد طور خراب ٿي سگهون ٿا,

پر بحيثيت هڪ قوم جي اسان ۾ چڱايون آهن. ان ڪري چوندا آهن ته لٺ ڪڍجي ياءُ ڪارڻ، شاهدي ڏجي خدا ڪارڻ، اهو اسان جو ڪلچر آهي. آئون چوندو آهيان ته اسين سنڌي بهشت جا حقدار هجون نه هجون، باقي سوشلزم جي پهرين صف ۾ ويهڻ جا اسين حقدار آهيون، عالمي اتحاد جو ڪو موقعو ٿيو ته اسين اڳيان هونداسين جو اسان جو ڪلچر ان جي ويجهو آهي، اسان جي اڳيان ڪوبه ڪنسيڊريشن نه آهي. اردو ڳالهائيندڙ منهنجا دوست آهن. آئون ڪين چوندو آهيان ته توهين رڳو تنگ آهيو بدمعاشيون ڪريو ٿا، دوستيءَ جو سبب جناب اعليٰ وغيره نه آهي. آئون هنن کي چوندو آهيان ته جڏهن هنن نياڻين جون عصمتون لٽيون ان وقت اوهان هنن کي ڇو نه روڪيو. جڏهن هنن ٻاهيون ڏنيون هنن کي ڇو نه روڪيو، جڏهن هنن ٽرڪن ۾ سامان وجهي نياڻين کي پيرين اُگهاڙي موڪليو، تڏهن توهان مان ڪير هو جنهن هنن کي چيو ته اها بدمعاشي بند ڪريو..... اسان وٽ الطاف حسين ڪو ٿي ته ڏيکاري..... "هم ڪو دعائين دو ڪه تم ڪو قاتل بناديا." اسان وٽ ڏاڙيل پيدا ٿين ٿا، باقي جيڪڏهن همت افزائي ڪريون ته ڇو ڪونه ٿو دهشتگرد پيدا ٿي سگهي؟ اسين ته الاهي آهيون. دوستن جي پٺي ٺپري ڇڏيون ته ڪيئن نٿو ٿي سگهي. هنن ته پنهنجا سنڌي ڳالهائيندڙ ناني مارائي ڇڏيا. هنن جو ته سڀ ڪجهه نفرت تي ٻڌل آهي. 1930ع ڌاري يو پي سرڪار فيصلو ڪيو ته اردو سان گڏ هنديءَ کي به قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيون ته هنن "اردو ڪا جنازه هي ذرا ڌوم سي نڪلي" وارو شعر پهريون پيرو لکيو ۽ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا، باقي 71ع واري ته هاڻي جي ڳالهه آهي.

آفتاب شيخ اسان جو پراڻو دوست آهي، اسان گڏ وڪالت ڪئي آهي. مون سان سدائين رابطي ۾ هوندو آهي، پر تعلق جو بنياد ان ڳالهه تي هوندو آهي ته مان سدائين ڪيس چوندو آهيان ته توهان پينگ ڪري ڇڏي آهي. هتي دوستن به قومي نظريي جي ڳالهه ڪئي. به قومي نظريي جي باري ۾ غلط پروپيگنڊه ڪئي وئي آهي. جيڪو به قومي نظريو محمد علي جناح جو هو، اهو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. هنن ڦيرائي ڇڏيو آهي. محمد علي جناح 14 آگسٽ تي آئين ساز اسيمبليءَ جي صدر چوندجڻ جي موقعي تي تقرير ڪندي چيو ته هندستان ۾ ٻه قومون آهن. هڪڙي قوم آهي پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو ۽ ٻي قوم آهي هندستان ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو، سمورن مذهبن جا، ان کان اڳي هندستان جا سڀ هندو هڪڙي قوم هئا ۽ مسلمان ٻي قوم هئي پر جڏهن 3 جون تي اهو فيصلو ٿيو

تہ پاڪستان ۾ هندستان نهندا تہ هن ان نظريي کي Up to date ڪيو ۾ چيائين تہ اڄ کان پوءِ هندستان جا سڀ ماڻهو سمورن مذهبن، ٻولين، رنگ، نسل جا هڪڙي قوم ۾ ايئن پاڪستان جا سمورا ماڻهو ڪنهن بہ مذهبي، نسلي فرق کان سواءِ ٻي قوم. بہ قومي نظريو اهو هو. پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ بہ قومي نظريو ترقي پسند نظريو هو. محمد علي جناح بہ قومون ۾ بہ مذهب جو نظريو ختم ڪري ڇڏيو هو. هن چيو تہ بہ ملڪ، بہ قومون، اهو اصل نظريو اجان تائين قائم رهڻ گهرجي، پر هنن کوڙ ڪري ڦيرائي ڇڏيو آهي. لياقت علي خان آئين ساز اسيمبليءَ ۾ هڪڙو ٻيو فتنو پيدا ڪري ڇڏيو ۾ سڄي ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏيائين تہ ان اسيمبلي، جيڪا چونڊيل هئي، تنهن جي مٿان هڪڙي مذهبي ايڊوائزري ڪميٽي ٺاهيائين. اسلامڪ ايڊوائيزري بورڊ ۾ ان جو چيئرمين ٺاهيائين هڪڙي هندستانيءَ کي، اهو پاڪستان جو شهري هو ئي ڪونہ. پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي مٿان هڪ باڊي ۾ تنهن جو چيئرمين ۾ اهو پاڪستان جو شهري هو ئي ڪونہ. هندستاني هو. مولانا سليمان ندوي لکنؤ ۾ وينو هو. اسيمبليءَ جا سڀ پاور هن لکنؤ ڏياري موڪليا. شهرن ۾ آرڊر ڪيائون تہ شهرن ۾ ڪوبہ ماڻهو 10 هزارن کان وڌيڪ ملڪيت نٿو وٺي سگهي ۾ ايئن سمورا شهر کوڙا قانون ٺاهي ڪسي ڇڏيائون. ڪراچي ڏک ۾ ڪسجي وئي. ٻولي اسان جي وئي هئي. هاڻي اسين هتي ڪا ڳالهہ ٿا ڪريون تہ هتي اسان جي پنيان باهيون آهن. مان پڇان ٿو تہ ڪو دانشور آهي جيڪو درست ڳالهہ ڪري؟ هنن جا دانشور بہ دهشتگردن سان گڏ آهن ۾ هتي اسان جي پانچي ۾ هٿ آهي. هاڻي اها صورتحال آهي. اسانجي دوست يوسف سڄي ڳالهہ توهان سان ڪئي پر هن جي "قانوني" پوائنٽ ڪهڙي آهي تہ هي ويچارو ٻن ڳالهين کان مجبور آهي، هڪڙي تہ پارٽي هن کي مجبور ڪيو ويٺي آهي ۾ ٻيو پونم جو ڊسيپلين هن کي ماريو وينو آهي. بس ڏکي پيو ڊسيپلين کان. چوي وينو تہ هي بلائون آهن، نانگ آهن، مصيبتون آهن، عذاب آهن، پاڻ ٻڌائي وينو پر يوسف ڊسيپلين ۾ جهليو پيو آهي، هو روز ٿا بيان بدلائين، ڪالهہ هڪڙو اڄ ٻيو، سياڻي ٿيون، سنڌ وڃي تباهہ ٿئي، سڀ ٽپڙ ڪڇي وڃن پر اسان جو يوسف ڊسيپلين ۾ جهليو پيو آهي. آئون ٿو کيس دلجاءِ ڏيان جو انهيءَ ڊسيپلين جي خوف کان آجو ٿي، مڙس ماڻهو ٿي بيهي، پوءِ جيڪو يوسف جو نقصان ٿيو اهو عوامي تحريڪ پري ڏيندي. اسين ساڻس گڏ هونداسين. وڪيل آئون اڳي آهيان، لٺ ڏکو اسين ڪٽنداسين. ابرار وينو آهي، ان کي بہ گذرش

ڪبي تہ ٻيلي يوسف ڪي ڊسيپلين ڪان بچائجو. معنيٰ سچي ڳالھہ ۽ درد جو سچو داستان بيان ڪري آخر ۾ اهو چئبو تہ انهن ڪي آٽيو. قادر جي هيڏي تعريف ڪئي اٿائين پر سندس ڳالھہ وساري ڇڏي اٿس. هو (ڊاڪٽر قادر) واضح چوي ٿو تہ بابا پونم جي فيصلي ۾ متحده جو ذڪر ئي ڪونهي. هي وري اهو ساڳيو رينگٽ ڪنيو وينا آهن. بابا فيصلو ڪونہ ٿيو آهي. قادر ڪنوينر وينو آهي، پڇوس. هو چوي پيو تہ هنن شرطن تي جنرل قسم جو فيصلو ٿيو آهي. اهو سڀ ڇو آهي؟ مينگل صاحب جو پنهنجو معاملو آهي. اسان جا پنهنجي نوعيت جا مسئلا آهن. ڊسيپلين..... ڊسيپلين.... 50 سال اسان سياست ڪئي آهي. هيءَ ڏوهٽي ٿي نانيءَ کي سيکاري. بابا ايئن نہ ڪر. ڏاهو ٿي متحده جي ايڊمٽ ٿيڻ جو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. هر قوم جو پنهنجو مفاد آهي. ڇا ڪنهن تنظيم يا اتحاد ۾ شامل ٿيڻ سان ماڻهو پنهنجا سڀ ٽپڙ ڏيئي ڇڏيندو؟ بلڪل نہ. قطعي نہ. اسين مختلف خيالن ۽ مختلف مفادن وارا ماڻهو آهيون. اسان جا خيال ۽ مفاد ڪيترين ڳالهين ۾ ساڳيا آهن پر ڪيترين ڳالهين ۾ مختلف آهن. ڇا، ايم ڪيو ايم جي مصيبت بلوچن ۽ پناڻ تي اها ساڳي آهي ڇا، جيڪا اسان سان آهي؟ پلا جيڪو بلوچن سان مُلن جو مسئلو آهي، اهو اسان سان آهي ڇا؟ اسان جا مُلا اهڙا رهزن آهن ڇا؟ هر ڪنهن جي مسئلن جي حساسيت ۽ نوعيت پنهنجي آهي، اسان پونم ۾ هڪبئي کي پنهنجون قومون لکي پڙهي ٿورو ئي ڏنيون آهن. نہ وري هو ايئن سمجھن ٿا. اسان اهو خراب ڪيو آهي. يوسف اسان کي وري قانون ٿو ٻڌائي تہ پونم ڪوٽا سسٽم تي نہ ٿي ڳالهائي سگهي. جي ايئن هجي تہ پوءِ پونم مرض کھڙي جي دوا آهي؟ ڪنهن کي ٿا پٽيون پڙهايون؟ پونم کي ڪنهن بہ غير سنڌيءَ کي داخل ڪرڻ جو اختيار نہ آهي. هي تہ اڄ ڇئي ويو آهي تہ اسين مهاجر آهيون. اسين چريا آهيون؟ سو هنن جي پونم ۾ اچڻ جو سوال ئي نہ آهي، آئون قادر سان متفق آهيان تہ اهو جدا Process آهي. ايترو ڊگهو بہ نہ ڪجي جو ڏھ جنم گذري وڃن ۽ ايتري تڪڙ بہ نہ ڪجي جو تباهي ٿي وڃي. اهو هڪ واقعي اشو آهي. جيڪڏهن اسان جي وچ ۾ ڊائلاگ ٿيندو رهي. اسين پونم کان ٻاهر ڳالهائيندا رهون، ڇو تہ هي مسئلو پونم جي ليول جو آهي ئي نہ. مان هڪڙي ٻي ڳالھہ ٿو ڪريان تہ هن مسئلي ۾ سڀ کان وڏيڪ دلچسپي هن مشرف حڪومت کي آهي. اهي پ پ پ کي Replace ڪرڻ چاهين ٿا. هن سچي ڳالھہ جو محرڪ جنرل مشرف آهي ۽ هي سڀ گڏ آهن. يعني هڪڙي طرف ايم ڪيو ايم

وارا هندستان وجي ملڪ خلاف تقريرون پيا ڪن ۽ ٻئي طرف مشرف صاحبان هنن جا هڪ هزار ماڻهو جيلن مان ڪڍيا آهن. توهان اڄ اخبار پڙهي آهي؟ هڪ هزار قاتل ۽ جلاد آزاد ڪيا ويا آهن. آفتاب شيخ صاحب چوي ٿو ته اسان کي مينڊيٽ آهي. منهنجا پاءُ توهان کي ايڏي سپورٽ هوندي ته مينڊيٽ ڪيئن نه ملندو؟ پرو چانڊيي کي ايڏيون سهوليتون ۽ مراعتون ڏيو. ڪيس ماڻهو مارڻ ۽ بربريت ڪرڻ جا پروانا ڏيو پوءِ ڏسو مينڊيٽ ڪيئن نه ٿو ملي؟ مٿان اها به پڪ هجي ته ڪيس داخل نه ٿيندا، قاتل آزاد ٿيندا، ڪروڙ ملندا، اسان جي ڌاڙيلن کي اهڙي ڇوٽ ڏيو ڏسو ته ملڪ جا مالڪ ٿين ٿا يا نه؟ ڪيس چالان نه ٿيندا، فرسٽ رپورٽ داخل نه ٿيندي، ڪنهن هڪڙي قاتل کي سزا نه ملندي، هر حڪومت کين اکين تي ويهاريندي، اخبارون وٽن يرغمال رهنديون، هر جاءِ تي سندن وڪالتون ٿينديون ته پوءِ مينڊيٽ ڇو نه ملندا؟ آئون چوان ٿو اهو ڪوڙو بوگس مينڊيٽ آهي. توهان دهشتگردن کي قتلن، دهشتگردين، ملڪيتن ڦرڻ، عزتن لٽڻ، اخبارن کي يرغمال ڪرڻ ۽ حڪومتون ڪرڻ جا پروانا ڏيندا ته پوءِ مينڊيٽ ڪيئن نه ملندو؟ "همين دعائين دو، تمهين قاتل بناديا" اسان ڪان وڏيڪ ڏاڍا آهن، پڙهيل آهن، بهادر آهن، اسان وانگي مٿي ڪاٿي هي وڙهندا؟ آئون چوڻ هي ٿو گهران ته هي سڄو ٽڪساٽ هن گورنمينٽ جو آهي. پنجابي جنرلن کي ڊيڪارٽو آهي ته جي توهان گڙٻڙ ڪندا ته هي سڀ ياجوج ماجوج توهان کي ٻڇيا ويندا. تنهن ڪري هنن کي ڊسٽرب نه ڪريو. سٽي حڪومت ڪراچيءَ ۾ ٺهي پئي. ميٽروپوليٽن پوليس ٺهي پئي. سڄي سنڌ هنن جي حوالي ڪئي ويندي. اهو سڀ ڪير پيو ڪري؟ مشرف پيو ڪري. پونم ۾ هنن جي شموليت جي سوال جو تعلق به انهن سان آهي. توانائي بخش چونڊون ڪرائي، شهر هنن جي حوالي ڪيا ويندا. مڪمل طرح نالو هوندو سٽي گورنمينٽ جو ۽ ميٽروپوليٽن پوليس جو. دهشتگرد آزاد ڪيا اٿن، جو اهي هنن کي اليڪشن ۾ کپن. مان پڇان ٿو هن موقعي تي ئي کين ڇو آزاد ڪيو ويو آهي؟ اسان جو موقف آهي ۽ عوامي تحريڪ سمجهي ٿي ته الطاف حسين ۽ هيءَ حڪومت به شيون نه آهن، هڪڙي شيءِ آهن. پنجاب کي چئبو سنڌ جا حق ڏيو ۽ سنڌ هنن جي حوالي ڪبي. پاڪستان تي پنجابي ۽ پناهگير جي هڪ هٽي ۽ بالادستي گڏ آهي. هينئر مسئلو اهو آهي ته پنجابي هنن کي اهو ڦرلٽ جو حصو نه ٿا ڏين. اسان کي ٿا ٻڌائين ته اسان جون هيتريون سيٽون آهن. اها ڳالهه اسان لاءِ رحمت يا تباهي؟ اهي سيٽون ڪنهن جي فائدي ۾ آهن؟

جي توهان وٽ ووٽ آهن، چار تہ چار آنا عذاب ۽ جي توهان ووٽ آهن پنجاهہ تہ پنجاهہ آنا عذاب. اوهان جي طاقت ۾ واڌارو اسان لاءِ عذاب يا فائدو؟ تنهن ڪري اها ڳالهہ اسان کي Totally سوٽ نہ ٿي ڪري. سنڌ جي فائدي ۾ ڪونهي. پاڪستان جي فائدي ۾ ڪونهي. هن تي هڪڙي لمحي لاءِ اعتبار ڪرڻ ڪرمنل ڪم ٿيندو. هي ڪم چنيسر جي روايتن کي زندهہ رکڻ ٿيندو. هي ڏوهہ راشدي ۽ کهڙي جي غداريءَ کان وڏو ڪم ٿيندو. اهو مظلوم، بي واهي، رت ۾ ٻڏل ۽ بي زبان سنڌ سان ظلم ٿيندو. سنڌ جو پاڻي بند آهي، هنن هڪڙو اکر ڳالهايو آهي؟ مان چوان ٿو تہ ٻيو تہ ٺهيو پونم جي لنڊن ۾ ويٺل قيادت سنڌ جي هن تباهيءَ تي لفظ ڳالهايو آهي؟ نائن زيرو جو فون ڪٽجي ٿو تہ پونم جي قيادت جو بيان ٿو اچي پر سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙي بابت پونم جو ڪو بيان آيو آهي؟ اسين چئون ٿا تہ اسين برابريءَ جي بنياد تي رهنداسين. اسان سان اها روش بند ٿيڻ گهرجي. هنن ٿل پروجيڪٽ ڪيو آهي، ڪو بيان آيو؟ نہ. هو وڏو واهہ ٺا ڪيڻ، پونم جو ڪو بيان نہ آيو آهي. ڇا نائن زيرو جي فون جو ڪٽجڻ سنڌ جي زندگيءَ کان وڌيڪ اهم آهي؟ اسان پاڻ کي ايڏو سستو ڪريون جو رڳو ٻين جي پيرن ۾ پيا هجون. باقي هنن سان (متحده سان) ڊائلاگ هئڻ کپي. هي ڏکهو پروسيجر آهي، هڪ ٻئي جون ڳالهيون ٻُڌبيون. اڄ آفتاب صاحب ڪجهہ ڳالهيون ڪيون آهن، انهن تي غور ٿيڻ گهرجي. رڳو هنن سان نہ پر اردو وارن جي ٻين فورمز سان ڊائلاگ مختلف سطحن تي ٿيڻ گهرجي. سيني سان ڊپلوميٽڪ مورچي تي ڳالهيون ٿيڻ گهرجن.

**ڊاڪٽر قادر مگسي:** مان هڪڙي وضاحت ڪريان تہ پونم ڪنهن بہ سطح تي ڪابہ ڊيل نہ پئي ڪري، پونم رڳو مينگل صاحب وارا نہ آهن پر اسان بہ آهيون. پليجو صاحب آهي، يوسف بہ آهي، مينگل صاحب وارا ڪنهن سان انفرادي طور ڳالهائين ٿا تہ ٻي ڳالهہ آهي پر پونم ڪابہ ڊيل نہ پئي ڪري. اهو واضح ٿيڻ گهرجي. سڄي پونم تي الزام هڻڻ درست نہ آهي.

**يوسف لغاري:** مان هڪڙي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ڇاڪاڻ تہ پليجي صاحب مون تي طنز ڪري ڳالهايو آهي. پهرين ڳالهہ تہ مان عبرت فورم تي جانبداريءَ جو الزام ٿو هڻان. مون کي جواب ۾ ڳالهائڻ ڏنو وڃي.

**رسول بخش پليجو:** توهان گاريون ڏيندؤ تہ اسين بس ڪنداسين ڇا؟ باقي پنهنجو اختلافي مؤقف رکو مون تي پل ڳالهايو. فورم کي ڊسٽرب نہ ڪريو.

**جامي چانڊيو:** يوسف لغاري صاحب سينيئر ماڻهو آهي، هن فورم ۾ پرسنل ٿي

نہ ڳالهائڻ گهرجي، باقي جيڪو بہ اختلافي مؤقف آهي اهو ٻڌڻ ۽ شايع ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

**يوسف لغاري:** چڱو مان پنهنجي اصل ڳالهہ تي ٿو اچان، مون کي نظر اهو پيو اچي تہ جڏهن منهنجي خلاف ڳالهايو ويو تہ ڪنهن کي اعتراض نہ ٿيو. هڪڙي ماڻهوءَ کي بہ نہ ٿيو. مون کي عبرت فورم تي بہ اعتراض آهي. مان وضاحت ٿو ڪريان تہ پليجو صاحب جو اهو پنهنجو مؤقف آهي، فيصلو اهو ٿيو آهي، جيڪو بہ هنن شرطن تي صحيح ڪندو اهو شامل ٿيندو.

**رسول بخش پليجو:** اهو غلط آهي، رڳو صحيح نہ ڪندو پر اسان کي مطمئن ڪندو، Satisfy ڪندو. غلط بياني نہ ڪريو. جيڪا بہ ڏر اپلاءِ ڪندي پوءِ جي اسان مطمئن ٿيون ۽ قبول ڪريون تہ شامل ٿي سگهي ٿي. ايئن نہ آهي تہ جيڪو بہ اچي ڪوڙي ها ڪري تہ شامل ٿي ويندو.

**يوسف لغاري:** پليجي صاحب جو موقف آهي تہ اهو فيصلو نہ ٿيو آهي، هاڻي اپلاءِ ڪندي تہ پوءِ ڏسبو. منهنجو موقف هنن کان مختلف آهي. مون کي ٻين جي موقف تي اعتراض ناهي، پر منهنجو موقف اچڻ گهرجي تہ هي شرط اسان رکيا آهن تہ انهن تي جيڪا بہ پارٽي صحيح ڪندي اها شامل ٿي سگهي ٿي.

**رسول بخش پليجو:** بابا رڳو صحيح نہ ڪندي پر مطمئن ڪندي.....

**يوسف لغاري:** اهو توهان جو موقف آهي، منهنجو موقف اهو آهي تہ ڪا بہ صحيح ڪندڙ پارٽي پونم ۾ شامل ٿي سگهي ٿي، توهان جو پنهنجو اسٽينڊ آهي، اسان جو پنهنجو آهي، هر ڪنهن کي ڳالهہ ڪرڻ جو حق آهي، فيصلو پونم ۾ اندر ٿيندو.

**(روزاني عبرت، حيدرآباد — 27 آڪٽوبر 2000ع)**